سياسي، سماجي مسئلن تي تجزيا ۽ ادبي مواد

ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

نومبر 2022



## ملڪ ۾ گئس جي ورهاست بدانتظاميءَ جو شڪار

ABC Certified | ماهوار مئگزين هسري ڪي حيدرآباد | Regd. No: 3160-A


04 ايڊيٽوريل

**حالات حاضره**

05 آرمي چيف ڪير؟ — شهريار رحمان ڪوسو
07 يوڪرين جنگ ۽ عالمي صورتحال جو جائزو — محمد يوسف پتو

**ادب، تاريخ، سائنس ۽ سماجيات**

09 سنڌي قومپرستيءَ جي ٽين ڪنڊ: جمن دربدر — نواز خان زئور
13 سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن رسم الخط وقت جي ضرورت — يون سنڌي
15 ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي سنڌ جو ناميارو محقق ۽ نقاد — ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي
17 همعصر اديبن تي تنقيد — شبير ڪوڪر
19 2022 ۾ ڪيميسٽري جو نوبيل انعام حاصل ڪندڙ..... — سرمد ڪوسو
20 زاهد منگي هڪ ڪميٽڊ انسان ۽ باصلاحيت ڪهاڻيڪار — عيسيٰ ميمڻ
22 استاد — خواجہ غلام علي ڪوساڻي
24 TED Talks خيال ونڊڻ جو سگهارو پليٽ فارم — ڪامران جتوئي
26 هي ريڊيو پاڪستان آهي — سرور رشيد صديقي
27 امرتا پريتم جي ڪتاب جو جائزو: ”ايڪ ٿي سارا“ — سنجها چنا
29 چڪرا ڳوٺ ڪان ڳڏاڻي تائين — مهر فقير
32 ذبيح عباسيءَ جي ڪتاب ”چنڊ تنهنجي ذات“ تي هڪ نظر — رياض ابڙو

**ڪتاب تي تبصرو**

34 جديد سنڌي ڪهاڻي تنقيدي تجزياتي جائزو — مرتضيٰ ناز

**انٽرويو**

36 لوڪ فنڪاره تاج مستاني — زاهده ابڙو

**ناول**

39 سمر قند — زاهده ابڙو

**ڊائري جا ورق**

42 ڊائري جا ورق — يون سنڌي
43 ڊائري جا ورق — خواجہ غلام علي ڪوساڻي
44 ڊائري جا ورق — نفيس نهڙي

**ڪهاڻيون**

45 سڪ وندي — انجنيئر عبدالوهاب سهتو
51 بازار حُسن — سدره شاه

**شاعري**

54 شاعري

**پينٽنگ**

55 پينٽنگ — امير سيال

# همسري ٽيم


| | |
|---|---|
| مئنيجنگ ايڊيٽر: | ڊاڪٽر شمس صديقي |
| ايڊيٽر: | زاهده ابڙو |
| جوائنٽ ايڊيٽر: | ارم محبوب |
| سب ايڊيٽر: | غلام نبي سومرو |
| | لطيف گاد |
| سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر: | علي کهاوڙ |
| ڊجيٽل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر: | محب علي سيال |
| | سيد مدد علي شاه |
| ڪمپوزنگ: | سليم سولنگي |
| ڊيزائين اينڊ لي آئوٽ: | شهزاد علي منگواڻو |
| آفيس ايڊريس: | بي -49 شريف اسڪوائر<br>حسين آباد، حيدرآباد، سنڌ |



03322886067 humsari.magazine Humsari Sindh

022-6118447 022-6118447 humsari.sindh.pk@gmail.com humsari.com


Volume: 08 | Number: 11 | November 2022



# سياري ۾ گئس سپلاءِ ۾ گهٽتائيءَ جو اعلان

**نومبر**

جو مهينو شروع ٿي چڪو آهي. گرمي الوداع چئي پنهنجا پر سوروڻ شروع ڪيا آهن، سياري جي آڌر ڀاءُ جون تياريون آهن. هن سال گهڻين برساتن جي ڪري سنڌ جي مختلف شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ اڃان به برسات جو پاڻي بيٺل آهي. اهڙي صورت ۾ موسم جي تبديليءَ ۾ شدت جي احساس کي محسوس ڪري سگهجي ٿو ته سيارو وقت کان اڳ ڪر موڙي اٿيو آهي ۽ شايد شدت سان پنهنجي هجڻ جو اعلان ڪندو. اهڙي وقت ۾ وفاقي حڪومت اڳ ۾ ئي اهو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته ملڪ ۾ گئس جي قلت سياري ۾ شدت اختيار ڪندي. آئين موجب جنهن صوبي مان جيڪي وسيلا نڪرن ٿا پهرين انهن تي اتان جي صوبي واسين جو حق آهي، پر اسان جي ملڪ ۾ جنهن به صوبي مان جيترا به وسيلا هٿ اچن ٿا اهي پهرين پنجاب ۽ اسلام آباد جي ماڻهن لاءِ استعمال ٿين ٿا ۽ پوءِ ان صوبي جي رهواسين جو وارو اچي ٿو جتان اهي وسيلا هٿ اچن ٿا. هن ملڪ جي عوام جي بدقسمتي اها آهي ته نه مارشلا جي دور ۾ ۽ نه وري جمهوري دورن ۾ عوام لاءِ بهتر حڪمت عملي سان وسيلن جو درست استعمال ڪرڻ لاءِ ڪا ٺوس منصوبابندي نظر آئي آهي. ملڪ مان جيترا به گئس جا وسيلا هٿ آيا تن کي CNG گاڏين ۾ ٻاري ختم ڪيو ويو ۽ اڃان تائين به گاڏين جي ٻارڻ لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي. اهو ڪنهن به ملڪ جي وسيلن جي غلط استعمال ۽ بد انتظامي جو وڏي ۾ وڏو ثبوت آهي جو جنهن وسيلن سان توهان ڪيترن ئي سالن تائين گهرن جون چلهيون گرم ڪري سگهو ٿا ۽ فيڪٽرين ۾ پيداوار ڪري سگهو ٿا، ان وسيلي سان توهان گاڏين کي هلايو ۽ ان جو پاسو وري ٻيو هڪڙو الڳ آهي جو گهٽ معيار وارا سئلينڊر گاڏين ۾ ڦاٽڻ ڪانپوءِ ڪيترائي حادثا منظر عام تي ايندا رهن ٿا.

ظلم اهو آهي ته هن سال گرمين جي موسم ۾ به گئس جو لو پريشر ۽ لوڊشيڊنگ مختلف جاين تي مختلف وقتن تي جاري رهي آهي. اهو حڪومت جو آئيني فرض آهي ته پهرين گئس گهريلو صارفين کي ڏني وڃي، پر ايئن ٿئي نٿو. 2015ع کان پاڪستان قطر کان LNG گئس خريد ڪندو رهيو آهي، پر ان جي باوجود طلب ۽ رسد جي وچ ۾ هڪ وڏو خال هميشه رهيو آهي. هن وقت يورپ ۾ به ٻارڻ جي کوٽ سامهون اچي رهي آهي ۽ مختلف ملڪن جا باشندا پنهنجن ملڪن کان ڪجهه مهينن لاءِ سياري وارو عرصو گذارڻ لاءِ گرم ملڪن جو رخ ڪري رهيا آهن. اهڙن ملڪن ۾ توانائي جي وسيلن لاءِ متبادل ذريعا تلاش ڪيا پيا وڃن. اسان جي ملڪ ۾ خوشقسمتي سان سج جي روشني سڄو سال وافر مقدار ۾ موجود رهي ٿي، پر بدقسمتي اها آهي ته ان کي توانائيءَ جي متبادل طور استعمال ڪرڻ لاءِ اڃان تائين ڪي ميگا پروجيڪٽ نه لڳايا ويا آهن جنهن سان گئس جو متبادل حل تلاش ڪري سگهجي ٿو. هن وقت پاڪستان جو عوام هڪ تمام گهڻي مشڪل دور مان گذري رهيو آهي. عام ماڻهو جي سالياني آمدني وڌڻ جي بجاءِ قوت خريد ۾ بي پناهه گهٽتائي اچي رهي آهي. اهڙي صورت ۾ جيڪڏهن عوام کي گئس جهڙين بنيادي ضرورتن کان به محروم ڪيو ويو ته عوام جي مٿان تمام گهڻو بار پوندو جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي مسئلا ڪَرُ کڻي اڀا ٿي پوندا.

بهتر اهو ئي ٿيندو ته حڪومت پنهنجي انتظامي صلاحيتن کي استعمال ۾ آڻي موجوده گئس جي ذخيرن کي Smart انداز ۾ استعمال ڪري ۽ گهريلو صارفين کي ترجيحي بنيادن تي گئس جي سپلاءِ کي ممڪن بڻائي ته جيئن غريب عوام جو سيارو آرام سان گذري سگهي.

❊❊❊

# آرمي چيف ڪير؟



شهريار رحمان کوسو

انسان جي تهذيبي تاريخ ۾ فوج جو اهم ڪردار رهيو آهي. مضبوط فوج هر دور جي ضرورت رهي آهي. دنيا جي وڏين طاقتن پنهنجي فوج ذريعي ئي دنيا تي حڪمراني قائم رکي آهي. دنيا ۾ جيڪي به وڏيون سلطنتون رهيون آهن انهن هميشه پنهنجي فوج کي مضبوط ڪيو، چو ته مضبوط فوج ئي انهن جي بقا جو سبب هئي. تاريخ ۾ صاف ظاهر آهي ته جڏهن به ڪنهن سلطنت جي فوج ورهائجي وئي يا ڪمزور ٿي ته ٻين طاقتن انهن تي حملو ڪري انهن جا ٽوٽا ٽوٽا ڪري ڇڏيا. مطلب ته انساني تاريخ ۾ ڪنهن رياست لاءِ فوج جو هجڻ ايئن آهي جيئن زنده رهڻ لاءِ ساهه جي ضرورت هجي ٿي. اڳاٽي دور ۾ هڪ بهادر دلير جنگجو جي ايئن شهرت هوندي هئي جيئن اڄ ڪنهن ڪرڪيٽر يا فلم اداڪار جي هوندي آهي. ان کان علاوه ان وقت جو هر سياستدان هڪ جنگجو هوندو هو، بلڪه فوجي مشقون ۽ جنگيون ئي سياست هوندي هئي. ان وقت اهو ممڪن ئي نه هو ته ڪو شخص رياستي معاملن ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهري ۽ هو هڪ جنگجو نه هجي. بهرحال! وقت سان فوج جي طرز ۽ حڪمت عملي ۾ فرق آيو. ظاهر آهي ته هر ايندڙ وقت سان ٽيڪنالاجي ۾ ترقي ايندي وئي ۽ جديد جنگي ساز و سامان فوجن ۾ ايندو ويو، تنهن ڪانسواءِ فوجي سوچ ۽ فلسفو به تبديل ٿيندو ويو، ان لاءِ اڄ جو فوجي نظام اڳاٽي نظام کان گهڻو تبديل ٿيل آهي. اڄ فوج بابت اهو نظريو ناهي رهيو جيڪو پهرين هو، اڳاٽي وقت ۾ جنگين ۾ فوج ڪشي کي بهادري ۽ شجاعت جو سبب سمجهيو ويندو هو ۽ هڪ جنگجو کي ليڊر طور مڃيو ويندو هو، پر هاڻي ايئن ناهي اڄ هڪ بهادر فوجي کي عزت ته ڏني وڃي ٿي، پر جنگين ۽ لشڪر ڪشي کي پسند نٿو ڪيو وڃي. اڄ دنيا ۾ فوج هڪ ضابطي ۽ قانون ۾ رهي پنهنجو ڪم ڪري ٿي. جڏهن ته اڳي اهڙو طرز موجود نه هو اڄ جي انسان فوجي طرز عمل کي مڪمل تبديل ڪيو آهي. اڄ اصولي طور تي سياست ۽ فوج يا چئجي ته حڪومت ۽ فوج الڳ الڳ آهن. پر اڳاٽي دور ۾ ايئن نه هو ملڪ يا سلطنت جو سربراهه هڪ جنگجو ئي هوندو هو، پر وقت سان سوچ تبديل ٿي ۽ سياست جو دائرو وڌايو ويو. جنهن سان فوج کي حڪومت جي ماتحت آندو ويو ۽ اهڙا قانون ناهيا ويا جو فوج کي ملڪ جي سرحد ۽ ملڪ جي دفاع تائين محدود ڪيو ويو ۽ فوج کي ملڪ جو مالڪ نه، پر ٻين ادارن جيان هڪ ادارو ڪيو ويو. تنهن ڪانسواءِ فوج جي سربراهه کي قانوني طور پابند ڪيو ويو ته هو ملڪ جي آئيني سربراهه يعني وزيراعظم يا صدر اڳيان جوابده آهي ۽ هو ڪو به وڏو فيصلو حڪومت جي مرضي کان بغير نٿو وٺي سگهي. اهي سڀ سڌارا هٿا جيڪي وقت سان گڏ فوجن ۾ ڪيا ويا، تنهن سان اسان ڏسي سگهون ٿا دنيا ۾ فوج ۽ سياستدانن ۾ واضح فرق رکيو ويو آهي. جڏهن ته پهرين ايئن نه هو بلڪه ان وقت اهو ضروري هو ته ملڪ يا سلطنت جو والي يا ليڊر هڪ جنگجو هجي. مثال طور: سڪندر اعظم يعني اليگزينڊر جي استاد ارسطو ان کي جنگي مشقن جي به سکيا ڏني. چو ته ان وقت حڪمراني جو مطلب جنگ ڪرڻ هو. هر اهو شخص جنهن کي ليڊر ٿيڻو هوندو هو، اهو پهرين جنگجو ٿيندو هو. بهرحال! وقت سان گڏ فوج ۽ جنگ جي فلسفي ۾ تبديلي ايندي وئي.




فوج جو سربراهه، ڪمانڊر يا سپهه سالار پنهنجي فوج جي اڳواڻي ڪندو آهي ۽ فوج جي اندر اهو اصول آهي ته پنهنجي چيف جي هر حڪم کي مڃجي. آرمي چيف کي پنهنجي فوج مٿان غير معمولي اختيار حاصل ٿين ٿا ۽ اهي اختيار قديم دور کان وٺي فوجي سربراهه کي حاصل آهن. چو ته فوج جو سپهه سالار ئي فوج کي منظم ڪري هلائيندو آهي، ڪنهن به فوج جو اتحاد ۽ اتفاق پنهنجي سپهه سالار جي ڪري ئي قائم هوندو آهي. جيڪڏهن فوج اندر پنهنجي سپهه سالار تي اعتماد ختم ٿي وڃي ته فوج ۾ بغاوت شروع ٿي ويندي آهي. فوج جو اتحاد ان جي سربراهه تي اعتماد جي ڪري ئي هوندو آهي. ماضي ۾ به ايئن ئي ٿيو آهي ته جڏهن به فوج اندر بغاوت ٿي آهي ان جو ڪارڻ پنهنجي ئي فوجي سربراهه تي عدم اعتماد پيدا ٿيو. تاريخ ۾ ۽ هاڻي عدم اعتماد کي هڪ هٿيار طور استعمال ڪيو ويندو آهي. دشمن ڌر هميشه ان ڪوشش ۾ رهندي آهي ته سامهون واري فوج اندر اعتماد ۽ اتحاد کي گهٽ ڪيو وڃي ۽ ان جو طريقو اهو هوندو آهي فوجي قيادت تي اعتماد کي گهٽ ڪيو وڃي.

هن وقت دنيا جي 195 ملڪن مان سواءِ 39 ملڪن جي هر ملڪ وٽ پنهنجي پنهنجي فوج آهي، پاڪستان دنيا جي انهن ملڪن مان هڪ آهي جيڪي هڪ بهترين فوج رکن ٿا. پاڪستان جي دفاع جو نظام دنيا جي بهترين نظامن مان هڪ آهي. دنيا ۾ اهڙا گهٽ ئي ملڪ آهن، جن جو دفاعي نظام ايترو مضبوط هجي جيترو پاڪستان جو آهي. پاڪستان جي آرمي ۽ دفاع جو سڄو نظام ناقابل يقين حد تائين مضبوط آهي، هي ملڪ دنيا جي انهن وڏن ملڪن مان هڪ آهي جنهن وٽ ايٽمي هٿيار آهن. بهرحال! اڄ دنيا جو دفاع وارو نظام پهرين کان گهڻو منفرد ۽ تبديل ٿيل آهي، اڄ ملڪن وٽ دفاع جي شعبي ۾ مختلف قسمن جي فوج آهي جنهن ۾ فوج جيڪا سرحدن جو دفاع ڪرڻ تي مامور آهي ۽ نيوي جيڪا پاڻي جي سرحدن جي محافظ آهي. فضائي فوج (ايئر فورس) جيڪا ملڪ جي فضائي سرحدن جي حفاظت تي مامور هوندي آهي. ان کان علاوه اها فوج جيڪا سيني کان وڌيڪ طاقتور ۽ اثرائتي آهي اها آهي خفيه فوج جيڪي يونيفارم جي بغير ۽ نظر نه ايندڙ جنگ وڙهن ٿا اها آهي انٽيليجنس ادارن جي فوج، اڄ دنيا ۾ روايتي جنگين جو فلسفو ختم ٿي چڪو آهي، اڄ خفيه ايجنسين ذريعي جنگ وڙهي وڃي ٿي ۽ اها جنگ معلومات جي بنياد تي وڙهي وڃي ٿي، ان لاءِ پاڪستان سميت دنيا جي سمورين انٽيليجنس ايجنسين جا فوجي ڏينهن رات پنهنجي ملڪ خاطر معلومات حاصل ڪرڻ ۾ مصروف آهن. اڄ جي ڊجيٽل دور ۾ جتي سافٽويئر ڊيٽا جو ڪم ۽ اهميت تمام وڌي وئي آهي اتي دنيا جا انٽيليجنس ادارا ڊجيٽل سطح تي به پنهنجي پنهنجي ملڪ جو دفاع ڪن ٿا.

پاڪستان جي آرمي هڪ طاقتور مضبوط ۽ منظم ادارو آهي. ان کان علاوه پاڪستان جي آرمي ملڪ ۾ سيني کان وڌيڪ اثرائتي ڌر آهي. بين الاقوامي سطح تي ڪو ملڪ جيڪڏهن پاڪستان سان ڪنهن اهم معاملي تي سنجيده ڳالهه ڪرڻ گهرندو آهي ته اهي

پاڪستان جي سياستدانن کي چڙي فوجي قيادت سان معاملا طئي ڪندو آهي. چو تہ پاڪستان ۾ فوج سياستدانن کان وڌيڪ سنجيده ۽ طاقتور سمجهي ويندي آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ پاڪستان جي بقا ان جي فوج تي آهي، تنهن ڪانسواءِ ٻئي طرف پاڪستان جي فوج تي اعتراض ڪيو ويندو آهي تہ اهي سياست سميت ملڪ جي هر اداري تي اثر انداز ٿين ٿا. پاڪستان جي فوج جو ان قسم جو ڪردار ادا ڪرڻ جو هڪ مضبوط پسمنظر آهي.

1948 ڪانپوءِ جڏهن پاڪستان جي باني محمد علي جناح جي وفات ٿي ۽ ان جي بيماري بابت ڳالهيون سامهون آيون تہ انگريز حڪومت جي اهم ڪارڪن بيان ڏنو تہ جيڪڏهن اسان کي جناح جي بيماري بابت پهرين علم هجي ها تہ اسان پاڪستان ٺاهڻ جي منظوري شايد نہ ڏيئي سگهون ها. چو تہ پاڪستان جناح سان ئي وابستہ هو ۽ جيڪر پاڪستان جي مستقبل کي بهتر ڪرڻو آهي ۽ ان جي سياست جمهوريت قانون کي نافذ ڪرڻو آهي تہ پوءِ جناح جو زنده رهڻ انتهائي ضروري آهي. بهرحال! جناح ڪانپوءِ جيڪي بہ سياسي ليڊر آيا جن پاڪستان جي حڪومت هلائي انهن ان سوچ ۽ فلسفي کي چڏي ڏنو جيڪو جناح پاڪستان لاءِ سوچي رکيو هو ۽ ايئن جناح ڪانپوءِ پاڪستان جي سياست ۽ سياستدان غير موثر ۽ ڪمزور ٿيندا ويا. نتيجي ۾ جنرل ايوب ڪانپوءِ پاڪستان جي فوجي قيادت سياست ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ انهن تي عوام جو اعتماد بہ وڌندو ويو. پوئين سالن ۾ جڏهن ذالفقار علي ڀٽي کي بہ موقعو مليو تہ هو پاڪستان جي جمهوري ۽ سياسي قوتن کي مضبوط ڪري، پر ڀٽي صاحب الٽو پاڪستان جي فوج کي سياست ۾ آندو ۽ ان کي پنهنجي سياسي مخالفن خلاف استعمال ڪيو. نتيجي ۾ فوج نہ چاهيندي بہ سياست ۾ ڪردار ادا ڪندي رهي. پاڪستان جي تاريخ جو جيڪڏهن اڀياس ڪجي تہ اهو ظاهر ٿيندو تہ ملڪ جي جمهوري حڪومت ۽ سياستدان ايترا تہ ڪمزور ۽ مفاد پرست رهيا آهن جو انهن ڪڏهن اها سنجيده ڪوشش بہ نہ ڪئي جو ملڪ ۾ فوج کان وڌيڪ جمهوري قوتن جو اثر هجي، بلڪہ جڏهن فوج پاڻ بہ سياسي عمل کان پري رهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سياستدانن اهڙا تہ بحران پيدا ڪيا آهن جو مجبور ٿي فوج مداخلت ڪئي آهي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ جمهوري حڪومتن قانون ۽ آئين کي نظر انداز ڪندي ۽ ترميمون ڪندي اهڙي جنرلن کي آرمي چيف ٺاهيو جيڪي جونيئر هئا جيڪڏهن قانون مطابق ۽ ميرٽ ۽ حق جي بنياد تي آرمي چيف لڳايو وڃي ها تہ اڄ سياسي عمل ۾ فوج پاڻ بہ مداخلت کان پري رهي ها، پر ايئن نہ ٿيو سياستدانن هميشہ فوج کي پنهنجي ذاتي ۽ سياسي مخالفن خلاف استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهن جي ڪوشش رهي آهي تہ من پسند ماڻهو کي چيف لڳايو وڃي، بلڪہ اهڙي آفيسر کي لڳايو وڃي جيڪو اسان جي مرضي تي هلي، پر ظاهر آهي تہ فوج هڪ منظم ادارو آهي هو ڪيئن ڪنهن جي مرضي تي هلي سگهي ٿو. ماڻهو

فوج جي سياسي ڪردار تي تنقيد ڪندا آهن، پر ٻئي طرف سوال اهو بہ آهي تہ ڇا پاڪستان ۾ جمهوري ۽ سياسي ڌر ايتري مضبوط آهي جو هو ملڪ اڪيلي هلائي سگهن؟ ڏسو فوج جو سياسي ڪردار صحيح آهي يا غلط اهو سوال بعد جو آهي اصل سوال اهو آهي تہ ڇا هيءَ قوم ۽ انهن جا سياسي ليڊر ملڪ هلائي سگهن ٿا؟ پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ سياستدانن قابل تعريف ڪردار ادا نہ ڪيو آهي ۽ نہ انهن پنهنجي جمهوري ۽ سياسي نظام کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، بلڪہ انهن پاڻ اها ڪوشش ڪئي آهي تہ فوج اچي سياسي معاملا طئي ڪري. پوءِ جڏهن ايئن ٿيندو تہ پوءِ ظاهر آهي تہ ڪنهن ڌر کي تہ ملڪ هلائڻو آهي نہ! ياد ڪرڻ کپي تہ 1971 ۾ جيڪڏهن سياسي ليڊر پنهنجي شڪست تسليم ڪري ها تہ پاڪستان نہ ٽٽي ها. چو تہ 1971 ۾ بہ سياستدانن نالائقي ۽ ضد جو مظاهرو ڪيو هو ۽ پوءِ مجبور ٿي غير سياسي عمل ڪرڻو پيو، جنهن جو نتيجو خراب نڪتو.

پاڪستان آرمي جو سپهہ سالار جنرل قمر جاويد باجوه 2022 نومبر ۾ رٽائرڊ ٿئي ٿو، چيف صاحب پنهنجو دور سٺو گذاريو، جنرل صاحب ملڪ جي طاقتور ترين عهدي تي رهي ڪري بہ پنهنجو وقت سنجيدگي سان گذاريو ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ عمران دور ۾ جتي سياست سميت پاڪستان جي هر اداري کي آلوده ڪيو ويو اتي چيف بابت بہ غلط ۽ غير سنجيده پروپيگنڊا ڪئي وئي ۽ عمران ڪوشش ڪئي تہ هو فوج تي پريشر ڏيئي پنهنجي حق ۾ فيصلا ڪرائي سگهي، پر ايئن نہ ٿي سگهيو باجوه صاحب جي قيادت ۾ فوج ملڪ جي خاطر سنجيدگي جو مظاهرو ڪيو نہ تہ جيڪا زبان عمران فوج خلاف استعمال ڪرائي پيو تہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهجي پيو. بهرحال! هاڻي سوال اهو آهي تہ نئون چيف ڪير ٿيندو؟ پاڪستان جي سياسي ڌر جي نالائقي ۽ ڪمزوريءَ سبب انهن لاءِ اهو تمام ڏکيو ڪم هوندو آهي تہ هو ڪنهن کي نئون چيف مقرر ڪن؟ چو تہ انهن کي اهڙو ماڻهو کپندو



آهي جيڪو انهن جي مرضي تي هلي ۽ ٻئي طرف سياسي ڌر کي اهو بہ علم هوندو آهي تہ اسان جي ڪمزورين سبب سياسي خلا موجود آهي ۽ سياسي ڌر کان وڌيڪ عسڪري ڌر طاقتور آهي ان لاءِ هو اهڙو چيف مقرر ڪرڻ گهرندا آهن جيڪو انهن جي مرضي مطابق هلي. ان لاءِ وزيراعظم سميت سڄي سياسي ڌر پريشان ۽ غير يقيني جو شڪار هوندي آهي تہ ڪنهن کي چيف مقرر ڪجي ۽ پوءِ ماضي جيان ميرٽ کي لتاڙي ڪنهن جونيئر کي چيف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي يا ڪنهن اهڙي شخص کي چيف بڻايو ويندو آهي جنهن جا سياسي مقصد هجن جيئن عمران خان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيو. تحريڪ عدم اعتماد کي ناڪام ڪرائڻ لاءِ عمران جنرل باجوه کي استعمال ڪرڻ پيو گهري. عمران جي مرضي ۽ مقصد هو تہ عدم اعتماد کي ناڪام ڪرائي نومبر ۾ اهڙي شخص کي چيف لڳائي جيڪو سندس مرضي تي هلندو ۽ سندس اقتدار کي طول ڏيڻ ۾ مدد ڪندو. بهرحال! ڪرڻ نہ ڏنو ويو ۽ هاڻي شهباز شريف حڪومت کي اهو چئلينج درپيش آهي تہ هو ڪنهن کي ٿو آرمي جو چيف مقرر ڪري، آرمي چيف مقرر ڪرڻ جو حتمي اختيار ملڪ جي وزير اعظم وٽ هوندو آهي، پر اداري جي مشاورت پڻ شامل هوندي آهي، ان لاءِ شهباز شريف پنهنجي ڪابينا سميت سياسي پارٽين ۽ اداري سان نئين چيف بابت مشاورت ۾ مصروف آهي. ٻئي طرف اپوزيشن ۾ ويٺل عمران احتجاج ۽ لانگ مارچ جي ڌمڪين ذريعي نئين چيف جي مقرري بابت مشاورت ۾ شريڪ ٿيڻ گهري ٿو. ان جو مقصد آهي تہ پي ٽي آءِ کي نئين چيف بابت مشاورت ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ انهن جي پسند نا پسند کي نظر ۾ رکيو وڃي. بهرحال! هاڻوڪي صورتحال ۾ اهو ممڪن ناهي تہ آرمي چيف بابت عمران سان مشاورت ڪئي وڃي. آرمي چيف لاءِ هن وقت مشاورت لاءِ جنرل عاصم منير، جنرل ساحر شمشاد مرزا، جنرل اظهر عباس، جنرل نعمان محمود، جنرل فيض حميد ۽ جنرل محمد عامر جا نالا شامل آهن. منهنجي ذاتي راءِ ۾ جنرل فيض حميد کي تہ شهباز حڪومت چيف نہ ڪرڻ گهرندي، باقي ٻين نالن تي غور ڪيو ويندو. منهنجي پاڪستان جي عام شهري جي حيثيت سان حڪومت کي درخواست آهي تہ پاڪ فوج پاڪستان جو اهم ادارو آهي جنهن سان پاڪستان جي بقا وابستہ آهي ان لاءِ پنهنجي سياسي مقصدن کان بالاتر ٿي ڪري ان شخص کي آرمي چيف مقرر ڪيو وڃي جيڪو سينيئر هجي ۽ جنهن جو حق هجي ۽ اها روايت ختم ٿيڻ گهرجي تہ آرمي چيف جي مقرري وقت اداري کي سياست جي نظر ڪيو وڃي. چو تہ ان عمل سان اداري سميت رياست جي ساک متاثر ٿيندي آهي، پر بدقسمتي سان اسان جا سياستدان اداري کي پنهنجي سياسي بقا لاءِ استعمال ڪرڻ گهرندا آهن. هن وقت پاڪستان ۾ جيڪو سياسي بحران آهي جنهن جي شروعات اپريل کان ٿي ان جو بنيادي سبب آرمي چيف جي مقرري هو ۽ هاڻي بہ اها ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ اداري جي اهم فيصلي تي اثر انداز ٿي سگهجي ۽ مرضيءَ جا فيصلا ڪرايا وڃن.

***



محمد يوسف پتو

# يوڪرين جنگ ۽ عالمي صورتحال جو جائزو

(حصو ٻيون)

## هي مضمون

گذريل مضمون ”روس يوڪرين جنگ ۽ سواليه نشان بڻيل عالمي امن“ جي تسلسل ۾ لکيل آهي.

گذريل مضمون ۾ اسان ذڪر ڪيو هو ته يوڪرين جنهن جي فوج جو انگ محض 2 لک آهي ۽ آمريڪا، يورپ پلس نيٽو جي پٺڀرائي تي روس سان پنهنجا معاملا خراب ڪري ويٺو. هتي اها وضاحت به ضروري آهي ته روس دنيا جو اهو ملڪ آهي جيڪو پکيڙ جي لحاظ کان دنيا جو سڀ کان وڏو ملڪ آهي. روس جي پکيڙ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳايو جو هن ملڪ ۾ يارهن Time zones آهن. واضح رهي ته روس جي فوج 9 لک آهي، جڏهن ته دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ ائٽمي اسلحو به ان وٽ آهي. روس بعد آمريڪا وٽ سڀ کان وڏيڪ ائٽمي اسلحو آهي. عالمي سطح تي امن تي تحقيق ڪرڻ واري سوئيڊن جي اداري اسٽاڪ هوم انٽرنيشنل پيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ (سِپرا) موجب ”دنيا جو 90 سيڪڙو ائٽمي اسلحو هنن ٻن ملڪن وٽ آهي“ ڳڻتي جوڳي ڳالهه اها آهي ته انهن ٻنهي ملڪن جا تعلقات گهڻا خراب ۽ ڇڪتاڻ وارا رهيا آهن، سو هنن ملڪن ۾ سڌو ٽڪراءُ دنيا جي تباهي برابر هوندو.

ايئن به ناهي ته رڳو يوڪرين واري معاملي سبب دنيا ۾ امن جو پڪي زخمي ٿيو آهي، پر اوڀر ايشيا ۾ آمريڪي سامراج پاران اتر ڪوريا ۽ چين کي Counter ڪرڻ لاءِ اڳرائي جي ارادن کان ويندي نام نهاد يهودي رياست اسرائيل پاران وچ اوڀر ۾ فلسطيني گهرن کي مسمار ڪري غير قانوني يهودي وسندين جي اڏاوت، انڊيا ۾ اقليتن تي بي جي پي جي حڪومت پاران ظلمن جو اڻ کُٽ سلسلو به عالمي امن لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿيو آهي. فلسطين جي 90 سيڪڙو علائقي ۽ اُتان جي 80 سيڪڙو پاڻي جي نئين سر چشمن تي قابض ٿي ويل اسرائيل، دنيا جهان جو اسلحو گڏ ڪري به سخت بيچيني ۾ رهي ٿو، جو هو وري به هر طرف کان عرب ملڪن جي گهيري ۾ آهي. حزب الله ۽ حماس سبب ان جا الڳ سُک ڦٽل آهن. يمن مسئلو به سنگين انساني الميي کي جنم ڏيئي رهيو آهي.

خير اسين پنهنجي اصل موضوع يوڪرين تي واپس ايندي اها تفصيلي وضاحت به ڪندا هلون ته گذريل ڪالم ۾ اسان ذڪر ڪيو هو ته يوڪرين دنيا جو ذرخيز ترين ملڪ آهي. يورپ ۾ هن کي کاڌي جي ٽوڪري Food Basket Of Europe چيو وڃي ٿو ۽ دنيا جي ٿالهي ۾ سئو مانين مان نَو مانيون يوڪرين جون هونديون آهن. سبب اهو آهي ته يوڪرين ۾ ڪڻڪ وڏي پيماني تي ٿئي ٿي، خود روس ۾ به وڏي پيماني تي ڪڻڪ ٿئي ٿي. يعني روس ۽ يوڪرين گڏيل طور تي دنيا ۾ 30 سيڪڙو ڪڻڪ پيدا ڪن ٿا. يعني هنن ٻنهي ملڪن ۾ جنگ دنيا ۾ غذائي کوٽ جو انديشو پيدا ڪيو آهي، گڏيل قومون اڳ ۾ ئي وڏي ”عالمي بک جي بحران“ جي وارننگ ڏيئي چڪيون آهن. روسي حملي کانپوءِ وڌندڙ مهانگائي ۽ توانائي جي کوٽ سبب مغربي ملڪن کي سخت حالتن کي Face ڪرڻو پئجي رهيو آهي. واضح رهي ته يورپ جي 40 سيڪڙو گئس ۽ 26 سيڪڙو تيل جي ضرورت اڃان به روس پوري ڪري رهيو آهي. روس انهن کان Payment پنهنجي ڪرنسي روبيل ۾ وٺي پيو. جنهن عمل آمريڪي ڊالر جي اجاراداري کي چئلينج ڪيو آهي، پر يورپ آمريڪا جي ڍَسيل رستي تي هلندي روس جي هر معاملي ۾ بائيڪاٽ ڪري رهيو آهي. خيال ڪيو پيو وڃي ته آمريڪا يورپ کي پنهنجي گئس ۽ تيل وڪرو ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو، پر يورپ ان ٻڌتر ۾ به آهي ته آمريڪي تيل ۽ گئس ڪيس گهڻي مهانگي پوندي سا به جلد ملڻ واري ناهي. سو اگر ايندڙ سردين ۾ روس گئس جي بندش ڪئي ته يورپ ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ عالمي ميڊيا هن سال مئي جي شروعاتي ڏينهن ۾ خدشو ڏيکاري چڪي آهي ته اگر يورپ کي روسي تيل، گئس نه ملي ته يورپ ٺٺي ويندو.



آمريڪا ۽ يورپ روس تي پابندين ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي، پر عالمي ميڊيا موجب روس پنهنجو تيل، گئس ۽ Military Hard wares وڪرو ڪرڻ ۽ موٽ ۾ پنهنجي ڪرنسي روبل ۾ payment طلب ڪرڻ جي ڪري روبل جي قدر ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. اپريل بعد روسي ڪرنسي روبل، ڊالر ۽ يورو کي ٽڪر ڏيئي رهي آهي. روبل 2 سالن جي هاءِ ليول تي پهچي ويو. روبل جي پوزيشن مضبوط ٿيڻ تي دنيا حيران آهي.

روس ۽ نيٽو ۾ وڌندڙ عداوتن جا جيڪي سبب آهن تن ۾ هڪ سبب هي به آهي ته روس ان ڳالهه تي به چڙيل آهي ته 90ع واري ڏهاڪي ۾ آمريڪا ۽ نيٽو سان ٿيل معاهدي جي نيٽو پاران خلاف ورزي ٿي رهي آهي ته هو نيٽو کي روس جي سرحدن ۽ آسپاس جي ملڪن تائين توسيع نه ڏيندا يعني

روس جي پاڙيسري ملڪن کي نيٽو اتحاد ميمبر نه ٺاهيندو. پر يوڪرين معاملي ۾ نيٽو خلاف ورزي ڪئي. ان کي ٽريننگ ڏيڻ ۽ اتي هٿيار ذخيرا ڪرڻ روس دشمني نه هئي، پر امن دشمني به چئي سگهجي ٿي. هوڏانهن ڪجهه مهينا اڳ روس جا پاڙيسري ملڪ سوئيڊن ۽ فن لينڊ نيٽو ۾ شامل ٿيڻ جا اعلان ڪري چڪا آهن ۽ نيٽو اجلاس ۾ شرڪت به ڪري چڪا آهن. نيٽو انهن جي آجيان ڪئي آهي، پر نيٽو جو ميمبر ٿيڻ لاءِ انهن کي هڪ ڊگهي Process مان گذرڻو پوندو. جنهن لاءِ انهن کي طويل انتظار ڪرڻو پوندو. روس مذڪوره ٻنهي ملڪن يعني سوئيڊن ۽ فن لينڊ کي چتاءُ به ڏنو، پر هو نيٽو ۾ وڃڻ لاءِ بضد رهيا. اطلاع آهن ته روس انهن ٻنهي ملڪن جي سرحدن تي اسڪندر ميزائيل ۽ ٻيا خطرناڪ ڏور مار بيلسٽڪ ميزائيل تعينات ڪري ڇڏيا آهن.

روس پنهنجو ايئر ڊفينس سسٽم ۽ ائٽمي اسلحو پنهنجي اتحادي ملڪ بيلا روس ۾ پهچائي ڇڏيو آهي، جتان جنگ جي صورت ۾ پولينڊ ۽ ٻين يورپي ملڪن کي آساني سان Target ڪري سگهندو. اسان پهرين ئي ذڪر ڪيو هو ته عالمي حالتون ان نهج تي پهچي چڪيون آهن جو ڪنهن به گهڙي ڪجهه به ممڪن آهي. حالتون ڏينهن ۾ نه پر ڪلاڪن ۾ تبديل پيون ٿين. اندازو ان مان لڳايو جو روسي صدر ته هڪ هنڌ اهو به چئي چڪو آهي ته ”ان دنيا جو ڪهڙو فائدو جنهن ۾ روس نه هجي“ يعني روس پنهنجي سلامتي کي خطري ۾ محسوس ڪيو ته نيوڪلير هٿيار استعمال ڪندو.

روس ۽ چين ٻئي هائپر سونڪ ميزائيل تيار ڪرڻ ۾ مغرب کان ڪافي اڳتي آهن جيڪو آواز جي رفتار کان 5 دفعا تيز ۽ غير متوقع پرواز جي رستي تي پنهنجي هدف ڏانهن سفر ڪري سگهي ٿو. بلڪ روسي زرڪون ميزائيل ته آواز کان 9 دفعا تيز پرواز ڪري ٿو. روسي Surmat Missile جيڪو آواز کان 11 دفعا تيز آهي ۽ جنهن جو مختصر تفصيل گذريل مضمون ۾ ڏيئي چڪا آهيون. روس آمريڪا کي ان ميزائيل ذريعي نشانو ٺاهڻ جي ڌمڪي به ڏيئي چڪو آهي ۽ هن ميزائيل کي آمريڪا جو Iron Dome اسرائيل جو Patriot Defense System ۽ جرمني جو MANTIS Air Defense System به ٽريڪ نٿا ڪري سگهن. يعني روسي ميزائيلن جو نيٽو وٽ ڪوبه توڙ نه آهي. عالمي ميڊيا ۾ آيل رپورٽ موجب روسي خلائي مرڪز جي چيف تقريبن 2 مهينا اڳ 50 Surmat Missiles تعينات ڪرڻ جو اعلان به ڪري چڪو آهي. واضح رهي ته روسي حملي جي ڌمڪين بعد هن سال جولاءِ ۾ آمريڪي شهر نيويارڪ ۾ ائٽمي حملي کان بچاءُ جي شهرين کي سکيا به ڏني وئي. روس جو سوويت دور ۾ 1979ع ۾ ٺاهيل S-300 Air Defense اڄ به انهن ملڪن جي ڊفينس سسٽم کان ڪيترائي ڀيرا بهتر نتيجا ڏيندڙ ليکيو وڃي ٿو. پر 90ع جي ڏهاڪي ۾ روس جو S-300 سيريز جو اپگريڊ ڪيل دفاعي نظام S-




400 اينٽي بيلسٽڪ ميزائيل دفاعي سسٽم جيڪو 2007ع کان باقائدي Service ۾ آهي، دنيا ۾ بهترين ليکيو وڃي ٿو.

برطانيا جي سينٽر فار اڪنامڪس اينڊ بزنس ريسرچ (سي اِي بي آر) موجب ”في الوقت جي وڌندڙ معاشي ۽ عسڪري اثر و رسوخ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ شڪست کاڌل واشنگٽن نوان عسڪري ۽ اقتصادي الائنس ٺاهڻ جي شدت سان ڪوشش ڪري رهيو آهي، جنهن سان چين جي معيشت 2028ع تائين آمريڪا کان اڳتي نڪرڻ جي توقع آهي“ ان ڪري آمريڪا انڊو پئسيفڪ ريجن ۾ The Quadrilateral Security Dialogue between Australia, India, Japan and the United States يعني ڪواڊ جهڙو اتحاد تشڪيل ڏنو آهي. جنهن ۾ آمريڪا چين کي Contain ڪرڻ لاءِ انڊيا، جاپان ۽ آسٽريليا کي ڪٺو ڪري چڪو آهي. جنهن بابت خيال ڪيو پيو وڃي ته اهو فوجي ۽ اقتصادي نوعيت وغيره جو اتحاد آهي. روس هن اتحاد کي ايشيا جو نيٽو قرار ڏيئي آمريڪا مخالف ملڪن کي هوشيار ڪري چڪو آهي.

مستقبل قريب ۾ اها ڳالهه به ڏسڻ جوڳي آهي ته زياده تر يورپي ملڪ جيڪي روسي گئس تي انحصار ڪن ٿا سي ڪهڙن ڏکيائين کي منهن ڏيندا؟ ڇو ته جنگ سبب نيٽو روسي گئس جي خريداري گهٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته ٻئي طرف روس به هن گئس کي يورپ تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ هڪ هٿيار جي طور تي استعمال




ڪري رهيو آهي. روس طرفان جرمني کي گئس سپلاءِ ۾ ڪمي جا اطلاع به آيا يعني ان جو پهريون اثر جرمني تي پيو آهي. جنهن کي گئس جي ڪمي کي منهن ڏيڻو پيو پوي. جرمني ۾ صنعتن لاءِ مسئلا پيدا پيا ٿين. ماڻهن کي گئس جو بنهه گهٽ استعمال ڪرڻ بابت ترغيب ڏني پئي وڃي. اسان جي خيال ۾ يورپ، روس تيل ۽ گئس جو بائيڪاٽ ڪري ايندڙ سردين ۾ ڏڪي ۾ اچي ويندو ۽ گهڻي دير اهو بائيڪاٽ Afford نه ڪري سگهندو. آمريڪا انهن کي وڙهندو ڏسي پَريان ويهي ”نيرو وانگر بانسري ئي وڄائيندو“

توهان آمريڪا جو مزاج ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ ڏسو. تاريخ ٻڌائي ٿي ته آمريڪا ان جنگ ۾ سڌو شريڪ نه ٿيو. هن يورپ کي هٿيار ۽ غذائي شيون وڪڻي خوب ناڻو پئي ڪمايو ۽ جڏهن سيئي ملڪ وڙهي تباهيون ڪري ٿڪا ته جاپان پاران پرل هاربر واري آمريڪي بندرگاهه تي حملي جو جواز ملندي ئي آمريڪا ائٽمي هٿيار استعمال ڪري فاتح بڻجي دنيا جو لٺ سردار ٿي ويهي رهيو. هينئر به توهان کي آمريڪا جو ڪردار اهڙو ئي ڏسڻ لاءِ ملندو.

هوڏانهن خود يورپي يونين ۽ نيٽو ۾ روس جي تيل ۽ گئس جي بائيڪاٽ تي اختلاف پيدا ٿي ويا آهن. هنگري اڳ ئي ان معاملي تي يورپ کي جواب ڏيئي چڪو آهي ۽ خود نيوٽرل حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. سلواڪيا ۽ جمهوريه چيڪ ته هنگري جيان روس جي ويجهو آهن. ڪروشيا جو صدر روسي حامي آهي. جڏهن ته ڪروشيا جو وزيراعظم مغرب کي ترجيح ڏئي ٿو. سربيا جا سياستدان روس سان گڏ آهن.

تجزئي نگارن روس-يوڪرين جهيڙي کي مغرب لاءِ وڏو لوڏو قرار ڏنو آهي. نيٽو ملڪ روس کي يوڪرين تي ڪاهڻ کان روڪي نه سگهيا ۽ صرف پابنديون سواءِ ڪجهه به نه ڪري سگهيا. البته يوڪرين کي هٿيارن جي سپلاءِ تائين محدود آهن. واپار لاءِ مشهور ڪاري سمنڊ تي روس کي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ کان روڪڻ ۾ به نيٽو ناڪام ٿي.

بحيره اسود يا ڪاري سمنڊ تي روسي حاڪميت به نيٽو ملڪن کي ڪنڌو تي لڳي رهي آهي. مغربي ملڪن جي اتحاد نيٽو پاران روس سان سڌي ٽڪراءُ کان پاسو ڪيو ويو ۽ انهن ملڪن پاران روس کي پابندين سان جهڪائڻ واري سوچ جي خام خيالي ۽ ناڪامي آمريڪا ۽ ان جي اتحادين کي پريشان ڪري رهي آهي.

معاشي بحران ۾ مبتلا جوهري هٿيارن سان ليس آمريڪا، برطانيا ۽ فرانس هاڻي ان جنگ مان راهِ فرار اختيار ڪرڻ جي چڪر ۾ آهن. يورپي يونين جي سڀ کان وڏي ملڪ جرمني کي روسي گئس جي بندش جو ته خوف ورائي ويو آهي.

***



نواز خان زئور

# سنڌي قومپرستيءَ جي ٽين ڪنڊ: جمن دربدر

9 آڪٽوبر 2017ع

ڳوٺ احمد خان زئور، ميرپوربٺورو

## جمن دربدر

سان منهنجي سڃاڻپ ذري گهٽ ايتري ئي پراڻي آهي، جيتري سائين جي. ايم سيد ۽ آريسر صاحب سان آهي. هڪڙو ماڻهو، جيڪو سنڌ کي ملڪ مڃي ٿو، ان جي الڳ حيثيت ۽ آزاديءَ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ انهيءَ ڳالهه تي اٽل آهي. پنهنجي اٿلتا ۽ اڏولپڻي ۾ ڪيرٿر وانگر استر اهو ماڻهو تڪليفن، مصيبتن، مخالفتن ۽ قيد و بند جي ڪابہ پرواهہ نٿو ڪري. پنهنجي ڳالهه مٿان هن جو ڳٽُ سسئيءَ جي سفر جيان اٽموٽ آهي. اهو ماڻهو آهي جي. ايم سيد، سن جو سائين.

هڪڙو ماڻهو ڳالهائي ٿو تہ برن کي باهہ لڳي ٿي وڃي. هن جون نندڙيون اکيون جهنگ ۾ وسندڙ ويران مندر ۾ ٻرندڙ ٻن جهيڻن ڏيئن جهڙيون آهن، پر هن جي دل "مُعبدِ ناهيد" آهي، جنهن جي آڳ جا آلا ڪڏهن بہ نٿا اجهامن. هو جڏهن رنگ منچ جي آسڻ تي بيهي ڳالهائي ٿو تہ اهو آڳ جو اُلاءُ سندس شبدن ۾ شعلا شعلا ٿي اپري ٿو ۽ ٻڌندڙن کي پنهنجي جادوءَ ۾ جڪڙي ڇڏي ٿو. اهو سنڌ جي سائي صحرا جو سانورو ماڻهو آهي عبدالواحد آريسر، دلڪش آواز جو ديوتا.

هڪڙو ماڻهو آهي، جيڪو سوزِ دل جي ساز تي ڳائي ٿو تہ ٻڌندڙن جون دليون سندس سر جي زير و بم سان هيٺ مٿي ٿيڻ ۽ ان سان گڏجي ڌڙڪڻ لڳن ٿيون. هن وٽ نہ سازيندا نہ ساز، بس ماچس جو کوکو آهي، جيڪو سر جو پڙلاءُ پيدا ڪري ٿو. وڏي ڳالهه تہ شاعري بہ هن جي پنهنجي آهي. سازيندڙ بہ پاڻ، ڳائيندڙ بہ پاڻ تہ شاعري سرجيندڙ بہ پاڻ. شاعري بہ اهڙي، جيڪا هڪ ئي وقت جي. ايم سيد کي رئاري بہ سگهي ٿي تہ زمان و مڪان کان بالاتر ٿي موت کان ماورا ڪري ڪلائي بہ سگهي ٿي. شاعري زندگيءَ جي لافانيت کي اپاري، جنم جنم جي ڦيري ۾ وصال جي سرگذشت ٻڌجي گونجي ٿي تہ سيد پاڻ کي ازلي ابدي سنڌ جي ٻانهن ۾ ٻڪيل پائين ٿو. هن جي شاعري ۾ معنائن جا انيڪ نوان ستارا جرڪن ٿا ۽ هر ماڻهو انهن کي پنهنجي سمجهہ جي قُطبي ڦاڪن تان ڏسي ٿو، پر جيڪا ڳالهه اهم ڳالهہ آهي اها آهي هيءَ تہ هن جي شاعري ۽ ڳائڻ ۾ سنڌ جي تصوير اپري ٿي. هن جو ڳلو جيڪا بہ گونج اپاري ٿو، اها آزاديءَ ۽ سنڌ جي پنڌ تي سڏي ٿي. انهيءَ ماڻهوءَ جو نالو آهي جمن دربدر، آزاديءَ جي الستي صدا.

جديد سنڌي قومپرستي پنهنجي فڪري اوسر جي بلنديءَ تي پهچي جيڪي ڪردار اڳتي آندا، انهن سنڌي سماج تي گهڻ طرفا ۽ گهرا اثر مرتب ڪيا. مٿيان ٽيئي ڪردار انهيءَ سڄي سٽ ۾ نهايت بلندي ۽ امتيازي حيثيت رکن ٿا. اهي گڏجي هڪڙو ٽڪنڊو ٺاهين ٿا.

جي. ايم سيد قومي سياست ۽ فڪر جي بلند چوٽي.

عبدالواحد آريسر قومي سياست ۽ فڪر جي تنظيمي پکيڙ.

جمن دربدر قومي سياست ۽ فڪر جي ثقافتي اٽت.

اهڙي ئي ڪنهن ترتيب ۽ سٽاءُ سان مون کي ٽنهي سان سڃاڻپ ٿي هئي. اڳتي هلي وقت انهيءَ سڃاڻپ کي ويجهڙائيءَ ۾ تبديل ڪيو. جنهن ڪري مون کي ٽنهي شخصيتن کي ويجهي کان ڏسڻ جو موقعو مليو. مون جيئن جيئن ڪين ڏٺو ٿي، تيئن تيئن سندن محبت جي سڳي ۾ سلهاڙجندو ويس ۽ سندن عظمتن جي روشنين ۾ منور ٿيندو ويس. امرڪوٽ، پدمات جا پٽ ۽ روحل واءِ جي ڪنڌي تاريخي حيثيت رکندڙ علائقا آهن. سنڌ جي لوڪ ادب ۽ جديد شاعريءَ ۾ انهن جو تمام وڏو حصو آهي. هنن پڊن جي ذڪر سان ماڻهوءَ جي من ۾ موتين، مگرن ۽ نازبوئن جون سڳنڌون پکيڙجيو وڃن ۽ ماڻهوءَ جو هانءُ هبڪارجيو وڃي. انهيءَ هبڪار ۾ ڪن نالن يا شخصيتن جي خوشبو پڻ آهي؛ جن مان هڪ نالو جمن دربدر جو آهي. انهن سڳنڌيل پٽن تي عبدالرشيد ساند جي گهر ۾ 12 مئي 1944 تي جنهن ٻارڙي جو جنم ٿيو، انهيءَ جو نالو محمد جمن رکيو ويو. انهيءَ نئين ڄاول ٻارڙي کي اڳيان هلي وڏو ٿي سنڌ جا سڏ ورنائڻا هئا. سڏن ورنائڻ ۽ وچن پاڙڻ جي انهيءَ سفر ۾ ڪيس محمد جمن مان جمن دربدر بڻجڻو هو. جمن دربدر سنڌي قوم کي پنهنجو راڄ ڀاڳ ۽ گهر گهاٽ ڏيڻ لاءِ دربدريءَ جي انهيءَ رستي جي پاڻ شعوري چونڊ ڪئي. جنهن لاءِ يونان جي عظيم آزادي پسند ليکڪ ۽ ناول نگار ڪازان زاڪس چيو هو:

"رت ڪڏهن بہ اجايو نٿو وڃي، ڇا توکي اها ڄاڻ نہ آهي تہ آزادي ٻج وانگر ٿيندي آهي. اها پاڻي ڏيڻ سان نہ ڦٽندي آهي، ان کي رت جو ريج ڏيڻو پوندو آهي. سو اسان هاڻي ٻج جي آبياري صحيح طريقي سان ڪري رهيا آهيون ۽ اهو ڪنهن وقت وڏي ٻوٽو ضرور ٿيڻو آهي."

جمن دربدر آزاديءَ جي انهيءَ ٻج کي پنهنجي لازوال گيتن وسيلي آڪسيجن مهيا ڪئي. نتيجي ۾ هوريان هوريان



اهو ٻج ڪنهن سلي وانگر موراڻو ۽ گل گُئونچ ڪڍڻ لڳو.

جمن دربدر شروعاتي تعليم لاءِ امر ڪوٽ جي خاصخيلي پاڙي جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. پهريون درجو اتي پڙهيائين. ڪجهہ وقت بعد سنڌس ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول ٺهي چڪو هو. تڏهن شهر واري اسڪول کي ڇڏي هو پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول ۾ اچي ويٺو. پرائمريءَ جا باقي چار درجا هن اتي پڙهيا. روحل واءِ بعد هن مئٽرڪ وري اچي امر ڪوٽ جي هاءِ اسڪول مان ڪئي.

هاڻي هو جوان جماڻ ڇوڪرو هو. جنهن کي نوڪريءَ جي ڳولا هئي. سرڪاري نوڪري جي ڳولا ۾ هن ميرپورخاص شهر جا وڻ اچي وسايا. انبن جي ٻور جي سرهاڻين ۾ واسيل هن شهر ۾ هن جوان جماڻ ڇوڪري کي نوڪري تہ نہ ملي، پر ڇوڪري ضرور ملي ويئي. اکيون اڙيون، دليون عشق جي ٻنڌڻن ۾ سوگهيون ٻڌاڻيون. اوچتو وڇوڙي جو واءُ وريو. پنجاپڻ ڇوڪري وڃي لاهور نڪتي تہ هي بہ سنڌس پيرا کڻي داتا جي دربار تي وڃي رساڻو. عشق وڇوڙو بہ آهي تہ وسيلو بہ آهي. سو عشق ئي سنڌس وسيلو ٿيو ۽ لاهور جهڙي بي مروت شهر ۾ اتفاق سان ٻنهي عاشق ۽ معشوق وچ ۾ مڪا ميلو ٿي ويو. وري نوان قول قرار ٿيا. هوءَ بہ واپس سنڌ موٽي آئي. بعد ۾ ٻنهي ڄڻن شاديءَ ڪرڻ جي رٿ رٿي. سٺاءُ موجب جنهن رات ڇوڪريءَ کي گهران نڪرڻو هو، هي وقت سر وڃي اتي پهتو، پر اوچتو ڇوڪريءَ جي ماءُ سجاڳ ٿي پئي. هن پوتي لاهي هن جي پيرن تي رکي تہ ڪين ايئن رسوا نہ ڪري ۽ هميشہ لاءِ سنڌس ڇوڪريءَ جي زندگيءَ مان هليو وڃي. هن جي اندر جي سنڌوءَ ۾ موج اٿي، نديءَ جا بند پيڳا ۽ هڪ ماءُ جي التجائن ۽ پوتيءَ جي پلاندن جي ٻوڏ ۾ هو ٻڏي ويو ۽ لڙهي ويو ڪيڏانهن ڏور: هن ڇوڪريءَ، جيڪا سنڌس پهريون مجاز هئي، کان هميشہ لاءِ پري. زندگي جا ٻيا قطب تارا ڪيس پاڻ ڏانهن سڏي رهيا هئا.

ميرپورخاص ۽ امر ڪوٽ کي سنڌس زندگيءَ ۾ خاص معنيٰ رهي آهي. انهن ئي شهرن ۾ هو حياتيءَ جي نون رنگن کان واقف ٿيو ۽ اتي ئي سنڌس سياسي شعور ساماڻو. هن ڪميونسٽن جي قربت ۾ بہ وقت ڪاٽيو تہ قومپرستن سان بہ سنڌس پرت جا پيچ اٽڪيا. مارڪسزم جي ڪن اصولن، دولت جي ورڇ جي نئين نظام ۽ جدلياتي ماديت کيس متاثر ضرور ڪيو، پر هو اتي مستقل ٽڪاڻو نہ ڪري سگهيو. هن جي من ۾ اڃان ڪا ٻي لوري هئي، جيڪا کيس ڪوهِ ندا جيان سڏي رهي هئي. قومپرستي هن جي اندر ۾ لهندي وئي. پوءِ هو جي. ايم سيد ۽ عبدالواحد آريسر سان مليو. هو آريسر صاحب سان دوستيءَ جي رشتي ۾ ۽ سيد سائين سان پوئلڳيءَ ۾ پيوند ٿي ويو. هو سيد سان ڇا مِلاڻو، ماڻهو ئي ٻيو ٿي پيو، هڪ نئون ۽ نرالو ماڻهو.

”سوڍا، صبر تنهنجي، ماڙهو ڪئي مومل!“

هو پاڻ چئي ٿو: ”سائين جي. ايم سيد سان مليس تہ مڪمل انسان ٿي پيس. وجود تان سموري ڪس لهي وئي.“

جي. ايم سيد ۽ مهاتما گانڌي سنڌس لاءِ مثالي انسان آهن.

هاڻي هو هڪ نئون نويلو انسان ٿي پيو هو ۽ سيد جي فڪر جي ڇيچ جهلي آريسر جي ساٿ ۾ قومي آزاديءَ جي سوڙهي رستي تي نڪري پيو هو. اسان لاءِ آزادي جو رستو اڃان بہ سوڙهو آهي، اهو شاهي سڙڪ نہ بڻيو آهي، پر ان کي نيٺ شاهي سڙڪ تي چڙهڻو آهي ۽ هڪ آزاد قوم لاءِ ملڪي محلات جي تعمير ڪرڻي آهي.

جمن دربدر انهيءَ رستي جي شروعاتي مسافرن مان آهي. شروعاتي مسافر هميشہ وڏن لوڏن لمن ۽ گهڻين تڪليفن مان گذرندا آهن. هو بہ گذريو آهي، پر هن پويان ايندڙن لاءِ گهڻا ڪندا چوندي سفر کي ڪجهہ وڌيڪ سولو بڻايو آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ عبدالواحد آريسر کي جن ماڻهن عبدالواحد آريسر بڻايو ۽ هڪ وڏي شخصيت ٺاهيو، انهن ۾ جمن دربدر جو تمام وڏو ڪردار آهي. جيڪڏهن جمن دربدر نہ هجي ها تہ آريسر جيڪو ڪجهہ بڻجي سگهيو اهو نہ بڻجي سگهي ها. آريسر تي هن کي جيڪا هُجت هئي ۽ جيڪو هُن تي سنڌس اثر هو، ان آريسر کي ڪن غلط سياسي ماڻهن جي هٿن ۾ وڃڻ ۽ غلط سياسي فيصلا ڪرڻ کان پڻ بچايو. ساڳيءَ ريت آريسر بہ هن کي ٺاهيو. آريسر ڏاران جمن دربدر اهو نہ بڻجي سگهي ها، جيڪو هو بڻيو. آئون پانئيان ٿو تہ ٻنهي جي سنگ ۽ ساٿ ٻنهي کي ٺاهيو. مٿان وري ٻنهي تي جي. ايم سيد ۽ سنڌ جي نينهن جو نسورو جڙاءُ پٺائيءَ کي ڏني ڏينهن تي ويا هئا. هاڻي سنڌي هنن جي روپ ۾ نوان انسان ڏسي رهيا هئا.

مارشلا جا ڏينهن، بدترين آمريت جو جبر، سياسي جلسن جلوسن تي پابندي، هر آواز کي گهٽڻ جي ڪوشش، هر تحريڪ کي ماتارڻ جا جتن، جيڪو ڪنڌ اُٿي اهو ڪٽڻ لاءِ وار، گهيرا، تلاشيون، گرفتاريون، ڌپڙ دئونس، سماج مٿان هر سطح تي والار ڪرڻ، سازشون ۽ تشدد، پر اهڙي ڪل جڳ جهڙي صورتحال ۾ بہ ڪي ڪاپڙي هئا، جيڪي مست الست ٿي نڪري پوندا هئا ۽ پوءِ ڪٿان ڪو آواز اڀرندو هو، ڪو گيت هوا ۾ هڳاءُ ٿي ٻُرندو هو، مستقبل جا سپنا ڪر کڻي ساپيائن کي گهوريندا هئا ۽ پرهہ جي روشني جو ڪنوارو ڪرڻو ٻاٽ جو سينو چيري نروار ٿيندو هو. ڪافڪا چواڻي: ”ڪابہ شيءِ آدرش کان وڌيڪ طاقتور نہ آهي.“ فرانز ڪافڪا جي انهيءَ ڳالهہ ۾ آئون هيترو اضافو ڪريان تہ بيجا نہ ٿيندو: ”ڪابہ شيءِ آزاديءَ جي آدرش کان وڌيڪ طاقتور نہ آهي.“ آزاديءَ جو عظيم آدرش غلامي، محڪومي ۽ جبر جي هر طاقت کي شڪست ڏيڻ جي سگهہ رکي ٿو. اها آزادي جي آدرش جي بي پناهہ طاقت هئي، جيڪا آمريت ۽ جبر جي قوتن کي للڪاري سگهندي هئي. انهيءَ للڪار ۾ عبدالواحد آريسر ۽ جمن دربدر جا آواز پڻ هوندا هئا.

عبدالواحد آريسر تقريرون ڪندو هو ۽ جمن دربدر جلسن ۾ ڳائيندو هو. آريسر جي آواز جي گداز ۽ جمن جي سر جي سوز تي ماڻهو پتنگن وانگر مڙي ايندا هئا. سنڌ ۾ قومپرستيءَ جو مڏ رچي ريٽو ٿي رهيو هو.

جمن دربدر شاعر بہ آهي، فنڪار بہ آهي. جيتوڻيڪ هو پيشي جي لحاظ کان فنڪار نہ آهي. پيشيور ڳائڻو نہ آهي، پر ڳائي ٿو تہ دليون موهي ٿو. انهيءَ جي ڪري محفلن جي جان هوندو آهي. تنهنڪري محفلن ۽ جلسن يا ٻين تقريبن ۾ ماڻهو ڪانئس ڪلام ٻڌڻ جي فرمائش ڪندا آهن. دنيا ۾ تمام ٿورڙا شاعر رهيا آهن، جن کي قدرت ڳائڻ جي خوبي پڻ بخشي آهي. جمن دربدر ۾ قدرت ٻئي خوبيون بدرجا اتم رکيون آهن. جهڙي سنڌس شاعري لاجواب ۽ شاندار آهي، اهڙو ئي سنڌس ڳائڻ جو انداز ۽ آواز وڻندڙ ۽ من موهيندڙ آهي. جن بہ کيس ٻڌو سُئو آهي، اهي ڪانئس متاثر ٿيڻ کان رهي نہ سگهيا آهن.

هن پنهنجي سموري زندگي بي لوث، سچار ۽ مستقل مزاج قومي ڪارڪن وانگر گذاري آهي. جنهن ڳالهہ سنڌس سجاڻپ ۽ اهميت توڙي ڪردار کي وڌيڪ ديگهہ ويڪر، بلندي ۽ پختائي ڏني آهي. نتيجي ۾ هو هڪڙو اتساهہ پيدا ڪندڙ ماڻهو ٿي پيو آهي. کيس ٻڌي، ساڻس ملي، ڪچهري ڪري، ماڻهو ڄڻ تازو توانو ۽ نئوبنو ٿي پوي ٿو.

اسين مقرر آهيون. ان ڪري ڪنهن جي بہ تقرير کي خطابت جي فن جي ڪسوٽيءَ تي پرکيندا آهيون. ان جي آڌار تي ڪنهن جي مقرر هجڻ يا نہ هجڻ يا ڪنهن جي ننڍي وڏي مقرر هجڻ جو تعين ڪندا آهيون، پر ان سلسلي ۾ مون جيڪو ڏٺو آهي ۽ جنهن نتيجي تي پهتو آهيان، اهو هيءُ آهي تہ هر صورت ۾ اهو فن خطابت نہ آهي، جيڪو ٻڌندڙن کي متاثر ڪري ٿو ۽ نہ وري هر صورت ۾ اهو مواد ئي هجي ٿو. منهنجي خيال ۾ فن ۽ مواد جي وچ ۾ هڪڙي ٻي شيءِ بہ آهي، جيڪا آهي سچائي، پر خلوص ۽ بي لوثي. هڪڙو بي لوث، پر خلوص ۽ سچو مقرر پِل تہ تقريري فن جي مقرر معيارن ۽ حدن کان ڪجهہ پرانهون ڇو نہ هليو وڃي، پر ٻڌندڙن تي دائمي اثر ڇڏي ٿو. پلو مقرر، لاجواب، شعلا بيان مقرر بہ ڪٿي ڪٿي رڳو وقتي اثر ڇڏيندو آهي، پر هڪ ٻيو مقرر عام پيرائي ۾ ڳالهائي بہ ان خاص ساعت ۾ دائمي اثر پيدا ڪندو آهي.

جمن دربدر هڪڙي ئي لَهَ ۾ تقرير ڪندو آهي. سنڌس تقرير ۾ نہ اتار چڙهاءُ، نہ عورتن جي دلڪش بدن جون دلفريب تشبيهون ۽ نہ شاعراڻا استعارا ۽ ترڪيبون. شاعر هجڻ جي باوجود سنڌس تقرير ايئن سادي هوندي آهي جيئن ٻني کيڙيندڙ هاري. شاعر هوندي بہ هن جي تقرير هار سينگار کان ايئن پري



هجي ٿي جيئن پاڻيءَ جا دلا مٽي تي ڪٽي ايندڙ پاڻياري. هن جي تقرير ڪاچ يا وهانءُ تي سنبري ۽ ٺهي ٺڪي نڪرندڙ ناريءَ جهڙي نہ هوندي آهي، پر ان ۾ پنهنجو هڪ فطري حسن هوندو آهي. سچائي خلوص، بي لوثي ۽ بيباڪيءَ جو حسن، جيڪو هن جي سادي پيرايي واري اندازِ بيان جي باوجود ٻڌندڙن کي موهي ۽ منڊي ڇڏيندو آهي.

دلچسپ ڳالهہ اها بہ آهي تہ هو چڱن ڀلن مقررن کي ٻئي حساب سان بہ ملهہ ماري ٿو. ٻيا رڳو تقرير ٿا ڪن: هو تقرير بہ ڪري ٿو ۽ ڳائي بہ ٿو. اهڙي طريقي سان سندس وزن ۽ اثر ٻيڻو ٿيو وڃي.

اندازِ بيان جي سادگيءَ جي باوجود هو هڪڙو ڪرو مقرر آهي، جيڪو سچ منهن تي ڦهڪائي ڏئي ٿو ۽ خوشامد بدران تنقيد کان مناسب ڪم وٺي ٿو. هڪڙي تقريب ۾ اسان ٻئي اعزازي مهمان هئاسين. هڪ ٻيو همراهہ بہ اعزازي مهمان هو. پنهنجي تقرير ۾ ان همراهہ عورتن ۽ ٻارن جي حقن جي وڏي وڪالت ڪئي. جنهن مهل جمن دربدر تقرير ڪرڻ آيو تہ همراهہ کي ڌوئي ڇڏيائين.

”گهر ۽ آفيس لاءِ ٻار رکبا، ان ڪري تہ جيئن گهٽ مزوري ڏجي. پاڻ ٻارن جو استحصال ڪبو ۽ پاشڻ ٻارن جي حقن جا ڏبا. بابا ٻارن کي ڇڏيو تہ وڃي پڙهن: رڳو پنهنجا نہ ٻين جا ٻار بہ پڙهن. ٻار پرايا نہ ٿيندا آهن، سڀ ٻار پنهنجا ٿيندا آهن. ڪجهہ ڏوڪڙ بچائڻ لاءِ ٻارن کان تعليم نہ ڦريو.

”ساڳي ڳالهہ عورتن لاءِ آهي. ٻي شادي ڪبي، پهرين زال کي پڇبو ئي ڪونہ يا وري گهر ۾ ڪم لاءِ مائي رکبي تہ ويچاريءَ کي هزار ٻن کان مٿي پگهار نہ ڏبو.“

”اسان جي سماج ۾ سڌارا تڏهن ايندا، جڏهن اسان جي قول ۽ فعل ۾ ويڇو نہ رهندو. چوڻي ۽ ڪَرڻي هڪ ٿيندي تہ ڪردار جڙندو. ڪردارن ڪانسواءِ سماج تبديل ڪونہ ٿيندا آهن. ڪردار جوڙڻ لاءِ ضروري آهي تہ سچ ڳالهائجي. ڦرمار ڪندڙن مان نہ ٿجي، پنهنجي ماڻهن سان پيار ڪجي. ماڻهو جو درد اهو سمجهي سگهندو، جيڪو ماڻهو سان پيار ڪندو.“

تنهن هوندي بہ اهڙي نوبت گهٽ ئي ايندي يا اُتي ايندي، جتي ايئن ڪرڻ بنهہ ناگزير هجي. نہ تہ گهڻي ڀاڱي هو اختلاف راءِ يا تنقيد بدران پنهنجون ڳالهيون، تجربا، جي. ايم سيد ۽ آريسر بابت يادگيريون، فڪري خيال ۽ زندگيءَ جا واقعا وغيره ٻڌائيندو. تقرير دوران ڪا مزاحيا ڳالهہ ڪندو، هو پاڻ بہ مرڪندو، کلندو ۽ ٻڌندڙن کي بہ ٺهڪ ڏيارائي ڇڏيندو. البتہ سندس تقرير گهڻي ٽڪي سنجيده ئي هوندي.

تقرير جي آخر ۾ ڪانئس گيتن جون فرمائشون ضرور ٿين ۽ هو بہ دل سان هڪ بہ ڪلام ضرور ٻڌائي. اهڙي ريت هو ٻڌندڙن کي موهي ڇڏي ٿو.

سندس تقرير ۽ ڪلام جو جوڙ ڏسي مون کي چليءَ جو عظيم شاعر پئبلو نرودا ياد اچيو وڃي. پئبلو نرودا جڏهن چليءَ جي صدارتي چونڊن ۾ بيٺو هو، تڏهن تقرير بعد ماڻهو ڪانئس شاعري ٻڌائڻ جي فرمائش ڪندا هئا. پوءِ هو ماڻهن کي آخر ۾ پنهنجي شاعري ٻڌائيندو هو. ڪڏهن تحت اللفظ تہ ڪڏهن جمن دربدر وانگر ڳائي.

شاعري تہ گارشيا لورڪا بہ ٻڌائيندو هو. ڪڏهن رنگ منچ تي ڳائي تہ ڪڏهن سنگيت جي ويس ۾، پر هو تقريرون نہ ڪندو هو يا وري تمام ورلي ڪندو هو. گارشيا لورڪا صحيح معنيٰ ۾ هڪڙو ڪلاڪار هو. سياسي شعور رکندڙ خانا بدوش ڪلاڪار. اهو لورڪا جو سياسي شعور ئي هو، جيڪو اسپيني آمر جنرل فرانڪو کان برداشت ٿي نہ سگهيو. فرانڪو جي آمريت لورڪا کي ڳيهي وئي.

پر اسپين جي داغ داغ بدن تي رڳو لورڪا جي خون جا ڇنڊا تہ نہ آهن، بارسلونا جي جمهوريت پسندن ۽ انارڪسٽن جي رت مان بہ ان جا هٿ پريل آهن ۽ ڪيٽالونيا جي قومپرستن کي بہ فرانڪو جي آمريت بي رحميءَ سان ڪٺو.

لورڪا جا گيت سانت جي ڍير هيٺان دٻجي ويا، جمهوريت پسندن مات کاڌي: هيمنگوي ۽ جارج آرويل جي بين الاقوامي جٿي (International Brigade) کي پٺتي هٽڻو پيو، ڪيٽالونيا جي قومپرست تحريڪ چٿجي وئي ۽ پويان رڳو رت جي ڏار رهجي ويئي. فرانڪو پاڻ کي ناقابلِ شڪست فاتح سمجهڻ لڳو. اياز لکيو آهي: ”هَر آمر کي وسري ويندو آهي تہ ڪيس مرڻو بہ آهي،“ پر وقت اڳتي وڌڻ نہ وساريندو آهي. تاريخ پنهنجو سفر جاري رکندي آهي.

منيءَ صديءَ پڄاڻان گارشيا لورڪا جا گيت يورپ ۾ گرجي ۽ گونجي رهيا آهن. ڪوئسلر جي جيل ڊائري اڄ بہ پڙهجي رهي آهي ۽ جمهوريت نہ رڳو اپري آئي آهي، پر سگهاري پڻ ٿي آهي ۽ هڪ سياسي نظام کان اڳتي وڌي يورپ جي ماڻهن لاءِ زندگي گذارڻ جو هڪ ڍنگ ۽ اعليٰ سماجي رويو ٿي پئي آهي. تشدد، شڪست ۽ رت ۾ ٻڏل ڪيٽالونيا جي آزاديءَ جو خواب وري اوچي ڳاٽ اٿيو آهي ۽ سوين سالن کان ڪيٽلائين جي روشن اکين ۾ پلجندڙ قومي آزادي جو سپنو ساڀيان جي در تي بيٺو آهي. آزادي جي سپني کي شڪست ملي نہ ٿي ملي، اهو ڪِري وري اٿي ٿو ۽ صدين جي سفر ۾ ساهہ کڻندو ٿو رهي.

مون کي اهڙو ئي اٽنٽ يقين جمن دربدر جي اکين ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هن جي شاعري، هن جو ڳاچ، هن جي گيتڪاري، هن جي خطابت سڀ آزادي جي راڻي کي ريجهائي مومل سان ملائڻ جا جتن آهن، جيڪي يقين سان ڀرپور آهن. جمن دربدر ۾ هونئن تہ ڪيترائي شخصي ڳڻ آهن، پر هن جو هڪڙو تمام وڏو ڳڻ مهمان نوازي آهي. هن جا در دوستن لاءِ هر ويل کليل هوندا آهن. مزمانن جي اچڻ تي هو ڪڏهن بہ نہ دل سوڙهي ڪري ۽ نہ منهن گهنجائي. سنڌ جو ورلي ڪو متحرڪ قومي ڪارڪن ۽ اديب هوندو، جنهن جي پيٽ ۾ سندس درجو ٽُڪُرُ نہ هجي. جن بہ سندس در هڪ دفعو ڏيکيو، سي ٻيهر سندس سلامي ٿيا. محبتون ۽ عزتون ماڻهوءَ کي ور ور سڏينديون آهن.

اسان سائين جي. ايم سيد لاءِ چوندا آهيون تہ هو نہ رڳو سنڌ جي سياسي روايتن، پر ثقافتي روايتن جو پڻ امين هو. ثقافتي روايتن جو هڪ نقطو مهمان نوازي آهي، دستر خوان جي ڪشادائي آهي. سيد جو مانيءَ جو وڇاڻو وڏو ڪشادو هوندو هو. اهڙي ئي وسيع القلبي جو مظاهرو اسان جمن دربدر کي ڪندي ڏٺو آهي. سيارو هجي يا سانوڻ، گرمي هجي يا سردي، جهڙ هجي يا جهولا، ڏينهن هجي يا رات، هو مزمانن جو دلي آڌر ڀاءُ ضرور ڪندو.

سال 2011ع جي ڳالهہ آهي. اسان جي ڳوٺان اسان جا همراهہ ٻہ ڪيريون ڀري ٿر گهمڻ ويا. مٺي، اسلام ڪوٽ، ننگر پارڪر ۽ وري ڇاڇرو: اتان امر ڪوٽ. جنهن ويلي امر ڪوٽ اچي رساڻا، تنهن مهل مينهن ڇوي تہ اڄ نہ وسان تہ ڪڏهن وسان. مينهن تن ڏينهن ۾ ٻوڙ ٻوڙان لائي ڏني هئي.

بدين، ميرپورخاص، امر ڪوٽ ۽ سانگهڙ ضلعا برساتي ٻوڏ هيٺ اچي ويا هئا. امر ڪوٽ شهر جي حالت بہ ڏاڍي خراب هئي. گهٽيون ۽ رستا پاڻي هيٺ اچي ويا هئا. دڪان، هوٽلون، مسافر خانا، هر شيءِ بند هئي. شهر ۾ اصل ڪُڪڙُو ڪُو لڳي پئي هئي. اسان وارا همراهہ پريشان ٿي ويا. آئون ۽ ادا نبي زئور ڳوٺ هئاسين. ڪنهن مهل ادا ممتاز جي فون آئي. هن حال احوال ڏنا. ڪيس چيم تہ ذرو پريشان نہ ٿيو، جمن دربدر جي ڳوٺ روحل واهِ هليا وڃو. ڏَس تي همراهہ اتي وڃي پهتا. پهچڻ بعد چا ڏسن تہ مارا! هتي اڳيئي ٻوڏ متاثر لٿا پيا آهن. ان جي باوجود جمن دربدر ڪليل دل سان سندن پليڪار ڪئي. مانيءَ جو ٽاڻو ٽري ويو هو، مٿان وري مينهن جي رات، سو همراهن چيو تہ اسان ماني کاڌي آيا آهيون. پر جمن جي تجربيڪار اکين سمجهي ورتو تہ نوجوانن ماني ڪانہ کاڌي آهي. هن تازي سانجهڻ ڪرائي مينهن جي ٺريل رات ۾ همراهن کي گرم گرم ماني کارائي. گهر پهچڻ بعد ڀاءُ ممتاز جڏهن مون کي اها ڳالهہ ٻڌائي، تڏهن مون کي اياز ياد آيو:

**مينهن جي رات ڪاٺي وجو اوٺيوا!**
**مانڙي ٿي پچي، باهڙي ٿي ٻري.**

آڏي مانجهي، اسر ويل، اهڙا ڪئين مسافر سندس اڱڻ تي اچي وسرام ڪندا آهن. هو ٿر ۾ ٽڪلن جو ٽاڪ آهي. آئون پاڻ بہ انهن پٽن تي هوندو آهيان تہ وٽس ئي اچي ٽڪندو آهيان. مزي جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ اسان جهڙا دوست مزمان وجي ٿيندا تہ ڪڏهن رفيق فقير تہ ڪڏهن استاد شفيع فقير کي ڪوٺبو ۽ پوءِ پدمات جا پٽ راڳ سان ڀري اٿندا. راڳ هن جي محفل جو اهم جز آهي. جي استاد شفيع فقير ۽ رفيق فقير شهر ۾ نہ هوندا تہ پوءِ انهيءَ ڪوٽ جو پورائو هو پاڻ ڪندو. اهڙي نموني ڪچهري ادب، سياست، دنيا جهان جي مسئلن، مامرن ۽ راڳ جا رستا اورانگهيندي اچي پنهنجي اختتام تي پهچندي. هتان ڪچهري ڳل ٿي، ماڻهو پنهنجي هنڌ پيڙو ٿيو. هتان ٿر جي ٿڌي رات اچي لولي ڏيندي، ننڊ اکين تي پنهنجون ريشمي آڱريون ڦيريندي ۽ ماڻهو ننڊ الوٽ پئجي ويندو. ڪيڏو بہ دير سان سمهو، هو صبح سوير گهران اوطاق تي پهچي ويندو. اک ڪلندي تہ توهان ڪيس پنهنجي جاڳڻ جو اوسيئڙو ڪندي ڏسندا. هو مهمانن جو اهڙو خيال رکڻ وارو آهي.

زندگي جا عجيب رنگ روپ، زاويا ۽ ڇُلاءَ آهن. اها نامهربان ٿئي ٿي تہ ماڻهوءَ کي سندس ئي گهرائين ۾ ٻوڙي ماري ٿي ڇڏي. مهربان ٿئي ٿي تہ پاتال مان ڪڍي ستارن جي رَٿ تي سوار ڪريو ڇڏي. بلڪل اهڙو ساڳيو انداز شاعريءَ جو آهي.
هڪڙا ماڻهو يا ڄمار فاعلن فعولن ڪرڻ جي باوجود شاعريءَ جي شِيِنَ کي بہ پهچي نٿا سگهن: ۽ ٻيا ماڻهو وري ٿورڙو لکي ئي شاعريءَ جي تخت تاج جا مالڪ ٿي وڃن ٿا، ڪوتا جي ڪاڪ جا راج راڻا بڻجي وڃن ٿا.
جمن دربدر پڻ ڪوتا جي ڪاڪ ڪنڌيءَ جي اهڙن خوشنصيب راج راڻن مان آهي. هن ٿوري شاعري ڪئي آهي، پر سندس شاعري ماڻهن جي دلين مٿان حڪمراني ٿي ڪري. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ هن جي هڪڙي نظم جون بہ سٽون ايڏيون تہ مشهور ٿيون آهن، جو اهي ماڻهن جي زبان تي عام ٿي ويون آهن. انهيءَ



کان بہ وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ انهن سٽن کي عام ڪرڻ وارو ڪو عام ماڻهو نہ، پر سنڌ جو عالم، دانشور، وڏو سياستدان ۽ عميق نگاهہ رکندڙ انسان، شاعريءَ جو پارکو، سائين جي. ايم سيد هو. سيد جي عميق نظر پاتال مان معنائن جا املهہ موتي ميڙي آئي. جمن دربدر جو اهو عميق معنائون رکندڙ شعر هو:

**وٺي هر هر جنم وربو، مٺا مهراڻ ۾ ملبو،**
**ختم اونداهہ ٿي ويندي، چٽيءَ چانڊاڻ ۾ ملبو.**


سيد اهو شعر ٻڌو تہ دنگ رهجي ويو. پنرملن جو سچو فلسفو سندس اکين اڳيان گهمي ويو. اسان سنڌي جنم جنم جي ڦيري ۾ يقين رکندا آهيون. محبوبن سان ميلاپا، وصال، مڪا ميلا اسان لاءِ هڪ جنم جو مامرو نہ آهن. اسان پنهنجن محبوبن سان وري وري ملڻ لاءِ وري وري جم جي مرحلي مان گذرندا آهيون. تنهنڪري زندگيءَ ۽ محبت مان اسان جو يقين ٽُٽي نہ ٿو ٽُٽي. سو جي. ايم سيد بہ جيئن اهو شعر ٻُڌو تہ زندگي، محبت ۽ آزاديءَ ۾ سندس يقين اڃان ئي وڌيڪ رچي ريٽو ٿي ويو:

**جي قيام مڙن، تہ ڪر اوڏا سپرين،**
**تهان پري سڄڻ، واڌايون وصال جون! - (شاهہ)**

جمن دربدر جي مٿئين شعر بعد هن پٽائيءَ جي انهيءَ بيت کي ان انداز ۾ سمجهڻ شروع ڪيو. هڪ شعر ٻئي شعر جي مٿانهين سطح پيدا ڪئي. جنهن معنائن جا نوان افق جنميا. جمن دربدر خوشنصيب آهي جو هن جيڪا شاعري ڪئي آهي، سا لاجواب آهي ۽ ماڻهن جي دلين ۾ رهي ٿي.
سندس شاعري وقت جي قيد کان آجي ۽ موت کان ماورا آهي. اها لازوال آهي. اها هميشہ جيئري رهڻي آهي.
اڳوٽي آمريڪي صدر ۽ اديب رچرڊ ملهوس نڪسن هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: ”سمورن وڏن ماڻهن ۾ هڪڙي خصوصيت ساڳوٽي رهي آهي. اُها هيءَ تہ اهي پاڻ سان ملڻ وارن ماڻهن کي متاثر ڪن ٿا.“
اها ڳالهہ جمن دربدر تي پڻ صادق اچي ٿي. جيڪي بہ ماڻهو ساڻس ملن ٿا، اهي ڪانئس متاثر ٿين ٿا. جيڪي ماڻهو ڪيس ٻڌن ٿا اهي بہ ڪانئس متاثر ٿين ٿا. هن سنڌ جي هڪ کان وڌيڪ پيڙهين کي پنهنجي فڪري ٻيهڪ، سياسي وابستگي، ادبي سگهہ، ثقافتي خوشبو، سچائي، بي لوثي ۽ خلوص سان متاثر ڪيو آهي.
خوش آئند ڳالهہ اها بہ آهي تہ هن جي ڇانو هيٺ حليم باغي ۽ حاجي ساند جهڙا شاعر اپري مٿي آيا آهن. هن جي ئي وجود سان پدمات جي پٽن تي ادبي تحرڪ جا ڏيئا ٻرندا ۽ روشني پکيڙيندا رهن ٿا.
جيتري قدر منهنجي ذات جو تعلق آهي تہ سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ پاڻ ڪانئس تمام گهڻو متاثر آهيون. هو منهنجي اتساهہ جي ذريعن مان هڪ ذريعو آهي.
ڪيس ڏسي ۽ ٻڌي قوم جي آزادي ۾ منهنجو ويساهہ اڃان وڌيڪ پختو ٿي ويندو آهي.
سنڌو نديءَ وانگر زندگي بہ پورالي آهي. ان جا پنهنجا پُور ۽ وهڪرا آهن. زندگيءَ جي سير ۾ وهندي ماڻهو ڪڏهن هِن ڪناري تہ ڪڏهن هُن ڪناري پيو لڳندو آهي. زمان ۽ مڪان جون موجون ماڻهوءَ کي پيون هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائينديون آهن. زندگي ۾ جدايون ۽ ميلاپا گڏوگڏ پيا هلندا آهن. ماڻهو ملندو آهي، جدا ٿيندو آهي. جدا ٿي وري ملندو آهي. اسان جو ميل جول پڻ ايئن ئي رهي ٿو. ڪڏهن تہ اسين ڊگهي وقت تائين هڪٻئي جي نگاهن کان پري ٿي ويندا آهيون. پر اها صرف نظري دوري هوندي آهي. اکين کان پري هوندي بہ آئون ڪيس پنهنجي دِل جي تار تي ڏسِي سگهندو آهيان.

**نظر دور هستم، دلم دور نيست!**

هو منهنجي نگاهن کان تہ پرپرو ٿي ويندو آهي، پر دل کان ڪڏهن بہ پرانهو نہ ٿيو آهي. شال جڳ جڳ جيئندو رهي.



پون سنڌي

(حصو پهريون)

# سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن رسم الخط وقت جي ضرورت

انسان جڏهن ٻارڙي جي روپ ۾ پهريون پيرو هن ڌرتيءَ تي اکيون کولي ٿو ته سنڌس سڀ کان پهرين سڃاڻپ ماءُ سان ٿئي ٿي ۽ هُو سڀ کان پهريون اثر يا سبق ماءُ کان ئي وٺي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اڳتي هلي هُو پنهنجي زندگيءَ ۾ سڀ کان بهتر نموني جنهن ٻوليءَ ۾ پنهنجن جذبن، احساسن ۽ خواهشن جو اظهار ڪري ٿو، اُها هُن جي ماءُ جي ٻولي هجي ٿي. انهيءَ ڪري سڄي دنيا ۾ بهتر تعليم جو واحد ذريعو مادري زبان کي ئي سمجهيو وڃي ٿو.

21 فيبروري سڄي دنيا ۾ مادري ٻولين (زبانن) جو عالمي ڏينهن (International Mother language day IMLD) طور ملهايو وڃي ٿو. اقوام متحده جي هڪ ٺهراءَ جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ماءُ جي ٻوليءَ جي حق کي تسليم ڪندي اهو مڃيو ويو ته ٻارن لاءِ تعليم، ذهني اوسر، اظهار ۽ رابطي جو بهتر ذريعو ماءُ جي ٻوليءَ ڪانسواءِ ٻي ٻولي ٿي نٿي سگهي ۽ اهڙي ريت 21 فيبروري تي هر انسان جي لاءِ اُن جي ماءُ جي ٻوليءَ جي بنيادي حق کي تسليم ڪيو ويو. 21 فيبروري کي مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن قرار ڏيڻ جي پويان هڪ وڏي تاريخ ۽ جدوجهد جو پسمنظر موجود آهي. اچو ته ٿورڙو ان بابت ڄاڻي پوءِ مضمون جي ٻين پهلوئن کي بحث هيٺ آڻيون.

19 مارچ 1948ع تي پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح اردو کي پاڪستان جي واحد قومي ٻولي قرار ڏنو. 21 مارچ 1948ع تي هن ڍاڪا ۾ چيو ته بنگال (ايسٽ پاڪستان) جا سياسي نمائندا بنگالي ٻولي کي پهرين سرڪاري (Official) ٻولي قرار ڏين، پر قومي ٻولي اردو ئي رهندي. حالانڪ اُن وقت پوري ويسٽ پاڪستان (جنهن ۾ پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جا صوبا شامل هئا) جي ڪل آبادي بنگال (ايسٽ پاڪستان) کان گهٽ هئي. ان فيصلي ۾ حيرت جي ڳالهه اها به هئي ته اردو جنهن کي قومي ٻولي قرار ڏنو ويو اُها پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جي زبان نه هئي، بلڪ هندستان جي صوبي يو پي ۽ بهار ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي هئي. جڏهن ته ويسٽ پاڪستان جنهن ۾ پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان آيا ٿي انهن جي مادري زبان ترتيبوار پنجابي، سنڌي، پشتو ۽ بلوچي هئي ۽ ايسٽ پاڪستان (بنگال) جي مادري زبان بنگالي هئي.


ڌريندر ناٿ دتا اهو پهريون ماڻهو هو جنهن 23 فيبروري 1948ع ۾ آئيني اسيمبلي آڏو اِهو مطالبو رکيو ته ٺيڪ آهي اردو کي پهرين قومي ٻوليءَ جي حيثيت ڏني وڃي، پر ان سان گڏ بنگالي ٻوليءَ کي به اُهو ئي درجو ڏنو وڃي. پر پاڪستاني سرڪار بنگالين جي ان جائز مطالبي کي مڃڻ لاءِ تيار نه هئي. 21 فيبروري 1952 ۾ ڍاڪا يونيورسٽي جي شاگردن جن کي عام عوام جي به حمايت حاصل هئي، سرڪار جي ان ناجائز فيصلي خلاف مظاهرا ڪيا. پوليس ان پر امن ريلي تي انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪئي، جنهن ۾ عبدالله برڪت، شفيع الرحمان، رفيق الدين احمد، عبدالسلام، عبدالجبار ۽ ٻيا گولين جو ڪاچ ٿي ويا ۽ سوين شاگرد زخمي ٿيا. هن واقعي کي رپورٽ ڪندڙ صحافين مان ڪن جو رايو هو ته مرڻ وارن جو



تعداد ويهن کان به مٿي هو. سڄي دنيا ۾ مادري ٻوليءَ جي مڃتا لاءِ هي پهريون مظاهرو هو، جنهن ۾ انيڪ بنگالين پنهنجي حياتي ارپي. ڍاڪا ۾ ان واقعي جي ياد ۾ ٻوليءَ جي شهيدن لاءِ يادگار شهيد مينار ڪڙو ڪيو ويو ۽ هِن ڏينهن (21 فيبروري) کي اوڀر پاڪستان (بنگلاديش) ۾ قومي ڏينهن جو درجو ڏنو ويو.


اوڀر بنگال ۾ بنگالي ٻولي، قومي ٻولي لاءِ هليل جدوجهد ۽ بنگالين ۾ غير يقيني، بيچيني ۽ مستقبل ۾ ڪنهن خطرناڪ قسم جي واقعي يا رو داد جنم وٺڻ جي نتيجي کي ذهن ۾ رکندي 21 سيپٽمبر 1954 ۾ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي ۾ اردو سان گڏ بنگالي ٻوليءَ کي به قومي ٻولي بڻائڻ جي قرار داد منظور ڪئي وئي ۽ اڳتي هلي پاڪستان جي 1956 جي آئين ۾ به بنگالي کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو. 1958 ۾ فوجي آمر ايوب خان ملڪ ۾ مارشلا لڳائي ۽ هن 6 جنوري 1959 ۾ 1956 واري آئين ۾ بنگالي کي قومي ٻولي قرار ڏيڻ واري آرٽيڪل کي ختم ڪندي فقط اردو ٻوليءَ کي ئي پاڪستان جي واحد قومي ٻولي قرار ڏنو. پاڻ واري ملڪ ۾ نه صرف آمرن صوبن جي ٻولين سان زيادتي ڪئي بلڪ عوام جي چونڊيل نمائندن به وسان ڪونه گهٽايو. ذوالفقار علي ڀٽي جي چونڊيل حڪومت جي ٺاهيل 1973 جي آئين ۾ به صوبن جي ٻولين سان ساڳيو ستم روا رکندي فقط اردو کي ملڪ جي واحد قومي ٻولي قرار ڏنو ويو. هي ته ٿيو اسان جي ملڪ ۾ ڌرتي ڌڻين جي ٻولين سان ويڌن جو منظر نامون (قصو)، پر دنيا جي عالمي ضمير کي ان انياءَ جي مذمت ڪندي انصاف ڪرڻ کان پلا ڪير ٿي روڪي سگهيو؟

09 جنوري 1998 تي بنگلاديش جي شهرين رفيق اسلام ۽ عبدالسلام اُن وقت جي اقوام متحده (UNO) جي سيڪريٽري جنرل اوٿانٽ کي هڪ خط لکي دنيا جي ٻولين کي بچائڻ لاءِ 21 فيبروري کي مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ڪري ملهائڻ جي تجويز پيش ڪئي، جنهن ڏينهن تي بنگالين پنهنجي ٻوليءَ لاءِ جان جو نذرانو ڏنو هو. اُنهن جي تجويز کي اُن وقت جي وزيراعظم شيخ حسينه واجد مان ڏيندي بنگلاديش جي پارليامينٽ مان به اهڙو ريزوليشن پاس ڪرائي يونيسڪو کي اماڻيو. نيٺ 17 نومبر 1999 تي اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي ۾ ان ريزوليشن (ٺهراءَ) کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪندي 21 فيبروري کي مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن قرار ڏنو نه صرف اهو پر 21 فيبروري 1952 تي ٻولي لاءِ شهيد ٿيندڙن کي خراج عقيدت به پيش ڪيو ويو. پلي ڪٽي 17 نومبر 1999 تي يونيسڪو (اقوام متحده) جي قرارداد جي منظوري ڪانپوءِ مادري ٻوليءَ جي اهميت کي تسليم ڪيو ويو، پر منهنجي نظر ۾ مادري ٻولي جي ڏينهن جي اهميت اڄ کان به لکها سال اڳ اُن ڏينهن کان آهي جڏهن پهرئين انسان هن ڌرتيءَ تي جنم ورتو، بلڪ آئون اڃان به ايئن چوندس ته اها شروعات ته ان ڏينهن کان ئي ٿي وڃي ٿي، جڏهن ٻارڙو ڪُک ۾ پنهنجي جيجل ماءُ جي ڪنيل قدمن ۽ سواسن جي










ردم کي محسوس ڪرڻ لڳي ٿو. هڪ ٻار جي ڪل ڪائنات جي پهرين پٽي ماءُ جي ٻولي ئي آهي.

هي ته ٿيو مادري ٻولين جي حوالي کان اهميت ۽ جدوجهد جو پسمنظر، پر فقط مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهائڻ سان ته ٻولين کي بچائي نٿو سگهجي. پاڻ جيڪڏهن ٻولين جي تاريخ تي نظر وجهنداسين ته هن ڌرتيءَ تي انسان اشارن جي ٻولي کي ڇڏي، جڏهن زبان سان ٻولي (ڳالهائڻ) جو استعمال شروع ڪيو، ته ان زماني کان وٺي هيل تائين چون ٿا ته تقريبن 31000 کان مٿي ٻوليون انسان استعمال ۾ آنديون آهن. وقت، حالتن، ماحول، سماجي اوسر ۽ قدرن ۾ تبديلي سان گڏ جتي ٻولين ۾ نوان لفظ، محاورا ۽ گهاڙيٽا آيا، اُتي ڪجهه ٻوليون اُنهن تبديلين سان نه نهڪڻ جي ڪري فنا ٿي ويون، يا انهن ٻين ٻولين سان ملي ماحول ۽ حالتن جي مناسبت سان پاڻ ۾ تبديلي آڻي نيون شڪليون به اختيار ڪيون، جيئن اردو ٻولي جو مثال اسان جي اڳيان آهي، جيڪا هندي، عربي ۽ فارسي ٻولي جي آميزش (ڪچڙي) آهي. پراڻي دور کان وٺي هن دور تائين حالتن ۽ سماج جي اوسر، تبديلي ۽ ترقي سان مناسبت نه رکندي 31000 ٻولين مان تقريبن 23000 ٻوليون فنا ٿي ويون ۽ باقي بچيل 8 هزار ٻولين مان به مروج ٻولين جو تعداد صرف 270 وڃي بچيو آهي، جن مان به 121 ٻوليون ڳالهائيندڙن جو تعداد 10000 کان به گهٽ آهي. هيڏي ساري هندستان ۾ به رجسٽرڊ ٻولين جو تعداد فقط 22 آهي. جڏهن ته باقي ٻوليون ٿورن ماڻهن ۽ قبيلن ۾ موجود هئڻ سبب آخري پساهه کڻي رهيون آهن. وري وٺون ٿا اسان جي پاڪستان کي، ته ان ۾ به نادرن ايرياز ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي باديشي (Badeshi)، حيدرآباد ۽ ڪنري جي آسپاس ڳالهائي ويندڙ ٻولي اير (Aer)، ڪوهستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي گوورو (Gowro) ۽ گلگت ۽ هنزا جي آسپاس ڳالهائي ويندڙ ٻولي ڏوماڪي (Dhomaaki) به پنهنجي خاتمي (فنا) تي پهچي رهي آهي.

دنيا ۾ سائنس جي ترقي ۽ خاص طور تي ڪمپيوٽر ۽ ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ۽ ماس ڪميونيڪيشن جي مروج ٿيڻ سان جيئن پوءِ تيئن ڌرتيءَ تي موجود انسانن جي وچ ۾ فاصلو گهٽبو وڃي ۽ جيئن جيئن دنيا گلوبل وليج ۾ تبديل ٿيڻ ڏانهن وڌي رهي آهي، تيئن تيئن گهٽيون ٻوليون به سڪڙنديون (سسنديون) سگهارين ٻولين جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪندي گم ٿي رهيون آهن. هن وقت جيڪا به ٻولي جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جون ضرورتون پوريون ڪري نٿي سگهي ۽ ان جو اثر قبوليندي ۽ ان جي ٽرمينالاجي کي پاڻ ۾ ضم ڪري عام فهم نٿي بڻائي سگهي، اُها پنهنجو وجود وڃائي ويهندي، پوءِ ڀلي اُن جو ادبي، علمي ۽ فني خزانو ۽ ماضي شاندار ڇو نه هجي. هڪ اندازو آهي ته هن وقت دنيا ۾ ڳالهايون ويندڙ 8 هزار ٻولين مان هن صدي جي آخر تائين انهن ٻولين جو 40 سيڪڙو ختم ٿي ويندو. پر منهنجي خيال ۾ جنهن رفتار سان سائنس ۽ ٽيڪنالاجي (هاڻي ته آرٽيفيشل انٽيليجنس جو دور به اچي ويو آهي) دنيا کي تبديل ڪري رهي آهي، اُن حساب سان ڪي چند ٻوليون ئي قائم رهنديون ۽ باقي تمام ٻوليون ان طوفان جي سٽ سهي نه سگهنديون ۽ هِن صدي جي آخر تائين فنا ٿي وينديون. ڪجهه ٻولي جي ماهرن جو اهو به خيال آهي ته اُهي ٻوليون جيڪي سائنسي ترقي، مضبوط معاشي نظام ۽ جديد تعليمي سرشتي سان جُڙيل آهن اُهي زنده رهنديون، جڏهن ته باقي تمام ٻوليون ايندڙ صدي ۾ وجود نه ڪندي تاريخ جي پنن ۾ محفوظ ٿي وينديون. اُهي 10 ٻوليون جيڪي اُن مقابلي ۾ طاقتور ٿي پنهنجو وجود مڃائي رهيون آهن، جن کي ڪو خطرو ڪونهي ۽ زنده (برقرار) رهنديون، انهن ۾ انگريزي، اسپينش، چيني، روسي، جاپاني، عربي، جرمن، فرينچ، پورچيگيزي ۽ هندي/اردو ٻوليون شامل آهن. پر انهن ڏهن ٻولين ۾ به سواءِ انگريزيءَ جي باقي 9 سگهاريون ٻوليون به هر وقت انهي خوف ۾ رهن ٿيون ته ڪٿي انگريزي ٻولي جيڪا دنيا ۾ تمام تيزيءَ سان ڦهلجي رهي آهي، انهن ٻولين کي سندن ئي ڌرتيءَ تان پاڙئون پٽي نيڪالي نه ڏيئي ڇڏي. اسپينش ٻولي دنيا ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻيو نمبر وڏي ٻولي آهي ۽ اها توڙي جو تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي ۾ به مالا مال آهي، پر پوءِ به سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ٽرمينالاجي ۽ گهاڙيٽن کي سست رفتاري سان قبول ڪرڻ سبب عدم تحفظ جو شڪار آهي. ته پوءِ اسان ڪهڙي باغ جي موري آهيون؟

مٿيان انگ اکر ٻڌائين ٿا ته جن ٻولين جو وجود خطري هيٺ آهي، اُنهن ۾ پنهنجي سنڌي ٻولي به اچي وڃي ٿي. اسين ڀلي اِهو راڳ آلاپيندا وتون ته هيءَ قلندر جي نگري آهي جنهن کي لهر نه ڪو لوڏو، پر ٿيندو اُهو جيڪو زميني حقيقتن موجب هوندو. جي اسان جي ماضي واري سنڌ جنهن جون وسيع سرحدون هيون اُهي سُسي ننڍيون ٿي سگهن ٿيون ته اسان جي ٻولي کي خطرو ڇو نٿو ٿي سگهي؟ پري ڇو ٿا وڃو، موهن جي دڙي جو ئي مثال وٺو، ان ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، اها اڄ ڪٿي آهي؟ ۽ گهٽ ۾ گهٽ اها هيءَ ٻولي ته ناهي جيڪا اسان هِن وقت ڳالهايون ٿا. ۽ ٻي ڳالهه ته اسان هِن وقت تائين پنهنجي ٻولي لاءِ ڪهڙا وڏا تير هنيا آهِن ۽ ان جي تحفظ لاءِ ڪهڙا اپاءُ ورتا آهن جو چئي سگهون ته اسان جي ٻولي فنا ٿيڻ کان بچي ويندي!؟ دنيا جون ڪافي ٻوليون جيڪي علم ادب ۾ اسان کان شاهوڪار آهن ۽ جن جي ڳالهائيندڙن وٽ ڪافي وسيلا به آهن، جي اُهي به هن دور جي تقاضائن ۽ ضرورتن سان هم آهنگ نٿيون ٿي سگهن ته پوءِ پلا اسان جي ٻولي جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ رڳو ماضيءَ جي دور ۾ موهن جي دڙي جي ثقافتي ورثي جهڙي عظمت هئڻ ٻولي بچائڻ لاءِ ڪافي ته ناهي. جي اسان کي پنهنجي ٻولي بچائڻي آهي ته ان لاءِ اسان کي تياري به جديد بنيادن تي ڪرڻي پوندي.

هڪ ته ماضيءَ ۾ اسان جي وڏڙن جا ڪيل فيصلا غلط هئا جن جو ڪيتو اسان هن وقت به لوڙهيون پيا. انگريز حڪومت جي دور ۾ 1853 ڌاري جڏهن ان وقت جي انگريز ڪمشنر سر بارٽل فريئر سنڌي ٻوليءَ جي اسڪرپٽ (رسم الخط يا لپي) لاءِ ڪاميٽي ناهي هئي، اُها جي سنڌي ٻولي لاءِ رومن (لئٽن) رسم الخط تجويز ڪري ها ته اڄ اسان کي هي ڏينهن نه ڏسڻا پون ها. اُها ڪاميٽي جنهن ۾ 6 هندو ۽ 6 مسلمان ميمبر هئا، جنهن ۾ هندن جو سنڌي ٻولي لاءِ ديو ناگري رسم الخط رائج ڪرڻ تي زور هو ۽ مسلمانن جو وري عربي رسم الخط تي. بس پوءِ ٿيو ائين جو ٿورين گهٽين ترميمن سان سنڌي ٻوليءَ لاءِ فارسي زده عربي (Persio Arabic) رسم الخط تجويز ڪيو ويو.

خير اهو زمانو ته سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي جو سست رفتاري وارو زمانو هو ۽ اڃان ماس ڪميونيڪيشن جا ذريعا به ايترا عام نه ٿيا هئا. جيئن جيئن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ترقي ڪندي وئي ۽ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا پنهنجو جار وڇائيندو ويو ته دنيا به سُسندي سوڙهي ٿيندي وئي. فاصلا گهٽجندا ۽ رابطا وڌندا ويا. هاڻي نئين نهندڙ دنيا ۾ ماڻهن جون ترجيحات به بدلجنديون ويون. جڏهن دنيا جي جديد علمن جي ڄاڻ جو پورائو اسان جون ڪوڙ ساريون ترقي يافته ٻوليون به ڪري ڪونه ٿي سگهيون ته سنڌي ٻولي ڇا ڪري سگهي ٿي؟ نئين سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ ۽ جديد علم ۽ ادب انگريزي ۾ ئي ميسر هو. انهيءَ ڪري اسان جي ماڻهن لاءِ انگريزي پڙهڻ ڪانسواءِ علم جي حاصلات اڻپوري محسوس ٿيڻ لڳي.

...(هلندڙ)...

(حصو پهريون)

(06 جنوري 1934ع  15 مارچ 2010ع)

# ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي
# سنڌ جو ناميارو محقق ۽ نقاد



ڊاڪٽر ذوالفقار
علي جلباڻي

هتي ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي لکيل اِنهيءَ شخصيت بابت جنهن نموني مراد ورتي وئي آهي تہ جنهن مان هڪ عالم، اديب ۽ شاعر جي حالات، علمي ۽ ادبي ڪارنامن کي بيان ڪيو ويو آهي. تن مان دين جي ٻين بزرگ هستين تي بہ قلم کنيو ويو آهي. مذڪوره شخصيت جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن کي متعارف ڪرائڻ جي مقصد کي مدنظر رکيو وڃي تہ ان جو مقصد سنڌ جي ويجهي ماضي جي علمي شخصيتن جي ادبي خدمتن کي نمايان ڪري بيان ڪيو ويو آهي تہ جيئن انهن جي ياد باقي رهي. اهڙي تحقيق ۾ ڊاڪٽر حامد علي، حاجي نظر محمد ديهاتي جي علمي، ادبي ڪارنامن کي ساراهيندي سندس تصنيفن 1. مجموعہ نظم ديهاتي، 2. انوار الاحمديہ في حالات المشائخ النقشبديہ، 3. احسن التقرير في جواب التحرير 4. دارالمنظوم في تذڪرت المخدوم، 5. رسالہ ابتدا سلوڪ جو مختصر تعارف پيش ڪيو آهي ۽ ان جي سوانح ۽ اولاد بابت ٻڌايو آهي تہ: ”مولوي صاحب کي خداوند تعاليٰ ٻہ فرزند مولوي غلام حسين ۽ مولوي ميان نور احمد عطا ڪيا. اهي ٻئي بزرگ پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي، علمي ۽ ديني خدمت ڪندا رهن ٿا.“ (خانائي: 2006ع، ص، 216)

هن وقت مولوي صاحب جا ٻئي فرزند بہ وفات ڪري چڪا آهن ۽ ديني فيض سندن پويان جاري رکيون پيا اچن. تحقيق ۾ صحتمند قدر ئي ترقي ڏانهن گامزن ڪندا آهن. ادبي دنيا ۾ سياسي، سماجي ۽ ثقافتي قدرن جي آگاهي لاءِ ڪنهن بہ ادبي شخصيت جي زندگي جي دور ۾ ان جي علائقي جي متعلق اهم معلومات ڏني ويندي آهي ۽ مولوي نظر محمد ديهاتي ۽ ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي وڏڙن جا پاڻ ۾ علمي، ادبي علائقائي ۽ ڀائپي وارا تعلقات هئا ان نسبت سان بہ تہ هي ٻئي ننڍڙا شهر خانواهڻ ۽ ديهات، ساهتي پرڳڻي جي تعلقي ڪنڊياري ۽ محرابپور تعلقي جي نَو لکي جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي هڪٻئي کان ٽن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آباد آهن. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي ڪتاب ”مقالات خانائي“ ۾ سنڌ جي مشهور ۽ معروف مختلف شخصيتن تي ويهہ مقالا لکيا. انهن مقالن کي بشير احمد هيسباڻي ترتيب ڏئي 2006ع ۾ ڇپرايو آهي. هن سموري تحقيق ۾ ويهن اهم شخصيتن جي علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ڪارنامن کي متعارف ڪرايو ويو آهي. سموري تحقيق مان جيڪي نتيجا آڏو آيا آهن تن کي هيٺ بيان ڪريون ٿا.

قريشي حامد علي خانائي هڪ محقق جي حيثيت ۾ تحقيق ۾ جيڪو بنيادي خاڪو ٺاهيو ويو آهي، اهو ڪتاب جي فهرست مان معلوم ڪري سگهجي ٿو. پيش لفظ ڪانپوءِ مهاڳ ۽ پوءِ شخصيتن جي احوال ۾ بيان ڪيل ڳالهين کي اڳ ۾ پيش ڪيل ڳالهين سان ملائي انهيءَ روشنيءَ ۾ اپياس پيش ڪيو ويو آهي ۽ جتي ڪا کوٽ محسوس ڪئي اٿس ان جاءِ تي نشاندهي ڪئي وئي آهي. مثال طور: شيخ هوتي لاکي بابت لکي ٿو تہ: ”سنڌ جي ڪنهن بہ مورخ ۽ تذڪره نگار سندس آباءُ واجداد جي باري ۾ ڪوبہ تفصيل سان احوال نہ ڏنو آهي. البتہ سندس ڪماليت ۽ بزرگيءَ جي باري ۾ ڪافي حيرت ۾ وجهندڙ ڪرامتون ۽ روايتون بيان ٿيل ملن ٿيون. شيخ هوتيءَ جو سڀ کان پهريائين سيد عبدالقادر رضوي نصرپوريءَ جي تاليف ”حديقتہ الاولياءَ سنڌ“ (سن 1016ھ/1607ع) ۾ تذڪرو ملي ٿو.“ (خانائي: 2006ع، ص، 15)

**جائزو:**

ڪنهن بہ ڳالهہ کي غير ضروري ڊيگهہ ڏيڻ خامين جي ذمري ۾ ايندو آهي. ڊاڪٽر حامد علي خانائي کي گهرجي ها تہ وڌ ۾ وڌ حقيقي مفهوم کي مختصر لفظن ۾ چٽو ڪري ها ۽ غير ضروري اختصار کان بہ پنهنجي تحقيق کي بچائي ها ۽ غير ضروري تفصيل ڏيڻ کان بہ پاسو ڪيو وڃي ها، اهي تحقيق ۾ عيب هوندا آهن. ڊاڪٽر حامد علي خانائي کي گهرجي ها تہ پنهنجي مواد ۾ اهم نقطن کي موزون ۽ اعتدال پسنديءَ سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها تہ اجان بہ ڪي پهلو رهجي بہ نہ وڃن ها ۽ ڪوبہ غير اهم پهلو شامل نہ ٿي سگهي ها ۽ آخر ۾ هُو پنهنجي طرفان ڪي اضافي پهلو اجاگر ڪري پيش ڪري ها ۽ رڳو ٻين جي حوالن کان پاسو ڪيو وڃي ها. مثال طور: مخدوم جعفر بوبڪائي جي شخصيت جي علمي ڪارنامن کي بيان ڪرڻ وقت رڳو، عربي ۽ فارسيءَ جي شعرن جي هڻ مار ڪري ڏني آهي، سندس موضوع جو مقصد سنڌي زبان کي اجاگر ڪرڻو آهي، پر مخدوم جعفر بوبڪائي جي ادبي ڪارنامن سنڌي زبان وارا رخ گهٽ نظر اچن ٿا. اسان سندس هن تحقيق ۾ ٽن اکرن تي ڌيان ڌريون ٿا تہ اسان کي تنقيدي جائزي وٺڻ دوران اپياس مان جيڪا ڳالهہ آڏو آئي تہ سندس تحقيق ۾ جيڪا سچائي پيش ڪيل آهي تن جي ثبوتن پيش ڪرڻ ۾ يقين ٿئي ٿو تہ سندس تحقيق صحيح رخن ۾ هلي ٿي ۽ ٽنهي نقطن يعني سچائي، ثبوت ۽ يقين ۾ جذبو ڏنو ويو آهي، سندس تحقيق جو بنياد ٽنهي نقطن تي استوار ٿيل آهي، سندس تحقيق مان هڪ سچائي جو ثبوت پيش ڪريون ٿا.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي لکي ٿو تہ: ”محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ (ٽيون ايڊيشن 1990ع، ص 339) ۾ مخدوم جعفر جي والد جو نالو ”مخدوم يعقوب عرف مخدوم ميران“ ڄاڻايو آهي، جو درست نہ آهي. مخدوم جي والد جو نالو ”مخدوم عبدالڪريم عرف ميران هو. مخدوم يعقوب سندس ڏاڏو هو.“ (خانائي: 2006ع، ص، 26)

اسان وٽ اڪثر ايئن ٿيندو آهي تہ تحقيق ۾ بہ خوشامد کان ڪم ورتو ويندو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ احترام سان ورتو ويندو آهي ۽ وٺڻ بہ گهرجي، پر سچائي کي پيش ڪرڻ وقت بهادري ۽ ثبوت گهرجن، اُن لاءِ قريشي حامد علي خانائي ٻاويهن حوالن ۽ فوٽ نوٽس ۾ ڪيترائي ثبوت پيش ڪري، يقين سان پنهنجي تحقيق پيش ڪري ٿو، جنهن جو اعتراف خود ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ ڪيو آهي جيڪا ڳالهہ هڪ ڪتاب ”ساهتي پرڳڻي جو ِوهائُو تارو“ ۾ موجود آهي، سا ڳالهہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مذڪوره ڪتاب جي تاثرات مان معلوم ڪري سگهجي ٿي. جيئن تحقيق وارو ڪم هڪ لڳاتار عمل آهي، انسانن کي انهيءَ معرفت ڪيترن ئي نون واقعن جو علم حاصل ٿيندو رهندو آهي. ڇاڪاڻ جو تحقيق هڪ جاءِ تي بيٺل جامد عمل نہ آهي، پر سدائين هر دور ۾ تحرڪ ۾ رهندڙ علم آهي، انهيءَ ذريعي معلومات تبديل ٿيندي رهندي آهي ۽ جاڻ ۾ اضافہ ٿيندا رهندا آهن ۽ خاص طور تي پراڻا واقعا يا تاريخون اڪثر منجهيل نظر اچن ٿا ۽ تاريخي حقيقتون پردن ۾ لڪل بہ هونديون آهن. ڊاڪٽر حامد علي خانائي وڌيڪ لکي ٿو تہ: ”مخدوم عبدالڪريم عرف ميران جي باري ۾ مير علي شير ”قانع“ ٺٽوي لکي ٿو: ”مخدوم ميران ولد مولانا يعقوب، معقولي خواهہ منقولي علمن جو جامع هو. مرزا شاهہ حسن کي بہ ڪجهہ وقت تعليم ڏني هئائين. اڪثر طالب، علم جو نور سندس روشن طبع جي فانوس مان وٺندا هئا. سن 949ھ ۾ گذاري ويو. ”علامہ وارث الانبياءِ“ سندس تاريخ آهي. هن جي مزار مڪلي ٽڪري تي آهي.“ انهيءَ بيان ۾ ڊاڪٽر حامد علي خانائي وڌيڪ چوي ٿو تہ: ”اهڙيءَ طرح، مير علي شير ”قانع“ ٺٽويءَ پنهنجي ٻين ڪتابن جهڙوڪ: ”مقالات الشعراءِ 3. ۽ ”معيارِ سالڪانِ طريقت“ ۾ پڻ مخدوم ميران جو اهو


ساڳيو ئي ”تحفتہ الڪرام“ وارو احوال بيان ڪيو آهي. مير ”قانع“ ٺٽويءَ مخدوم ميران کي ٺٽي جي عالمن ۽ بزرگن ۾ شمار ڪري سندس مدفن مڪلي ٽڪريءَ تي ڄاڻايو آهي. دراصل مخدوم ميران جو تعلق ”ٺٽي“ سان نہ بلڪ ”ٻُوبڪن“ سان هو. مخدوم ميران ديني ۽ فقهي مسئلن جي بحث مباحثي جي سلسلي ۾ ٺٽي جي عالمن ۾ رهندو هو.“ (خانائي: 2006ع، ص، ص، 28، 29)


اهڙيءَ طرح اڄ جو تحقيقي نتيجو سپاٽي غلط ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ هن عمل جو سلسلو جاري رهڻ ئي قومن لاءِ فائديمند آهي، سچائي جي تلاش ۾ انساني ڪاميابي جو وڏي ۾ وڏو ثبوت هي آهي تہ هر دور ۾ نوان انقلاب ۽ نيون ڳالهيون بحث مباحثي هيٺ روان دوان رهن تہ چڱو عمل پيدا ٿيندو رهندو. اسان ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي ڪم کي مرڪز بڻائيندي ان ۾ سندس مختصر تحقيقي ڪم جي اسلوب ۽ بيان جو بہ جائزو ورتو آهي ۽ سندس تحقيقي ڪمن مان جا ڳالهہ سامهون آئي آهي تہ سندس تحقيق ڏانهن لاڙو ڏاڍو دلچسپ ۽ جذبي سان سرشار نظر اچي ٿو سا ڳالهہ اسان کي سندس تحقيق مان معلوم ٿئي ٿي. ٻي سندس تحقيق مان اها بہ ڳالهہ ڏني وئي تہ جنهن بہ موضوع تي لکي ٿو ان ۾ موضوع کي توڙ تائين پهچائي ٿو جنهن ۾ عنوان جو نتيجو واضح ٿي بيهي ٿو ۽ تحقيق جو مفهوم ذهن ۾ واضح ٿي بيهي ٿو ۽ مقصد بہ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ڪهڙي نئين ڄاڻ ڏنائين جو اڳ جي پيٽ ۾ نئين آهي. هر علمي، ادبي، سماجي ڪم جي پٺيان ڪنهن نہ ڪنهن انسان جو ڪارنامو ۽ انساني ذهن شامل هوندو آهي ۽ ڊاڪٽر حامد علي بہ انسانن جي عقلي ڪارنامن کي تحقيق ڪري پيش ڪري ٿو. مثال طور: هُن هڪ شخصيت، عبدالرزاق عبدالسلام ميمڻ جي شخصيت فن ۽ فڪر تي قلم فرسائي لاءِ سندس تحريرن کان ويندي زندگيءَ جي احوال ذڪر هيٺ آندو آهي ۽ گهربل مواد جي ڳولا ڪندي لکي ٿو تہ: ”بهرحال، عبدالرزاق ”رفعت“ جو هٿ اکر لکيل هڪ ”بياض“ قلمي صورت ۾ سندس لائق پوٽي اڪرام الله ميمڻ کان ميسر ٿيو آهي، جنهن ۾ پڻ سندس ٿورو ڪلام مليو ٿو.“ (خانائي: 2006ع، ص،246)


**تنقيدي جائزو:**

ان هٿ ڪيل بياض مان کي مثال پيش ڪري ٿو. تحقيق جي طالب علم کي ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي مختصر ڪم مان جنهن ڳالهہ جي اڻاڻ بہ ڪمي محسوس ٿي آهي سا هي آهي تہ ان پنهنجي دور جي حالات ۽ واقعن کي تمام گهٽ ڇهيو آهي. ڊاڪٽر حامد علي خانائي جي تحقيق وارو زمانو 1962ع کان 2010ع تائين مشتمل آهي هن عرصي دوران سنڌ جي تاريخ ۽ ادب ۾ ڪافي نوان آئي آهي. انهيءَ عرصي جي جملي تحقيق ۾ ڊاڪٽر حامد علي خانائي پنهنجي دور جي حالتن ۽ واقعن کي پنهنجي تحقيق ۾ جاءِ نہ ڏني آهي، انهيءَ جو ڪهڙو سبب ٿي سگهي ٿو ۽ ڪابہ روشني نٿي ملي تہ هُو پنهنجي دور جي ادبي حالتن کي ڪيئن ٿو ڏسي ۽ ان جو پنهنجي دور بابت ڇا خيال آهي. هن جي تحقيق مان ادبي بصيرت واري روشني تہ نظر اچي ٿي، پر سراسري طور تي هُو پنهنجي دور جي ادبي معاملن تي گهٽ لکي سگهيو آهي، سٺ جي ڏهاڪي کان وٺي سنڌ جي ادبي دنيا ۾ جيڪا نوان آئي آهي ۽ سنڌي زبان ۾ ڪيترين ٻاهريون صنفون داخل ٿيون آهن تن ڳالهين کي گهٽ ڇهيو ويو آهي ۽ انهن معاملن تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو آهي ۽ نہ ئي ان بابت لکيو آهي نہ ئي پنهنجي همعصر دور جي عالمن ۽ اديبن جي ڪم کي بہ متعارف ڪرايو آهي. جڏهن سندس تحقيق جو گهرو مطالعو ڪجي ٿو، تڏهن سندس تصنيفات يا مقالن جي اڀياس مان اطمينان ٿئي ٿو تہ زندگي اڃان اجازت ڏئيس ها تہ پنهنجي دور جا ادبي معاملا ضرور نڪري نروار ٿي بيهن ها. ڇاڪاڻ جو هُو پنهنجي دور جو اکين ڏٺو شاهد هو، ان ڪري اهي معاملا تڪليف وارا نہ پئي محسوس ٿيا، پر ماضيءَ جي ڌنڌلن عڪسن، روايتن ۽ تاريخن کي درست ڪري پيش ڪرڻ انهن تاريخي واقعن کي سڌارڻ انتهائي مشڪل ڪم هوندو آهي، جنهن لاءِ مواد جي ڳولا ۽ ان جو مطالعو گهٽي کان گهٽو ڪرڻو پوندو آهي. ڇاڪاڻ جو جڏهن ماضي جون غلط روايتون پنهنجون پاڙون پختيون ڪنديون آهن تڏهن انهن کي پٽي ٻاهر اڇلائڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي ۽ اهي روايتون ماڻهن کان ڏکيون وسرنديون آهن تنهنڪري انهن ڳالهين کي سچائي سان پيش ڪرڻ لاءِ ڪيئي سچايون پيش ڪرڻيون پونديون آهن ۽ ڊاڪٽر حامد علي خانائي ايئن ئي ڪندي تحقيق ۾ غلط ڳالهين کي مارڪ ڪري، پراڻن ادبي معاملن ۽ مسئلن کي سلجهائڻ لاءِ گهڻن ئي احوالن يا ماخذن جي چونڊ ۾ انتهائي خبرداري سان ڪم کي اڳتي وڌائي غلط شين کي درست رخ ڏانهن تحقيقي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، اهي ڳالهيون موجوده دور ۾ ڌيان ڇڪرائين ٿيون. ٻئي طرف قريشي حامد علي خانائي جي تحقيق مان معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ سندس تحقيق ۾ نهايت ئي اهم ۽ ضروري معلومات حاشين ۾ ڏني وئي آهي. سندس تحقيق مان اهو بہ نظر اچي ٿو تہ مواد جي معلومات ڏيڻ وقت هڪ هڪ شيءِ کي ڏسڻ ڇڪاسڻ ۾ ڏاڍو محتاط نظر اچي ٿو. ڪنهن بہ ڪتاب جي حوالي يا اقتباس کي نقل ڪرڻ وقت گهٽي کان گهٽو احتياط پسندي جو مظاهرو ڪري ٿو. ڇاڪاڻ جو جنهن محقق جو حوالو ڪنيو آهي تہ ان ۾ احتياط کان ڪم ورتو آهي ۽ جنهن محقق جي اقتباس يا حوالي ڏيڻ ۾ بي احتياطي جو مظاهرو ڪيو تہ ايئن سمجهبو تہ ان جو تحقيقي ڪم شڪي آهي، هي بنيادي عمل آهي ۽ تحقيق جي پيڙهہ انهن شين تي ٻڌل هوندي آهي ۽ تحقيق جي عمارت جو دارو مدار هڪ نقطي تي هوندو آهي، اصل ڪتاب يا مقالي تان جيڪا شيءِ نقل ڪئي ويندي آهي ان جي وڏي اهميت هوندي آهي. جڏهن محقق ڪابہ عبارت نقل ڪندو آهي اتان لفظ بہ لفظ نقل ڪري ٿو، ايتري قدر جو اعراب جو بہ خيال رکيو ويندو جيئن اصل شيءِ ۾ ڪابہ خيانت يا بي احتياطي نظر نہ اچي، نہ تہ اها تحقيق شڪي ٿي پوندي ۽ ايتري قدر جو محقق جي پاران اتاري ويندڙ عبارت ۾ معمولي بہ واڌارو يا گهٽتائي هڪ سنگين غلطي تصور ڪئي ويندي آهي. هر محقق جڏهن ٻئي جي ڳالهہ نقل ڪندو آهي تہ انهيءَ کي هميشہ ٻٽين واڪ جي نشانين ”...“ ۾ رکي آخر ۾ ان کي واوين (...) ۾ رکندو آهي ۽ ڊاڪٽر حامد علي خانائي حاشين ۾ ان جي ڪٿي ڪٿي وضاحت بہ ڪئي آهي، ان جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ اقتباس يا حوالي جي عبارت ڪهڙي ڪتاب ڪهڙي مقالي جي ڪهڙي صفحي تان ڪنئي وئي آهي ۽ اهو ڪتاب ڪنهن لکيو؟ ڪنهن شايع ڪيو ۽ ڪهڙي جڳهہ تان شايع ٿيو. حاشي ۾ هي معلومات درج ڪندي محقق احتياط پسندي سان ڪم ڪيو آهي. حوالي ۽ اقتباس جي لاءِ ماخذ ۾ اها ڳالهہ ضروري نہ هوندي آهي تہ حوالو مضبوط آهي يا نہ ان جو تحقيق تي ڪوبہ فرق نٿو پوي، محقق لاءِ ان طرح جي ڪابہ پابندي نہ آهي.

...(هلندڙ)...






# همعصر اديبن تي تنقيد



شبير کوکر

سنڌ ۾ تنقيدي حوالي سان همعصر اديبن، دانشورن ادب تي گهٽ شخصيتن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو آهي. ڪنهن زماني ۾ ڪجهه ادبي شخصيتون تنقيد کان محفوظ يا غير متنازع شمار ڪيون وينديون هيون، پر همعصر دور ۾ ڪابه ادبي شخصيت متنازع بڻجڻ کان بچي نه سگهي آهي. جن ۾ امر جليل، نورالهديٰ شاهه، جامي چانڊيو، احمد سولنگي، شيخ اياز، مدد علي سنڌي، اسحاق سميجو، اعجاز منگي، عرفانه ملاح، امر سنڌو، نصير گوپانگ، فهميده حسين قابل شمار آهن. تنقيد جي نوعيت علمي، عملي ۽ شخصي رهي آهي. پليجي تي ايم. آر. ڊي تحريڪ، نظرياتي سياست سبب تنقيد علمي ۽ عملي چئي سگهجي ٿي. نورالهديٰ شاهه تي بحريه ٽائون ڊرٽي جي مخالفت سبب ٿي جيڪا عملي تنقيد ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي.

اعجاز منگي تي امت اخبار جي نوڪري ڪرڻ، شيخ اياز ميلي ۽ سنڌ ادبي ميلي، ڪراچي سبب ٿي آهي.

جامي چانڊيي تي گهڻي تنقيد سندس نظرياتي ادب تي ٿي رهي آهي. جنهن ۾ هو پليجي جي نقش قدم تي هلندي نظر اچي ٿو. اليڪشن 2013 ۾ اديبن ۽ دانشورن جي هڪ ڏکهي لابي ڪرپٽ، بدعنوان، ملزم اشرافيه جي جمهوريت جي حمايت ۾ هڪ پمفليٽ ڇپائي پڌرو ڪيو هو جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي دانشورن تي تنقيد مضمون جي شڪل جي صورت ۾ سامهون آئي آهي.

شيخ اياز تي تنقيد سندس نظرياتي ترقي پسند ادب سان تعلق ۽ آخر ۾ ان تان مڪمل دستبرداري ۽ رد ڪرڻ سبب ٿي جنهن جي شروعات رسول بخش پليجي خود ڪئي ۽ انتهائي جارحانه انداز ۾ ڪئي.

مدد علي سنڌي ۽ اسحاق سميجي تي تنقيد سندس وقت جي دربار سان گهري وابستگي جي بنياد تي ٿي رهي آهي. استاد لغاري پهريون اديب آهي جنهن مدد علي سنڌي تي چوهه چنڊيا آهن.

عرفانه ملاح ۽ امر سنڌو جڏهن ڪان ثقافت کاتي جي پارڪ تي ڪيفي خانه بدوش تعمير ڪيو ۽ شيخ اياز ميلو شروع ڪيو تڏهن کان تنقيد جي زد ۾ آهن.

احمد سولنگي تي سنڌي ادبي سنگت جي عهدي تي اچڻ سبب تنقيد ٿي رهي آهي. امر جليل تي تنقيد هڪ ڪهاڻي جنهن ۾ خدا جي گستاخي ڪئي وئي هئي ان سبب سخت تنقيد جو شڪار بڻيو سندس شهرت بدناموسي ۾ تبديل ٿي وئي. فهميده حسين تي هڪ پي. ايڇ. ڊي جي مقالي جي نقل سبب ٿي آهي.

**معروضي سچ جامي چانڊيي ڪي جواب:**

سنڌ ۾ اهڙو مڪالمو اڃان تائين شروع ناهي ٿيو يا ان کان تغافل نظر ڪيو ويو آهي جتي نقاد سماجي رتبا، عهدا ۽ تعلق ڏسي پوءِ راءِ ڏيڻ پسند ڪن اتي ڪهڙا مڪالما ٿيندا. خود توهان جيڪو شيخ اياز، پليجو، جي. ايم سيد، ايم. آر. ڊي تحريڪ، سنڌ تي لکيو آهي اهو به اڌ سچ يا ڏنڌلو سچ ٿي سگهي ٿو. سنڌ ۾ مڪمل سچ اڃان علامتي پيرائي يا اسلوب جي چادر ۾ ڍڪيل آهي جنهن کي به نظرانداز ڪرڻ جو رجحان عام آهي.

**دانشورن تي تنقيد:**

بي. اي جي شرط، دفعا 62، 63 جي پهريون دفعو نفاذ تي مخالفت، چونڊون 2013 ۾ بالغ ووٽ جي حمايت ۾ پمفليٽ جي پڌرائي، بالغ ووٽر لسٽ ووٽر لسٽ جي جنس تي تقسيم، ووٽر لسٽ ۾ تعليم جو خانو شامل ڪرڻ، ووٽر جي عمر ۾ ڪمي، ايم. آر. ڊي تحريڪ، اشرافيه جي جمهوريت جي حمايت، شهرن جي ڦهلاءُ تي دانشور جوابده آهن جنهن جي ڪري دانشورن کي شڪ جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. رسول بخش پليجو کي سمجهڻ لاءِ لکمي ڪلاڻي ۽ ٻين کي لازمي پڙهڻ گهرجي بجاءِ هن شخص جي لکڻين کي.

**جامي کي جواب:**

تنقيدي شعور پنهنجو اظهار نه ڪندو، سياسي ۽ ادبي، شخصيتن، تحريڪن، سياسي پارٽين جي نتيجن تي تنقيد نه لازمي ٿيندي اسان کي برداشت ڪرڻ گهرجي بلڪ دل سان قبول به ڪرڻ کپي، پر پليجي لکمي ڪلاڻي جي تنقيد کي قبول نه ڪيو جنهن ڪيس آئينو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي.

ادا اها تبليغ گرو پليجو گذريل 40 سال اڳ ڪري چڪو هاڻي توهان ڪا ٻي ڳالهه ڪريو. مثال طور: جيڪا حڪومت جي اصل طاقت آهي بالغ ووٽ ان کي نامنظور ڇو نه ڇئو؟ بالغ ووٽر ۽ انهن جا حمايتي پنهنجي عملن جو انجام ڏسي وٺن، اڃان به ڪو دانشور انهن ۾ اميد رکي تجويزون پيش ڪري ٿو نه ان تي افسوس آهي. جيڪي بدترين جمهوريت جي تبليغ ڪن ٿا انهن تي تنقيد نه لازمي ٿيندي.

**جامي چانڊيو جي پوسٽ تي جواب:**

جناب هڪ ٻئي کي مبارڪون پلي ڏيو، پر ڪڏهن هڪٻئي جي ڪارڪردگي تي به اڻ ڏريو ٿي ڪا راءِ ڏيو خاص طور تي سنڌي شعبي ۽ سنڌ الاجي جي سربراهه طور ڪارڪردگي جي رپورٽ سامهون اچڻ لازمي آهي، مرتضيٰ سيال کي پنهنجي مقرري کان اڳ جي رپورٽ سامهون آڻڻ گهرجي.

افسوس چيئرمين صاحب پهرين پروگرام ۾ شروعات ئي پنهنجي دوست مقررن کي نوازڻ سان ڪئي جيڪا ڳالهه سندس پاليسي کي ظاهر ڪري ٿي اسان جي سندس هر وک تي نظر آهي. سمجهداري هڪ واضح ٿيل اصولن جي پابند رهي ٿي. جڏهن نه اختيار جبر جو رستو وٺڻ جو عادي رهي ٿو، جنهن جي ڪري اهي گهٽ گڏجي هلندا آهن، ان ڪري اهل دانش ۽ حاڪم يا آفيسر پري پري رهندا آهن!

**انعام شيخ کي جواب:**

شاهه تي تحقيق ۾ رڳو ايڇ ٽي سورلي کي معتبر قرار ڏيڻ ۽ سنڌي محققن کي نه مڃڻ ناانصافي آهي. جناب ڪجهه هن قوم تي رحم ڪائو غلام ذهنيت جي به حد ٿيندي آهي توهان کي سنڌي محقق گربخشاڻي به نظر نه آيو. پنهنجي سنڌي محققن کي نيچ ڏيکارڻ لاءِ ڪيستائين انگريز آقا کي سلام ڪندئو؟ هرو ڀرو پنهنجي معزز پروفيسرن، محققن جو مذاق پيا اڏايو.

ايڇ ٽي سورلي نه شاهه کي هڪ مذهبي شاعر لکيو آهي ۽ انگريزي جي وڏن شاعرن شيلي ۽ برائوننگ، ورڊز ورٿ کان بلڪل الڳ قسم جو لکيو آهي سندس هڪ جهڙائي رڳو ڪرئشيا ۽ اسحاق واٽس سان ڏيکاري آهي جيڪي مذهبي شاعر طور سڃاتا وڃن ٿا. ٻيو سورلي تاريخي پسمنظر ۽ چونڊ شاعري جو انگريزي ترجمو ڪيو آهي جڏهن نه اصل تحقيق جو ڪم بيتن جي لغت ۽ شرح آهي جيڪو ڪم گربخشاڻي، ڪيو آهي.

**پروفيسر اديبن جي لابي:**

پروفيسر صاحب جي خدمت ۾ عرض نه تعليم، تربيت، اعليٰ ذهانت جي امتحان، ادب، تهذيب، مذهب ۽ اسلاف جي ميراث جو ڪو اثر سماج جي

ڪنهن طبقي جي فرد جي عمل مان ظاهر نہ ٿيندو هجي تہ پوءِ انهن جي سيمينارن ۽ مذاڪرن ۾ ايترو وقت وڃائڻ جو ڪو جواز؟

جيڪي پروفيسر صاحب پس پرده ليڪڪن ڪي پڙهڻ جي زحمت نہ پيا ڪري سگهن جيڪي اسٽيج تي ويهي پاڻ ڪي ڪل سمجهي ويهي رهن ٿا سامعين ڪي راءِ ڏيڻ جي بہ لائق نہ پيا سمجهن انهن ڪي ڪپي تہ اسٽيج ڪان پري ويٺل ليڪڪن ڪي بہ پڙهي ڏسن پوءِ ڪا راءِ قائم ڪن.

حيدرآباد ادب ۽ ثقافت جو مرڪز هجڻ جي باوجود بہ اڄڪلهہ اتي اديبن جو وڏو ڪال ٿو ڏسجي هر سيمينار، ڪانفرنس ۽ مذاڪري ۾ يونيورسٽي جا ڪجهہ پروفيسر اديب اسٽيج جو سينگار بڻيل آهن، جن مان ٻن جو آواز ايترو تہ اڻ وڻندڙ آهي جو ڪجهہ سماعت جا ڪمزور اديب انهن جي تقرير مهل هال مان نڪري وڃڻ تي مجبور ٿي پون ٿا. پر ڪين ڪي پنهنجي بي سري هجڻ جو ذرو بہ احساس ناهي جو سامعين تي رحم ڪائي سگهن. گذريل سالن ڪان ڪو نئون چهرو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ لاءِ نہ پيو ملي! جيڪي روز قوم ڪي چئنلز تي عجيب غريب تجزيا پيا ٻڌائين ۽ پاڻ معمولي تنقيد ڪي بہ برداشت نہ پيا ڪري سگهن ۽ سوشل ميڊيا تان ماڻهن ڪي ان فريند ڪرڻ ۾ بہ دير نہ پيا ڪن انهن حضرات ڪي ڇا چئجي!

**اديبن جا پروگرام:**

ڪنهن بہ تقريب يا گڏجاڻي يا ڪانفرنس جي نوعيت يا معيار جي پرک ان جي منتظمين ۽ مهمانن جي تعارف يا پروگرام جي سٽاءُ مان ڪافي حد تائين خبر پئجي ويندي آهي، باقي رهيل تجسس وري رونمائي ڪانپوءِ ختم ٿيندو آهي.

اسان جي ملاقات رڳو ادبي تقريبون رهيون جن ۾ هو رڳو ڳالهائڻ لاءِ ايندو هو ۽ مان رڳو ٻڌڻ لاءِ ٻنهي جي جڳهہ الڳ هئي جيئن پور وڇوٽ، پر ڪجهہ ڳالهيون مشترڪ هيون جيئن همعصر ۽ ادبي ميڙاڪن ۾ شرڪت.

**اظهار سومري تي تنقيد:**

حيدرآباد ادبي ميلي ۾ حيدرآباد جي تباهي تي سيشن ٿيڻ ڪپي نہ تہ ميلي ۾ مزو نہ ايندو. اهو ميلو ڪهڙو جنهن ۾ ذڪر بربادي شهر نہ هجي.

ذڪر جابر، ظالم نہ هجي، جنهن ۾ ذڪر گريبان چاڪ نہ هجي، ذڪر فرياد ذڪر آهہ غريبان نہ هجي، جتي اهل منصب ڪان سوال نہ هجي!! جتي اهل تخت تي رڳو گلن جي ورڪا هجي، جتي وقت جي حاڪم ڪان ڪو سوال نہ هجي! مجاز ۽ مزاحمت ۽ حقيقت پسندي همعصر شاعري جا سرچشما آهن جن مان شاعر فيضياب ٿي رهيا آهن ۽ شاعري ڪي جلا بخشين پيا جيڪا ڳالهہ جديديت ۽ جديديت پڄاڻان جي نفي آهي.

**همعصرن جي پاڻ ۾ نہ لڳي:**

همعصر جي تغافل نظر، جو ڪيترا اهل قلم شڪار رهيا جن ۾ نمايان نالن ۾ استاد بخاري، شيخ اياز جو همعصر رهڻ جي باوجود شيخ صاحب جي نظر ڪرم ڪان بلڪل محروم رهيا سبب تہ ڪير بہ ڪلي نہ پيو لکي سگهي.

**اياز لطيف پليجي ۽ جامي چانڊيي جي پاڻ ۾ نہ لڳي:**

جامي چانڊيي جي ساجد سومرو، انعام شيخ سان نہ ٺڳي، اعجاز منگي جي نورالهديٰ شاهہ سان نہ لڳي.

**مکڙي ادبي لابي، سنڌ ادب فيسٽيول:**

انعام شيخ، غفور ميمڻ، اعجاز منگي، آڪاش انصاري، بيدل مسرور، منظور سولنگي، سهيل ميمڻ سڄي ادبي لابي.

**خانہ بدوش ڪيفي سان لاڳاپيل اديب:**

نورالهديٰ شاهہ، مدد علي سنڌي، تاج جويو، شير مهراڻوي، ادل سومرو، ممتاز بخاري، جامي چانڊيو، اسحاق سميجو، اظهار سومرو، نصير گوپانگ.

**اهل مقام space maker:**

جيڪي سماج ۽ ادارن ۾ پنهنجي لاءِ جڳهہ وٺي سگهيا، جنهن ۾ ذاتي اهليت ۽ تعلقات شامل ٿي سگهن ٿا. هن سماج ۾ تنقيد ڪان رڳو اهو ماڻهو بچي ٿو جيڪو ٻين تي تنقيد ڪان پرهيز ڪري ٿو، اهل تنقيد نشاني تي رهي ٿو يا پسمنظر ۾.


**اڻ وڻندڙ آواز:**

آواز جي لحاظ ڪان ٻڌندڙن ڪي تڪليف ڏيندڙ اڻ وڻندڙ مقرر، جن جي هڪ هڪ لفظ ڳالهائڻ سان دلي تڪليف ٿئي ٿي. هڪ بد آواز، گوڙ ڪي برداشت ڪرڻو پوي ٿو، جن ڪي هڪ سٺي مقرر بجاءِ رڳو عهدي جي بنياد تي تقرير لاءِ گهرايو وڃي ٿو، جن ۾ نياز پنهور، ادريس جتوئي، تاج جويو قابل ذڪر آهن.

**هڪ پوڙهي اديب تي طنز:**

هن فطري تبديلي سبب اڇن وارن ڪي تہ رنگ ڪري ڪارو ڪيو، پر سندس پوڙهي ٿي ويل چمڙي ڪي لڪائي نہ سگهيو، جنهن سندس وارن جي رنگ ڪي پڌرو پئي ڪيو ۽ سندس چهري جي عمر رسيده بيهڪ بہ ان جي شاهدي پئي ڏني ان جي باوجود هو پنهنجي پوڙهائپ ڪي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

***





سرمد ڪوسو

# 2022ع ۾ ڪيميسٽري جو نوبيل انعام حاصل ڪندڙ ڪيميادان!

ارڙهين صديءَ ۾ جديد ڪيميسٽري جو جنم ٿيو. اُن وقت کان ڪيميادانن لاءِ فطرت هڪ رول ماڊل آهي. زندگي خود ڪيترن ئي پيچيده ڪيميائي عملن جو مجموعو آهي. ٻوٽن، جانورن ۽ جيتن ۾ قدرتي طور تي تمام گھڻا ماليڪيول موجود آهن. هاڻي ڪيميسٽري جي مدد سان هٿرادو طور تي اهڙا ماليڪيول ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جيڪي قدرتي ماليڪيولز کان متاثر ٿي ٺاهيا پيا وڃن.

صدين جي ڄاڻ ۽ جستجو ذريعي ڪيميسٽري پنهنجي اهميت ثابت ڪئي آهي. هاڻي ڪيميادان پنهنجي ليبارٽرين ۾ ڪيترائي ماليڪيول ٺاهي رهيا آهن. پيچيده ماليڪيول ٺاهڻ دوران ڪين اِهو مسئلو بہ سامهون اچي ٿو تہ اِهي ماليڪيول تمام گھڻن ڪيميائي عملن کانپوءِ ٺهن ٿا ۽ انهن جي نتيجي ۾ ڪجهہ اڻوڻندڙ باءِ پروڊڪٽس بہ ٺهن ٿيون جيڪي ماحول لاءِ بہ نقصانڪار ثابت ٿين ٿيون، پر پوءِ بہ انهن تي قابو آڻيندي، ڪيميادان انهن ماليڪيولز کي ٺاهين ٿا. انهن ماليڪيولز جو ٺهڻ تمام گھڻو مهانگو ۽ محنت طلب هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سادا جواب ئي وڏا مسئلا حل ڪري ڇڏيندا آهن. سائنس ذريعي هر گذرندڙ ڏينهن سان عجوبا ئي ٿي رهيا آهن، جِن کي ڏسي عقل دنگ رهجي وڃي ٿو. ڪِلڪ ڪيميسٽري ذريعي جيو گھرڙن جا نقشا ٺاهيندڙ ٽي ڪيميادان بيري شارپليس، مارٽن ميلڊل ۽ ڪيرولن برٽوزي هن سال ڪيميسٽري جو نوبيل انعام حاصل ڪن ٿا. بيري شارپليس جو هي ٻيو نوبيل انعام هو. اهڙيءَ طرح هي پنجون شخص بڻجي ويو، جنهن ٻہ ڀيرا نوبيل انعام حاصل ڪيو هجي. هنن جي تحقيق جو مقصد اِهو هو تہ ڪِلڪ ڪيميسٽري ذريعي جيو گھرڙن جا نقشا ٺاهي سگھجن ۽ بائيو آرٿو گونل ري ايڪشن جي مدد سان انساني جسم ۾ ڪينسر سيل ڳولهي سگھجن ۽ پوءِ انهن جي علاج تي ڪم ڪجي.

هنن ٽنهي ڪيميادانن عملي ڪيميسٽري کي هڪ نئين دور ۾ داخل ڪري ڇڏيو آهي. هنن جيڪو ڪيميائي عمل ڪري اِهي ماليڪيول ٺاهيا آهن، ان ۾ هنن ڪاپر ڌاتو کي ڪيٽالسٽ طور استعمال ڪيو آهي ۽ ازائيڊ جي الڪلائين سان سائيڪلو ايڊيشن ڪرائي آهي.

هنن ڪِلڪ ڪيميائي عمل تيار ڪيا جيڪي جاندارن جي جيو گھرڙن ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ اُهي جيو گھرڙن جي معمول جي ڪم تي اثر انداز نٿا ٿين ۽ هاڻي اِهي ڪيميائي عمل سڄي دنيا ۾ استعمال ڪيا ٿا وڃن، جن جي ذريعي ڪينسر سيل کي ڳوليو وڃي ٿو ۽ پوءِ ان کي ٽارگيٽ ڪري ڪينسر جو علاج ڪيو وڃي ٿو.

انهن ڪيميائي عملن جي مدد سان هاڻي ڪينسر جي علاج جون دوائون بہ تيار ڪيون پيون وڃن. ٽيومر سيل جون اينٽي باڊيز ٺاهيون پيون وڃن ۽ انهن کي انساني جسم ۾ ويڪسين ذريعي داخل ڪيو ويندو تہ جيئن اُهي ٽيومر سيلز کي ٽارگيٽ ڪري سگھن.

شارپليس جو چوڻ آهي تہ ڪِلڪ ڪيميسٽري جي مدد سان قدرتي جيو گھرڙن جون ڪاپيون بہ ٺاهي سگھجن ٿيون جيڪي قدرتي جيو گھرڙن وانگر ڪم ڪنديون. مطلب ڪينسر جي ڪري جيڪي جيو گھرڙا متاثر ٿين ٿا، اهڙا ساڳيا جيو گھرڙا هٿرادو طور تي ٺاهي سگھجن ٿا. شارپليس ڪيميادانن کي پنهنجي تحقيق ذريعي اِهو پيغام بہ ڏي ٿو تہ ڪيميسٽري هڪ وسيع ميدان آهي، انهيءَ کي محدود نہ ڪريو. اسان هِن قسم جون عظيم ڪاوشون ڏسي اهڙن عظيم ماڻهن کي تمام گھڻو ساراهيون ٿا. ڇو تہ هي انسان ذات جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن.

❊❊❊



# زاهد منگي هڪ ڪميٽڊ انسان ۽ باصلاحيت ڪهاڻيڪار



عيسيٰ ميمڻ

**ڏوڪري** تعلقي ۾ خاص ڪري منگي برادري پڙهيل لکيل ۽ باشعور برادري سمجهي ويندي آهي. هدايت منگي، واحد بخش منگي، مظفر منگي، حاڪم منگي، ستار منگي، عزيز منگي، حفيظ منگي، ياسر منگي کان وٺي زاهد منگي تائين، منگي برادري جي هڪ وڏي کيپ آهي جيڪا علم، ادب ۽ شعور جي واٽ تي گامزن رهي آهي. فڪري طور تي گهڻي قدر رسول بخش پليجي سان، ٿوري قدر ڪميونسٽ پارٽي سان انهن جي وابستگي رهي آهي. هنن سان فڪري طور تي اختلاف رکي سگهجي ٿو ۽ رکڻ به گهرجي، مگر ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته هي سڀ پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ شريف، ڪنهن سان به بي واجبي نه ڪندا نه وري ڪنهن کي تنگ ڪرڻ جو سوچيندا. پنهنجي نظريي ۽ پارٽي سان ڪميٽمينٽ ايتري جو سخت مايوسي واري دور ۾ به هنن پنهنجو سفر نه ڇڏيو. مظفر منگي عمر جي آخري حصي ۾ تصوف ۽ ملائيت ۾ پناهه ورتي، پر رسول بخش پليجي سان پنهنجي فڪري وابستگي ختم نه ڪئي. هنن جو ڪنهن سان به اختلاف ٿيندو به ته اهو ايترو ته نرم هوندو جو ان ماڻهوءَ کي اها سزا ڏيندا جو ان سان سمورا ناتا رشتا ڪٽي ڇڏيندا باقي ڪنهن کي نقصان نه ڏيندا. هن سماج ۾ اهڙن ماڻهن جو هئڻ به سماج لاءِ ٿڌي هير مثل آهي. جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن شعور جي مٿان ذات پرستي جو اثر حاوي ٿي ويندو آهي. شايد سنڌي ۾ اها چوڻي سچ آهي ته ”ذات ڪانون کي به پياري ٿيندي آهي.“ اهو الڳ سوال آهي ته ڪانون جي ڪا ذات نه ٿيندي آهي صرف نسل ٿيندو آهي. ذات پات جو تصور صرف انسانن جي سماجي ۽ طبقاتي بيهڪ کي اظهاريندو آهي.



زاهد منگي به ساڳي برادري مان آهي جنهن جڏهن 14 مارچ 1985ع تي تعلقي ڏوڪري جي جکرا ڳوٺ ۾ عبدالستار منگي جي گهر ۾ اک کولي هئي، تڏهن هن جي ڪنن ۾ انقلاب جا نعرا گونجيا هئا. هي اهو دور آهي جڏهن سنڌ ۾ سياسي ۽ فڪري هلچل عروج تي هئي. هن جو ننڍپڻ جکرن ۾ گذريو. جکرا ڳوٺ عوامي تحريڪ جي سياسي هلچل جو مرڪز رهيو آهي. هن پرائمري تعليم به پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي هئي. ان ڪانپوءِ باڊهه ۾ ڇهين کان مئٽرڪ تائين پڙهيو ۽ انٽر سائنس ڪاليج ڏوڪري مان ڪيائين. هن ماسٽر (سنڌي ادب) ۽ ماسٽر ان فلاسافي (خاڪا نويسيءَ جو تحقيقي جائزو 1970ع-2015ع) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي مان ڪئي آهي. 2008ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت ۾ هن کي روزگار جو ذريعو به مليو ته هن کي نئين نسل کي تعليم ڏيڻ جو موقعو به فراهم ٿيو. هن پنهنجي پيشي سان ڪڏهن به بي ايماني نه ڪئي آهي. تعليم جي معاملي ۾ ڪنهن سان به مصلحت نه ڪندو. ڇاڪاڻ ته هي سمجهي ٿو ته تعليم سان ڪنهن به قوم جي تقدير تبديل ڪري سگهجي ٿي. سرڪار وٽ ڀلي تعليم ترجيح ۾ نه هجي، پر زاهد جهڙا ڪردار هن پيشي سان جنون جي حد تائين سچائي رکن ٿا.



هن جي ننڍپڻ کان ئي فڪري ۽ عملي طور تي وابستگي سڄاڳ ٻار تحريڪ سان رهي آهي. پليجي صاحب جي تحرير ۽ تقرير مان تمام گهڻو متاثر نظر ايندو آهي. سڄاڳ ٻار تحريڪ ۾ ٽيسٽائين هو جيسٽائين هي بالغ نه ٿيو هو. بالغ ٿيڻ ڪانپوءِ هن پارٽي جي مدر ونگ عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو هو. هن گهڻي قدر فڪري ۽ تنظيمي طور تي عوامي تحريڪ سان پنهنجي ذات کي وابسته رکيو باقي عوامي تحريڪ جي عوامي سياست ۾ نه هئڻ جي برابر حصو ورتو آهي. فڪري طور تي اسان ٻئي الڳ اسڪول آف ٿاٽ سان تعلق رکون ٿا، پر اسان پنهنجي دوستي جي وچ ۾ ڪڏهن به نظريي ۽ تنظيم کي ديوار بڻجڻ نه ڏنو آهي. سياست ۾ عملي طور تي مان گهڻو حصو ورتو هو. تڏهن هي چوندو هو ته ”تنهنجو شعبو سياست نه پر ادب آهي.“ هن سدائين مون کي لکڻ ۽ پڙهڻ واري پاسي تي ڪم ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. ڪجهه حالتن جي ڪري ۽ ڪجهه دوستن جي سمجهائڻ جي ڪري مان عملي طور تي 2015ع ڪانپوءِ سياست کان عملي طور تي پري ٿي ويس ۽ پنهنجي تعليم ۽ لکڻ پڙهڻ جي ڪم کي وڌيڪ وقت ڏنو

آهي. هاڻي مون محسوس ڪيو آهي تہ عملي سياست گهٽ ۾ گهٽ منهنجي مزاج کان گهڻو مٿي هئي. سياست شعبو اهڙو آهي جيڪو عمل ۾ بلڪل مختلف نظر ايندو آهي. اسان ٻنهي ۾ هڪ جهڙائي اها بہ آهي تہ اسان ٻئي سياست سان گڏ ادب سان بہ وابستہ رهيا آهيون. اسان ٻئي سنڌي ادبي سنگت ۾ بہ متحرڪ رهيا آهيون. اسان جي پيدائش جو سال بہ ساڳيو آهي. هڪ ٻئي جا همعمر بہ آهيون تہ همعصر بہ آهيون. اسان جي وچ ۾ پيار جو پيچ جوڙڻ وارو سائين واحد بخش منگي هو جنهن پرائمري دوران 94-1993 ۾ اسان کي هڪ ٻئي سان اهڙو ڳنڍيو جو اڄ تائين هن سان اهو پيار جو پيچ نہ ٽٽو آهي. سائين واحد بخش منگي جو پاءُ نديم منگي جيڪو منهنجو پرائمري ۾ ڪلاس ميٽ هو اڄ تائين ساڳئي پيار ۽ احترام سان هڪ ٻئي سان پيش ايندا آهيون. جيتوڻيڪ اسان وڏي عرصي تائين زماني جي وهنوار سبب نہ ملندا آهيون. مگر جڏهن بہ ملندا آهيون ساڳي اڪير ۽ پيار سان ملندا آهيون. مون کي ياد ناهي تہ زاهد ۽ اسان هڪ ٻئي سان ڪڏهن ٻاڙو ٻوليو هجي. ڪوڙ ڳالهين سان اتفاق نہ بہ هوندو آهي تنهن باوجود بہ اسان هڪ ٻئي سان ساڳئي انداز ۽ ساڳي اڪير سان پيار ڪندا رهيا آهيون.



ادب جي شعبي ۾ هن ڪهاڻي، تحقيق ۽ مضمون نگاري جي شعبي کي چونڊيو آهي. هن جا ٻيا سڀ شعبہ پنهنجي جاءِ تي مگر ڪهاڻيءَ جي شعبي ۾ جيڪو هن وٽ ڏانءُ آهي اهو قابل رشڪ آهي. هن ڪهاڻيءَ جو هنر ايترو تہ سکي ورتو آهي جو ڪهاڻيءَ جا فني توڙي فڪري پاسا ڪٿي بہ جهول ڪائيندي نظر نہ ايندا آهن. ڪهاڻي لکڻ ۾ هرو ڀرو ڪڏهن تڪڙ نہ ڪندو آهي. سنجيدگي ۽ آرام سان ان جا سڀ اوسا پاسا جاچي من ۾ محبت پائي رنڌا روڙيندو آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين جي ڪري سنڌي ادب ۾ مناسب جاءِ پيدا ڪئي آهي. هن وڏن اديبن جو پاڻ ڏانهن پنهنجي تحرير جي ذريعي ڌيان ڇڪايو آهي. اسان جا سينيئر اديب هونئن تہ نئين نسل کي مناسب داد گهٽ ڏيندا آهن، پر هن ان ڳالهہ جي پرواهہ ڪرڻ بجاءِ پنهنجو ادبي پورهيو پيئي ڪيو آهي. هن جون ڪهاڻيون موضوعاتي حوالي سان موجوده دور جي حالتن جون عڪاس آهن. هونئن مسئلا تہ ساڳيا آهن مسئلن جي نوعيت تبديل ٿي آهي ان ڪري هن جي ڪهاڻين ۾ بہ سماجي مسئلن جي اپٽار ٿيل آهي. هن جون ڪهاڻيون سماج جي ڏتڙيل طبقي جون ڪهاڻيون آهن. هن ڪهاڻي جي مقصديت کي ڪڏهن بہ فوت ٿيڻ نہ ڏنو آهي جنهن ڪري هن جون ڪهاڻيون اسان ۽ اسان جي سماج جون ڪهاڻيون آهن جن ۾ درد بہ آهي تہ درد جي دوا بہ آهي. هن جي ڪهاڻين جو ڪتاب "خوشي" جڏهن ڇپجي 2022ع ۾ پيڪاڪ ڪتاب گهر پاران شايع ٿي آيو هو تڏهن منهنجي خوشي جي انتها نہ هئي. جيتوڻيڪ هن اهو ڪتاب سرسوتي ساهت گهر پاران شايع ڪرڻ جو اصرار ڪيو هو، مگر مون هن کي صلاح ڏني تہ ڪنهن پروفيشنل پبلشنگ اداري پاران هي ڪتاب شايع ٿيندو تہ بهتر ٿيندو. جنهن ڪانپوءِ هي ڪتاب پيڪاڪ پاران شايع ٿيو آهي.


زاهد کي مون گهٽ جذباتي ٿيندي ڏٺو آهي. ڇڙ اڇڻ، ڪاوڙجڻ يا جذباتي ٿيڻ انساني فطرت آهي. هن ڪائنات ۾ ڪوبہ انسان اهڙو اوهان کي نہ ملندو جيڪو انهن ڳالهين کان پالهو هجي. سوال اهو آهي تہ هڪ شعور وند ماڻهو ڪاوڙ تي ڪيترو ضابطو رکي ٿو. شعور سدائين فطرت کي فتح ڪرڻ جي جنگ وڙهي آهي. اسان جي سامهون اهڙن ماڻهن جا مثال بہ موجود آهن جيڪي سموري دنيا جو علم پيٽ ۾ هجڻ جي دعويٰ ڪندا آهن، پر انهن جي ڪاوڙ ڪنڌي تان لهندي ئي نہ آهي. "لطيف جا پارکو سڏائيندڙ جن لطيف کي گهوٽي پيئڻ جي دعويٰ ڪئي آهي"، پر لطيف جنهن نهنائي سيکاري، "هو جهيڙين تون جهڪو ٿي" جهڙو فلسفو ڏنو. ان جي ابتڙ نظر ايندا آهن. اسان جيڪڏهن فطري عمل کي شعور جي تابع نہ ڪري سگهيا آهيون تہ باقي اسان جيڪو پڙهيا آهيون ان جو اظهار اسان جي روين ۾ بہ ظاهر نہ ٿيندو تہ ٻيو ڪٿي ٿيندو؟ زاهد پنهنجي شعور جي وسيلي انهن سڀني ڳالهين کي قابو ڪرڻ سکي ورتو آهي. متحرڪ رهڻ جي ڪري مان سدائين پنهنجن توڙي پراون جي تنقيدن جي نشاني تي رهيو آهيان. تنقيد تہ پري جي ڳالهہ ڪڏهن ڪڏهن نفرتن جي نشاني تي بہ رهيو آهيان. هن جي ويجهو رهندڙ دوستن بہ مون کي نشاني تي رکيو آهي، پر هن انهن جون ڳالهيون ٻڌيون آهن، پر هن ڪڏهن بہ مون کي پاڻ کان پري نہ ڪيو آهي. منهنجي ڪري هن کي ڪڏهن ڪڏهن پوڳڻو بہ پيو آهي، پر هن ڪڏهن بہ اف نہ ڪئي آهي. سدائين منهنجي عمل ۾ ڪم جو بچاءُ ڪندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ مان ڪڏهن بہ مخالفن جي مخالفت ۽ نفرتن جي ڪري مايوس نہ ٿيو آهيان. چاڪاڻ تہ مون کي خبر آهي تہ سماج وٽ سهپ ختم ٿي رهي آهي. سماجي معيار بدلجي ويا آهن. سماج ۾ سڀ کان عزت وارو اهو آهي جنهن وٽ جائز ناجائز ملڪيت آهي. اهي ماڻهو جيڪي سماج ۾ عملي طور متحرڪ آهن انهن کي سماج جي نفرتن ۽ مخالفتن جي اهڙن عذابن مان گذرڻو پوندو جنهن مرحلي مان، مان گذري رهيو آهيان. هن منهنجي هميشہ حوصلا افزائي ڪئي آهي. منهنجي زخمن تي ٿڌا پها رکيا آهن. هن جي مزاج ۾ ڏيکاءُ ۽ هرو ڀرو نالي ڪمائڻ جو شوق ڪڏهن بہ نہ رهيو آهي. پئسي ۽ نالي جي ڊوڙ ۾ ماڻهو انڌ جي گهوڙي تي سوار ٿي وڃن ٿا جو انهن کي باقي رشتن ناتن جي بہ شناس نٿي رهي، مگر هي انهيءَ ڊوڙ کان ڪوهين ڏور رهيو آهي. پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ وارو آهي. ڪنهن سان بہ دوستي مفاد ۽ لالچ جي بنياد تي نہ رکندو. دوستي جو ڀرم رکڻ جو فن وٽس ڪمال جو آهي. ڳالهائڻ ۾ بہ ضرورت کان وڌيڪ نہ ڳالهائيندو، نہ تہ ماڻهو جڏهن ڪنهن منزل تي پهچندا آهن تہ باقي ٻين کي ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نہ هوندا آهن. هڪ عام ۽ سادي زندگي گذاريندڙ زاهد منگي اسان جو فخر رهيو آهي. زندگيءَ جو وڏو سفر جن ماڻهن سان گذاريو آهي انهن ۾ زاهد منگي بہ هڪ آهي. لاڙڪاڻي، ڏوڪري ۽ باڊهہ ۾ جيڪي بہ علمي، ادبي ۽ فڪري سرگرميون ٿيون آهن انهن ۾ گڏ گڏ رهيا آهيون. سنڌي ادبي سنگت ۾ تہ هڪ ٻئي جو ڀرجهلو رهيا آهيون. هڪ ٻئي جو اعتماد رهيا آهيون. زماني جي گردش ۾ رهندي اسان ڪڏهن هڪ ٻئي کان نہ پري ٿيا آهيون نہ وري ٿيڻ ڏينداسين. هاڻي تہ وارن ۾ اڇا پوڻ شروع ٿي ويا آهن زندگي جا ٽي ڏهاڪا گڏ گذريا باقي بہ وقت گذري ويندو.

***

# استاد

سرمد صهبائي

(حصو پهريون)



ترجمو: خواجہ غلام علي ڪوساٽي

## ڏڪڻي

وقت تي انسان يا تہ پنهنجي رب کي ياد ڪندو آهي يا پوءِ پنهنجي استاد کي، پر مون کي پنهنجي استاد کي ياد ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي. ان لاءِ جو هو تہ منهنجي زندگي جي وهنوار جو حصو آهي، (هڏ بيتي) منهنجي جسم سان لاڳاپيل آهي. مان هن کي نہ بہ ياد ڪريان، تڏهن بہ هو مون کي ياد هوندو آهي. هي انهن استادن مان نہ آهي جيڪي اسان کي ڪلاس جي ڪمرن ۾ درسي ڪتاب پڙهائيندا آهن، هي اهو استاد آهي جيڪو اسان کي زندگي گذارڻ سيکاريندو آهي.

منهنجي ان عظيم استاد سان پهرين ملاقات ڪاليج جي ڪينٽين ۾ ٿي هئي. گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۾ پهرين ڏينهن مون کي خبردار ڪري ڇڏيو هو تہ مان سينيئر ڇوڪرن کان هوشيار رهان. ڇو جو اهي فرسٽ ايئر جي ڇوڪرن کي خوب بيوقوف بڻائيندا آهن. انهن کان پڇبو تہ في ڪٿي جمع ڪرائبي آهي؟ تہ اهي توکي ڪاليج جي ليٽرين ڏانهن موڪلي ڇڏيندا ۽ جي پڇو تہ انفارميشن ڪائونٽر ڪٿي آهي تہ توکي گرلس روم جو رستو ڏيکاريندا. جتي ڇوڪريون گڏجي تنهنجي ڏاهوڪي ڏرڳت بڻائينديون... اتفاق سان ان ڏينهن ڪاليج يونين جي طرفان ٽين وڳي هڪ سيمينار ٿي رهيو هو. مان اوول گرائونڊ ۾ ويهي هڪ تقرير لکي ورتي، پر جڏهن هال ۾ پنهنجو نالو لکرائڻ ويس تہ خبر پئي تہ يونين جي فنڪشن ۾ فرسٽ ايئر جي شاگردن کي حصو وٺڻ جي اجازت نہ آهي. مان سخت مايوس ٿيس، پر پوءِ خبر پئي تہ يونين جو سيڪريٽري هارون ڪياني آهي. هارون، جسٽس ايم آر ڪياني جو پٽ آهي ۽ ڪياني صاحب منهنجي والد جي تمام بهترين دوستن مان هڪ هو. مون فورن هارون کي والد صاحب جو نالو ٻڌايو. هن چيو اگر ٽائيم بچيو تہ توکي پنج منٽ ڏنا ويندا. پنج منٽ بچي ويا ۽ مون جيڪو ڪجھ لکيو هو ديده دليري سان پڙهي ڇڏيو. هن سيمينار ۾ وڏا وڏا سينيئر مقرر شامل هئا. علي ڪاظم، امتياز جاويد، طارق علي، ارشاد ڪاظمي ۽ خالد جاويد. خبر نہ آهي مصنفين کي منهنجي ڪهڙي ڳالھ پسند آئي جو انهن مون کي پهريون انعام ڏيئي ڇڏيو! هاڻ هڪ پاسي تہ مون کي ان ناممڪن انعام تي خوشي ٿي رهي هئي، پر ٻئي پاسي اهو ڪٿڪو بہ هو تہ هي سينيئر ماڻهو هاڻ خبر نہ آهي مون سان ڪهڙو حشر ڪندا؛ مان بہ ڏڄندي ڏڄندي هال مان نڪتس تہ سامهون اهي سڀ سينيئر بيٺا هئا. ان کان اڳ جو مان واپس وران، هنن مون کي ڏسندي ئي مبارڪ مبارڪ جا نعرا هنيا ۽ ڏاڍي گرم جوشي سان هٿ ملائيندي ڇپائون، هاڻ هل تون اسان کي ڪينٽين ۾ چانھ ۽ سمبوسا کارائي. پهرين تہ مون سمجهيو اهو مون کي فرسٽ ايئر فول ٺاهڻ جي ڪا چال آهي؛ پر جڏهن چانهن جو دور شروع ٿيو تہ انهن سان ڪجھ اهڙي بي تڪلفي ٿي وئي جو لڳو تہ هي سڀ سالن کان منهنجا دوست آهن.


گورنمينٽ ڪاليج ۾ داخلا ملڻ جو مطلب هڪ مهذب دنيا ۾ داخل ٿيڻ هو ۽ مهذب دنيا جو مطلب انگريزي تهذيب هو. اٽڪل سڀ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هڪ ٻئي ساڻ انگريزي ۾ ڳالهائيندا ۽ انگريزي اسٽائل ۾ اٿندا ويهندا هئا... ڇوڪرين ۾ ڪا ايوا گارڊنر هئي تہ ڪا سوزن هيورڊ، ڇوڪرن ۾ ايلوس پرسلي، گريگري پيڪ ۽ راڪ هڊسن. ٻئي ڏينهن جڏهن مان انهن ئي سينيئر دوستن سان ڪينٽين ۾ ويٺي گورنمينٽ ڪاليج جي ڪولونيل گلوري colonial glory سان مسحور ٿي رهيو هئس تہ ڏٺم هڪدم منهنجي چوطرف ويٺل سڀ سينيئر هڪ هڪ ڪري کسڪي ويا! ۽ هڪ ڏگهن وارن وارو ماڻهو نيڪر پاتل منهنجي سامهون بيٺل هو (او کاکا تیری تے اندرے کلاس ہو رہی اے تے توں ایتھے بیٹھا چا پی رہا ایں؟) پٽ تنهنجي اندر ڪلاس پيو هلي ۽ تون هتي ويهي چانھ پيو پيئين؟ هي ڪير آهي جيڪو مون سان ايڏي بي تڪلفي سان پيو ڳالهائي ۽ اهو بہ پنجابي ۾، منهنجي سمجھ ۾ نہ آيو تہ مان ان کي ڇا چوان، پر ان جي شخصيت ۾ ايڏي دلڪشي ۽ پنهنجائپ هئي جو ڪجھ چوڻ بنا خاموشي سان ان سان گڏ هلڻ لڳس، هو منهنجي ٻانهن جهلي مون کي ڪلاس ۾ وٺي آيو ۽ اتي بہ انهيءَ بي تڪلفي سان هن پروفيسر کي چيو (لو بھئی تسی تے اتھے کلاس پڑھا رہے او تے تھاڈا منڈا باھر ویھی چا پی رہیا اے) جناب توهان تہ هتي ڪلاس ۾ پڙهائي رهيا آهيو ۽ توهان جو شاگرد ٻاهر ويهي چانھ پيو پيئي. مان حيران پريشان، انگريزن جي ڪاليج ۾ انگريزي جي پروفيسر سان بہ علي الاعلان پنجابي ۽ اها بہ بي تڪلف! يار هي شخص ڪير هو؟ مون پاڻ سان گڏ ويٺل ڇوڪري کان پڇيو،


”هي ڊاڪٽر نذير آهي ڪاليج جو پرنسپل“.

”پرنسپل؟؟“

”ها...“

ٻئي ڏينهن اهو واقعو پنهنجي سينيئر دوستن کي ٻڌايو تہ انهن چيو ڊاڪٽر صاحب جڏهن رائونڊ تي ايندو آهي تہ پڇي ويندو ڪر... لحاظ مون جيئن ئي ڊاڪٽر صاحب کي ايندو ڏٺو تہ جلدي ۾ کسڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مون کي سمجھ ۾ نہ آيو تہ مون کي ڪهڙي پاسي ڀڄڻ گهرجي، (او کاکا ٹھہر جا) مون کي هڪدم ڊاڪٽر صاحب جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، هو منهنجي پٺيان ڊوڙي رهيو هو، آئون شرمندگي سان بيهي رهيس؛ (چل یار اج میں تینوں چا پیانا آں) هل يار اڄ مان توکي چانھ ٿو پياريان ۽ ڊاڪٽر صاحب مون کي پنهنجي گهر وٺي آيو، جيڪو ڪاليج جي بلڊنگ جي اندر ئي هو. هن جي ڊرائنگ روم ۾ ڪا بہ ڪرسي يا صوفہ سيٽ نہ هو، بس ڪجھ پيڙهيون پيون هيون. ڊاڪٽر صاحب ٻئي ڪمري مان هڪ وڏو چانھ جو گول ڊبو ڪڍي آيو (ایہہ چا مینوں بلراج ساھنی؛ نے بمبئی توں بھیجی ہے) هي چانھ: بلراج ساهني؛ مون کي بمبئي مان موڪلي آهي. اهو چئي هو بورچي خاني ۾ غائب ٿي ويو. بلراج ساهني




پارت جو مشهور اداڪار هو. مون هن جون ٻہ فلمون ڏٺيون هيون. ڪابلي والا ۽ هم لوگ؛. ٿوري دير ڪانپوءِ هو پاڻ ئي چانهہ کڻي آيو ۽ مون سان پيڙهي تي ويهي رهيو. چانهہ واقعي ڏاڍي مزيدار هئي. اسان ٻئي انهن پٿين تي ويهي دير تائين ڳالهيون ڪندا رهياسين. شاعري تي، موسيقي تي، ان وچ ۾ ڪٿي ڊاڪٽر صاحب جي ڳالهين ۾ گورنمينٽ ڪاليج جي ڪولونيل گلوري چانهہ جي ٻاڦ سان اڏامي وئي...

ڊاڪٽر صاحب جي دوستي مون تي ادب ڪلچر جا هزار دروازا کولي ڇڏيا. هاڻ اسان ڊاڪٽر صاحب جي ڪمري ۾ بنا اجازت هليا ويندا هئاسين. هو ڪڏهن اسان کي صوفي تبسم سان ملائيندو هو تہ ڪڏهن استاد دامن سان. ڊاڪٽر صاحب جي اوطاق تي ۽ پوءِ گورنمينٽ ڪاليج جي ميوزڪ سوسائٽي جي محفلن ۾. اسان وڏن وڏن موسيقارن کي ٻڌو. استاد فتح علي خان. امانت علي خان. استاد سلامت علي خان. نزاڪت علي خان. روشن آرا بيگم ۽ استاد شريف خان پونڇ وارو... ڊاڪٽر صاحب ڪڏهن اسان ساڻ ڪاليج جي چاڙهين تي ويهي ڪچهري ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪاليج جي ڪينٽين ۾. هو سڄو ڏينهن هڪ درويش وانگر ڪاليج جي چئني پاسن گهمندو رهندو هو.

اسان لاهور ۾ رهندا هئاسين. پر اسان کي ان ڳالهہ جي بلڪل خبر نہ هئي تہ اسان ؛شاهہ حسين؛ جي شهر ۾ پيا رهون! شاهہ حسين روز اسان ساڻ ڊاڪٽر نذير جي روپ ۾ ملڻ ايندو آهي (شاہ حسین اے، نہ آکھو کوئی پیرا اے) ڊاڪٽر صاحب سواءِ ڪنهن سرڪاري تقريب جي ڪڏهن سوٽ ٽائي ڪونہ پائيندو هو. هميشہ پنهنجي اڇي ڪرتي شلوار ۾ نظر ايندو هو يا ڪڏهن فليٽ هيٽ. نيڪر ۽ گنجي ۾ اوول گرائونڊ ۾ چوڪرن سان گڏ ڊوڙ پڄائيندو نظر ايندو هو. ڪڏهن ڪنهن مالهي سان گڏ لان ۾ چبر تي ويٺو گلن جي چڪين جي باري ۾ ڳالهائيندو رهندو هو ۽ ڪڏهن ڪاليج جي پٺيان چنگڙ پاڙي جي ٻارن سان ڪرڪيٽ کيڏندو هو. هو اڪثر پنڌ ئي هلندو هو. ڪڏهن ڪو ڪٿي پريان وڃڻو هوندو هئس تہ سائيڪل تي ويندو هو. ان کي ڪنهن شاگرد جي بيماري جي خبر پوندي هئس تہ سائيڪل کڻي ان شاگرد جي گهر ان جي عيادت لاءِ پهچي ويندو هو... ان جون دوستيون سڀني وڏن شاعرن، اديبن، دانشورن ۽ موسيقارن سان هيون. ان کي ڪنهن بہ ڪڏهن پنهنجي ڪنهن ڳالهہ تي، ڪنهن قسم جي سفيد پوشي جو ڀرم رکندي ڪونہ ڏٺو هو. مان هڪ ڏينهن هن جي ڪمري ۾ ويس تہ اتي هڪ وڏو با رعب ماڻهو، سرخي مائل ڪڻڪ جي ڏوتي ڪرتو پاتل مٿي تي پٽڪو ٻڌي ويٺو هو. ڪڻڪ جو اهو رنگ مون اڪثر فيشن ايبل ۽ امير مارڪسٽن کي پائيندي ڏٺو هو. ان جو لباس مٿيءَ سان پريل هو. هن جي چهري جو رنگ سانورو. ڏاڙهي، مڇون گهاٽيون ۽ اکين ۾ هڪ صوفيانہ خمار هو (ایہ میرا بھرا اے موتی شاہ؛) هي منهنجو ڀاءُ آهي موتي شاهہ ۽ ڊاڪٽر صاحب ڏاڍي پيار سان چيو. (روڑی کٹدا اے) پٿر ڪٽيندو آهي. (گاوندا بہت اچھا اے) ڳائيندو تمام ڀلو آهي. ڊاڪٽر صاحب بنا ڪنهن رک رکاءُ جي پنهنجي مزدور ڀاءُ کي وڏي فخر سان مون سان ملايو. موتي شاهہ اوڏي مهل ئي ٽيبل تي ٺيڪو لڳايو ۽ نهايت سريلي آواز ۾ هڪ پنجابي گيت ٻڌايو. موتي شاهہ جي شخصيت ۾ ڏاڍي سچائي هئي، اهڙي سچائي جيڪا مون شايد ئي ڪنهن سوشلسٽ ۾ ڏٺي هئي...

هڪ ڏينهن مال روڊ تي ڊاڪٽر صاحب کي هڪ پوليس واري ڪنهن ڳالهہ تي روڪي ڇڏيو. ان کان پڇا ڪئي تہ ڊاڪٽر صاحب چيو هو گورنمينٽ ڪاليج جو پرنسپل آهي، ان تي پوليس واري سمجهيو هو ان سان ٺوڳ پيو ڪري، پر چند منٽن بعد هتي ڊاڪٽر صاحب جي مداحن جو هجوم گڏ ٿي ويو ۽ اتي ئي مال روڊ تي محفل ڄمي وئي...

فرسٽ ايئر ۾ جڏهن مان اردو جي ڪلاس ۾ ويس، ڏٺم تہ اسان جو استاد هڪ مٿانهين تي ويٺو حقو پي رهيو هو. هو بشيرالرحمان هو. جنهن جو ڏاڍو رعب هو. هن ان ڪتاب مان ڪجهہ پڙهڻ شروع ڪيو. جواني ۾ استادن کي چيڙڻ سان مزو ايندو هو. هڪ جاءِ تي استاد پڙهيو. ”هن رسي جو سرو جهليو“. مون هٿ مٿي ڪيو. بشير صاحب ڪاوڙ مان مون کي گهور سان ڏٺو ۽ گرجدار آواز ۾ چيو. چا ڳالهہ آهي؟ مون چيو سر لفظ سرو نہ. سرو آهي. سر جو مطلب راز آهي ۽ سر جي معنيٰ جتان ڪان ڪنهن شيءِ جي شروعات، ابتدا ٿئي ٿي، جيئن سر ورق. ان لاءِ هي رسي جو سرو ٿيندو، سرو نہ... رول نمبر چا آهي؟ 204: نڪري وڃ منهنجي ڪلاس مان!! هن ڪاوڙ مان چيو ۽ حقي جي ناڙ کي وات سان لڳايو...

هاڻ مون کي وري هڪ ٻئي ڪلاس ۾ موڪليو ويو. اتي بہ اهو ئي سلوڪ رهيو. ٿيو ايئن جو استاد. مڪر و روز کي، مڪر وزور پڙهي رهيو هو. هڪ ٻن ڪلاسن ڪانپوءِ مون کي هڪ اهڙي استاد وٽ موڪليو ويو جنهن کان غلطي جو امڪان ناممڪن هو. مرزا منور صاحب عربي فارسي جو عالم هو. مان روز ان انتظار ۾ هوندو هئس تہ مرزا صاحب ڪا غلطي ڪري، پر منهنجي آرزو پوري نہ ٿي. آخر هڪڙي ڏينهن ان کان غلطي ٿي وئي، چوڻ لڳو. مير. خوب چيو آهي. قهر هو يا بلا هو. جوکچھ ہو کاش کہ تم میرے لیے ہوتے.؛ مون هٿ مٿي ڪيو. ڪلاس سڄو گهٻرائجي ويو.

”ها چا ڳالهہ آهي؟“

”سر هي شعر غالب جو آهي، مير جو نہ.“

”خاموش ويهي رهو.“

”سر تحقيق ڪري ڇڏجو. مون ويهندي چيو.“

”مرزا صاحب هڪ لمحي لاءِ سوچيو ۽ چيو.“

ٺيڪ آهي هي شعر غالب جو ئي آهي ۽ پوءِ طنزيہ مون کي چيو. ”بنده پروري لاءِ مهرباني.“

”بندہ کس قابل ہے“ مون بہ ٿورو طنزيہ چئي ڇڏيو. مرزا صاحب کي ٿوري ۾ جڏهن خبر پئي تہ مان بنده هن کي چيو آهي تہ ڪاوڙ ۾ چيو، چا رول نمبر آهي؟ نڪري وڃ منهنجي ڪلاس مان: مرزا صاحب جي ڪلاس مان بہ ٽڙيو ويس تہ مون کي قيوم نظر جي ڪلاس ۾ موڪليو ويو. جيڪو ٻنپهرن جو ٻين وڳي ٿيندو هو. ان ڪلاس ۾ تمام گهٽا شاگرد هئا. مان ڪلاس ۾ آخري بينچ تي سمهي رهندو هئس، قيوم صاحب کي مان اتان ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو هئس، هڪڙي ڏينهن هن مون کي ستل ڏسي ورتو. قيوم صاحب اذيت ڏيڻ جو ماهر هو. اهو ڏسي خوش ٿيو تہ اڄ هڪ شڪار هٿ آيو آهي. مون کي حڪم ڏنائين تہ سڄي ڪلاس جي سامهون اچي بيهان. هن جو ارادو هو تہ مون کي سڄي ڪلاس جي سامهون عبرت جو نشان بڻائي.

”نظم ۽ نثر ۾ فرق ٻڌائي؟“ ”قيوم صاحب پڇيو.“

”سر نظم ۾ بحر هوندو آهي ۽ نثر ۾ بحر ناهي هوندو.“

”جيڪو فرق مون ٻڌايو اهو ٻڌائي؟“

قيوم صاحب اهو ثابت ٿي ڪرڻ گهريو تہ مان ان جي ليڪچر دوران ستل هئس. مون چيو

”سر توهان ڪهڙو فرق ٻڌايوآهي؟“

...(هلندڙ)...



كامران جتوئي

# TED Talks
# خيال ونڊڻ جو سگهارو پليٽ فارم

دنيا جي هر وڏي ڏاهي، مفڪر، ليکڪ، فلاسافر، تاريخدان، سائنسدان، سياستدان، موسيقار، بزنس مين ۽ پروفيسر جي اها خواهش ضرور هوندي آهي ته کيس کنهن وڏي فورم يا عالمي پليٽ فارم تي هڪ دفعو ڳالهائڻ جو موقعو ضرور ملي. هن وقت دنيا ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا اهڙا پليٽ فارم آهن، جتي وقت جا ذهين ماڻهو پنهنجا خيال دنيا سان ونڊڻ ايندا آهن. اهڙن پليٽ فارمن ۾ ٽيڊ ٽاڪس (TED Talks) به هڪ آهي، جيڪو هن وقت مختلف خيال ونڊڻ وارن جو سگهارو پليٽ فارم بڻجي چڪو آهي.

ٽيڪ اچ کان اٺتيهه سال پهرين ٽيڊ جو بنياد آمريڪا سان تعلق رکندڙ ليکڪ ۽ ڊزائينر رچرڊ سئول ورمين رکيو. ٽيڊ جي پهرين ڪانفرنس 1984ع ۾ ڪيليفورنيا ۾ ٿي، جيڪا رچرڊ سئول ورمين جي ڪوشش ۽ هيري مارڪس ۽ فرانڪ اسٽنٽن جي تعاون سان ممڪن ٿي سگهي هئي. ان ڪانفرنس ۾ تقريبن 30 ماڻهن شرڪت ڪئي. ٻين ڪانفرنس ڇهن سالن جي وٿي ڪانپوءِ 1990ع ۾ ٿي. سئول ورمين نوي واري ڏهاڪي ۾ ٽيڊ کي اوج ڏياريو.

شروع ۾ ان پليٽ فارم جي قيام جو مقصد ٽيڪنالاجي، انٽرٽينمينٽ ۽ ڊزائين سان واسطو رکندڙ (TED: Technology, Entertainment & Design) ماڻهن کي ان پليٽ فارم تي آڻڻ هو، پر بعد ۾ ٽيڪنالاجي، انٽرٽينمينٽ ۽ ڊزائين سان گڏ سائنس، ثقافت، تاريخ، تعليم، ماحوليات ۽ ٻين شعبن سان تعلق رکندڙ ماهرن کي ان پليٽ فارم ذريعي خيال ونڊڻ جو موقعو پڻ ڏنو ويو ته جيئن اهي دنيا کي حقيقي ۽ اهم مسئلن کان پنهنجي علم، مشاهدي ۽ تجربي آڌار آگاهه ڪري سگهن ۽ انهن جا جوڳا حل به ٻڌائين.

ٽيڊ جي پهرين ڪانفرنس ۾ مينڊل بروٽ، هينڪاڪ، نڪولس نيگرو پوائنٽ جهڙن ماهرن شرڪت ڪئي. هي اهي ماڻهو هئا جن MIT ۾ ميڊيا ليب جو بنياد رکيو هو. انهن کان علاوه اسٽيوارٽ ايپل جي ميڪنٽاش ڪمپيوٽرن تي ڳالهايو. ليوڪس فلڪس ٿري ڊي گرافڪس تي ڳالهايو. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته نڪولس نيگرو پوائنٽ پنهنجي تقرير ۾ اٺتيهه سال اڳ ٽچ اسڪرين، ٽيلي ڪانفرنسنگ ۽ برقي ڪتابن (e-books) جي اڳڪٿي ڪئي هئي.

نوي واري ڏهاڪي ۾ بل گيٽس، ايڊوب جي ڪو فائونڊر وارناڪ، ايم آءِ ٽي جي پروفيسر ۽ مصنوعي ذهانت جي ماهر مارون منسڪي جهڙن ماڻهن کي رچرڊ سئول ورمين ٽيڊ جي پليٽ فارم تي گهرايو ۽ سندن خيالن کان دنيا کي آگاهه ڪرايو. نيويارڪ مئگزين ورمين جي اڳواٽيءَ ۾ ٽيڊ پليٽ فارم جي اپار کي سندس ڪاميابي قرار ڏيندي سندس صلاحيتن جو پڻ اعتراف ڪيو. ورمين ڪافي عرصي تائين ٽيڊ جو ڊائريڪٽر رهيو ۽ 2001ع ۾ ٽيڊ کي ڪرس اينڊرسن کي وڪرو ڪيو. ان کان اڳ ڪرس اينڊرسن هڪ ڇاپ خاني جي ڪمپنيءَ جو مالڪ هو. ڪرس اينڊرسن ٽيڊ جون ذميواريون سنڀالڻ شرط پليٽ فارم کي ترقي وٺرائيندي مٿي ڪٽي آيو. هن اُتساهيندڙ فارميٽ رکيو، مضمونن جي چونڊ بهترين ڪئي ۽ دنيا جي ذهين ماڻهن کي ٽيڊ جي پليٽ فارم تي آندو. هن سماجي مسئلن کي اجاڳر ڪرڻ شروع ڪيو. اينڊرسن جي ڪري هر سال ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن جي تعداد ۾ ٻيڻ، ٽيڻ تي اضافو ٿيو. سندس طرفان پليٽ فارم جي حوالي سان بهترين پاليسيون ۽ پروگرامن ۾ نواڻ ۽ جدت آڻڻ ڪري ٽيڊ جي چڱي ڀلي ناماچاري ٿيڻ لڳي. ان سان اهو ٿيو جو ٽيڊ جي پليٽ فارم تان اظهاريل خيالن جو اثر دنيا ۾ ڪنهن حد تائين محسوس ٿيڻ لڳو.

2007ع ۾ ٽيڊ جي سربراهه ڪرس اينڊرسن ڊجيٽل دنيا کي نظر ۾ رکندي، اهو سوچيو ته ڇو نه ٽيڊ جي پليٽ فارم تان ڪيل تقريرن کي ٽيليويزن چئنلز تي ڏيکاريو وڃي. ان حوالي سان هُو مختلف ٽي وي چئنلن جي مالڪن سان مليو. کين ٽيڊ ليڪچرس تي مشتمل ڪو پروگرام آن ايئر ڪرڻ جو چيو، پر ڪٿان به ڪو مثبت جواب نه ملندي، نيٺ هن Ted.com جي نالي سان پنهنجي ويب سائيٽ کولڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن ۾ هن ٽيڊ جا وڊيو ٽاڪس رکڻ جو سوچيو. ويب سائيٽ لانچ ٿيڻ شرط ئي ٽيڊ جي مقبوليت ۾ بيحد اضافو ڏسڻ ۾ آيو. ويب سائيٽ لانچ ڪرڻ کان هڪ سال اڳ هن ٽيڊ ٽاڪس جي نالي سان ڪجهه تقريرون آن لائين رکيون، جن



ڪي ڪافي ماڻهن ڏٺو ۽ ساراهيو هو.

هن وقت ساليانى ٽيڊ ڪانفرنس ۾ 70 ڪان وڌيڪ اسپيڪرز شرڪت ڪندا آهن. هر اسپيڪر کي وڌ مان وڌ 18 منٽن جو وقت ڏنل هوندو آهي. جنهن دوران کيس پنهنجي پريزنٽيشن ملٽي ميڊيا تي ڏيکڻي هوندي آهي. اها ڪانفرنس چار ڏينهن هلندي آهي. انهن پريزنٽيشنس ۾ سائنس، ٽيڪنالاجي، ماحوليات، تعليم، غربت، وبائي بيمارين، صحت، مصنوعي ذهانت، خلائي مشن، صنعتڪاري، شهرڪاري، انفو ٽيڪ، بائيو ٽيڪ، آٽوميشن، رينيوئيبل انرجي، گلوبل وارمنگ، نيو ڪليئر جنگ، بائيو وار فيئر، بک بدحالي ۽ ٻين ڪيترن ئي مسئلن ۽ موضوعن تي ڳالهايو ويندو آهي. ان ايونٽ ۾ شرڪت ڪندڙن جو تعداد 1200 ڪان 1500 جي وچ ۾ هوندو آهي. ايونٽ ۾ شرڪت ڪندڙن جي ٽڪيٽ في رکيل هوندي آهي. بهترين اسپيڪر کي لکين ڊالرز انعام طور ڏنا ويندا آهن.

ڏٺو وڃي ته ٽيڊ جو پليٽ فارم سکڻ جي حوالي سان نهايت ئي ڪارائتو ثابت ٿيو آهي. جيڪڏهن اوهان جي انٽرنيٽ تائين پهچ آهي ته پوءِ اوهان مفت ۾ ڪافي شيون ان پليٽ فارم تي پيل وڊيوز مان سکي سگهو ٿا ۽ دنيا جي اهم مسئلن کي سمجهڻ ۾ مدد پڻ ملندي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي اسڪولن جا استاد ٽيڊ وارن جون وڊيوز ڏسي پنهنجن روين ۾ تبديلي آڻي رهيا آهن. انهن وڊيوز مان رهنمائي وٺندي پنهنجن شاگردن کي اتساهي رهيا آهن ۽ مختلف موضوعن بابت ڄاڻ شاگردن ڏانهن منتقل ڪري رهيا آهن. هن وقت نفسا نفسي جو دور آهي. ماڻهن وٽ وقت بلڪل به گهٽ آهي، ڪو سنو ڪتاب پڙهڻ يا ڪا تاريخي ڊاڪيومينٽري ڏسڻ به ماڻهن لاءِ مشڪل بڻجيو وڃي ته اتي ٽيڊ وارن جون 18 منٽ يا ان ڪان به گهٽ منٽن جون وڊيوز ڏٺيون ۽ پسند ڪيون وڃن ٿيون. وائرڊ مئگزين وارن 2010ع ۾ لکيو هو ته ”ٽيڊ جي تقريرن وارين وڊيوز ٽيڊ کي هڪ ڪانفرنس ڪمپنيءَ مان ڦيرائي ميڊيا انٽرپرائيز بڻائي ڇڏيو آهي.“

ٽيڊ جي تاريخ ۾ سڀ ڪان گهڻو سر ڪين رابنسن کي ٻڌو ويو آهي. سندس 2006ع ۾ ڪيل تقرير ڇا اسڪول تخليقيت کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن؟ (Do Schools kill Creativity?) کي آن لائين ڪروڙين ماڻهو ڏسي ۽ پسند ڪري چڪا آهن. ان پريزنٽيشن ۾ هو ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه اسان جا تعليمي ادارا تخليقي ذهن کي گهٽو ڏيندا آهن. عقليت پسندي ۽ جدت پسنديءَ جي ڪيئن نه رستا روڪ ڪئي ويندي آهي. ان ڪان علاوه اسٽيون جانسن طرفان لندن ۾ آيل ڪالرا جي وبا بابت به زبردست پريزنٽيشن پيل آهي، جنهن ۾ هُو ٻڌائي ٿو ته ان وبا ڪانپوءِ ڪيئن نه سڄي دنيا تبديل ٿي وئي. يووال نوح هراري ۽ ٻين ماهرن جون وڊيوز به ڏسڻ وٽان آهن. ويجهڙ ۾ سنڌ جي نياڻي ادي شميم مري به ٽيڊ جي پليٽ فارم تي پريزنٽيشن ڏني هئي، جنهن ۾ هن پنهنجي تعليمي سفر ۽ جدوجهد بابت ٻڌايو. اسان




جهڙن پدر شاهي سماجن ۾ اهڙين نياڻين طرفان سماجي پابندين ۽ فرسوده ريتن رسمن ڪان بغاوت ڪندي اڳتي اچڻ ۽ اهڙن عالمي فورمن تي پنهنجو آواز بلند ڪرڻ يقينن سنڌ جي هزارين نياڻين لاءِ اُتساهه جو سبب پڻ بڻجندو.

ٽيڊ وارن جو ٿيم چٽو آهي ته ”خيالن کي وڏي طاقت هوندي آهي. اهي ڪنهن جي ورتاءُ، زندگي ۽ دنيا کي تبديل ڪري ڇڏيندا آهن“ انهيءَ ڪري ئي زندگيءَ جي مختلف شعبن




سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي هڪ جاءِ تي گڏجڻ ۽ هڪٻئي سان خيال ونڊڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويندو آهي. ان حوالي سان برطانيه جي مشهور اخبار گارجين کي به لکڻو پيو ته ”مفڪرن کي پنهنجن خيالن کي ونڊڻ جو هڪ بهترين پليٽ فارم مليو آهي“ جڏهن ته ڪجهه ماڻهو ٽيڊ تي تنقيد ڪندي اهو به چون ٿا ته اهو فورم مٿئين ڪلاس جي ماڻهن جو آهي، ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙن لاءِ مهانگيون ٽڪيٽون رکيون وڃن ٿيون. جڏهن ته مقامي سطح تي ٿيندڙ پروگرامن ۾ من پسند اسپيڪرز کي گهرايو وڃي ٿو. اها تنقيد پنهنجي جاءِ تي، پر حقيقت اها آهي ته هن پليٽ فارم پنهنجن منفرد خيالن سان ڪافي ماڻهن جو ڌيان ضرور ڇڪرايو آهي. ٽيڊ جي آمدني ڪانفرنس جي ٽڪيٽن، اسپانسرشپ، اشتهارن ۽ نجي ڊونيشن مان ٿئي ٿي. سنڌن ايپل ۽ نيٽ فلڪس جهڙن برانڊز سان پائيواري آهي. ان ڪان علاوه هو ڪيترائي پروگرام پڻ آفر ڪن ٿا، جيئن ٽيڊ گلوبل (TED Global) جيڪو سڄي دنيا ۾ مقامي سطح تي شهرن ۾ ٿئي ٿو. ٽيڊ اسپيشل ايونٽس (TED Special Events) اهي پروگرام ڪنهن مخصوص ڏهاڙن يا وقت تي ٿين ٿا، جنهن ۾ ٽيڊ يوٿ (TED Youths)، ٽيڊ وومين (TED Women)، ٽيڊ فيلوز (TED Fellows)، ٽيڊ ريڊيو، ٽيڊ ايجوڪيشن وغيره اچي وڃن ٿا. 2009ع ۾ ٽيڊ وارن انهن ماڻهن کي اجازت ناما جاري ڪيا، جيڪي مقامي ليول تي ٽيڊ ٽاڪس جي طرز تي پروگرام ڪرائڻ چاهين پيا. مقامي سطح تي ٿيندڙ پروگرامن کي TEDx جو نالو ڏنو ويو. دنيا ۾ ٽيڊ ايڪس جي پليٽ فارم تان هر سال مقامي ليول تي 3500 ڪان وڌيڪ پروگرام ٿين ٿا. هن وقت ٽيڊ وارن جي پنهنجي ويب سائيٽ ۽ يوٽيوب تي هزارين وڊيوز پيل آهن. جن ۾ مقامي ليول تي ٿيندڙ پروگرامن جون اسي هزار ڪان وڌيڪ وڊيوز پڻ شامل آهن. هن وقت ٽيڊ وارن جون وڊيو ٽاڪس ڪروڙين ماڻهو ڏسن ٿا. ان پليٽ فارم تان صارفين کي نيون شيون ٻڌڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ملن ٿيون. ٽيڪنالاجي ۾ جدت ڪان ويندي ميڊيڪل سائنس جي ڪارنامن ۽ روبوٽن تائين اوهان کي سنيون تقريرون ٻڌڻ ۽ ڏسڻ لاءِ ملنديون، جن تي ڪافي بحث مباحثو ڪري سگهجي ٿو. عالمگيريت (Globalization) جي دور ۾ جڏهن ڊجيٽل دنيا هڪ ننڍڙي عالمي ڳوٺ جو ڏيک ڏئي ٿي، اتي ماڻهن کي گڏجڻ، خيالن جو اظهار ڪرڻ، نيون شيون ونڊڻ ۽ مسئلن کي گڏجي حل ڪرڻ جي حوالي سان اهڙا پليٽ فارم ڪارگر ثابت ٿي رهيا آهن. بقول ٽيڊ جي سربراهه ڪرس اينڊرسن جي ”ٽيڊ هڪ ڄاڻ جو خزانو آهي ۽ ان خزاني جي ڪنجي اسان سڀني وٽ آهي. ٽيڊ جو صرف ۽ صرف مقصد به اهو آهي ته علم جو ڏيئو روشن رکجي، خيالن کي ونڊجي، تخليقيت کي مٽي ڪٽي اڇجي ۽ روشن ذهنن کي مان ڏجي. جيتوڻيڪ ڏکين شين کي آسان ڪري صرف 18 منٽن ۾ بيان ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پر ٽيڊ جا اسپيڪرز هر سال انهن شين کي سولو ڪري پيش ڪن ٿا.“

# ”هي ريڊيو پاڪستان آهي“



سرور رشيد صديقي

اسڪول ۾ پڙهڻ دوران دوستن سان گڏجي هڪ پيرو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ”ٻارڙن جي ٻاري“ پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃڻ ٿيو هو. پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ”ٻارڙن جي ٻاري“ پروگرام جو انچارج مصطفيٰ قريشي (هاڻوڪو مشهور فلمي اداڪار) ٻارن کان ٿوري پڇا ڳاڇا ڪئي ته اوهين پروگرام ۾ ڇا ٻڌائي سگهو ٿا، ڪو نظم، لطيفو يا عام معلومات وغيره. اهڙي پڇا ڪرڻ بعد اسان کي اسٽوڊيو ۾ گهرائي ويهاريو ويو ۽ نظم و ضبط جي مظاهري جي تلقين ڪئي وئي. ٿوري دير بعد حيدرآباد جي مشهور شخصيت ايڊووڪيٽ قاضي محمد اعظم کي مصطفيٰ قريشي صاحب اسٽوڊيو ۾ اندر وٺي آيو جو پروگرام دوران ڪين ٻارن سان مختصر ڳالهائڻو هو ۽ اهڙيءَ طرح مقرر وقت تي مصطفيٰ قريشي صاحب چيو: پيارا ٻارو اسلام عليڪم ۽ اهڙيءَ طرح حيدرآباد ريڊيو تي اسان جي پهرين اينٽري ٿي هئي. ڪاليج واري دور ۾ منير احمد سومرو پروڊيوسر ريڊيو تي اسان کي يونيورسٽي مئگزين پروگرام ۾ حصو وٺرايو. مشهور براڊ ڪاسٽر ۽ پروڊيوسر سرور بلوچ ۽ اقبال جعفري سان به ويجهڙائپ ٿي. 80 واري ڏهاڪي ۾ ڪوئيٽا ۾ نوڪري دوران پاڪستان نيشنل سينٽر ۾ شاگردن جي تقريري مقابلي جنهن ۾ ان وقت جي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير راجا ظفر الحق خاص مهمان هو. تنهن دعوت ۾ آئون به شريڪ ٿيو هئس. ان تقريب ۾ پروڊيوسر اقبال جعفري سان ملاقات ٿي، جيڪو تازو حيدرآباد ريڊيو کان ٽرانسفر ٿي آيو هو. ڪيس ان ڏهاڙي وفاقي وزير جي مصروفيتن کي ڪور ڪرڻ جي ذميداري مليل هئي.

ڪجهه عرصي بعد مهراڻ يونيورسٽي ۾ ملازمت حاصل ٿي ۽ اهڙيءَ طرح حيدرآباد ريڊيو تي وڃڻ جو موقعو ملندو هو جتي نصير مرزا ۽ گل حسن قريشي سان دوستي ٿي وئي. 30 سال اڳ جو اهو خوبصورت دور هميشه ياد آهي جڏهن اتي وڃڻ سان مرحوم پروانو ڀٽي، صالح محمد شاهه، امداد حسيني، نياز حسين ۽ ٻين ڪيترن ئي نامور اديبن، شاعرن، فنڪارن ۽ دوستن سان ميل ملاقاتون ٿينديون هيون. هر ملندڙ ماڻهوءَ جي منهن تي مرڪ ۽ خوشي محسوس ٿيندي هئي. يونيورسٽي جي ملازمت کان رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ خانگي ڪاليج جي پرنسپال جي حيثيت ۾ پنهنجن شاگردن جي مطالعاتي دوري جي سلسلي ۾ حيدرآباد ريڊيو تي وڃڻ ٿيو. شاگردن جي هن دوري ڪرائڻ ۾ انجنيئر حاجي محمد ڪوڪر جو تعاون شامل هو جيڪو اسٽيشن ڊائريڪٽر جناب هنگورجو صاحب منظور ڪيو هو. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مين گيٽ تي حاجي محمد ڪوڪر صاحب اسان سڀني جو آڌر ڀاءُ ڪيو، جتي اسٽيشن ڊائريڪٽر صاحب ۽ ٻين پروڊيوسرن هرهڪ ياسين جوڻيجو ۽ محمد عارف خان سان ملاقات ٿي. چانهه جي پيالي پيئڻ بعد ريڊيو حيدرآباد جو تفصيلي دورو ڪيوسين. مون کي الائي ڇو محسوس ٿيو ته 60 واري ڏهاڪي ۾ جڏهن اسڪولي شاگرد هئاسين ۽ پوءِ ڪاليج جا شاگرد بڻياسين ۽ پنهنجو ناتو ٿورو يا گهڻو ريڊيو حيدرآباد سان هڪ ٻڌندڙ جي حيثيت ۾ يا ڪجهه ريڊيو جي دوستن جي مامري رهندو آيو آهي، سو هاڻي سڀ ڪجهه بدلجي چڪو آهي. اسٽوڊيو ۾ پراڻو هارمونيم ۽ طبلو، پراڻا مائيڪ ٽوڙي ساز و سامان ڏسي دل کي ڏاڍو رنج پهتو ته سنڌ جي ٻئي نمبر شهر جي مشهور ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد ۾ اها رونق نظر ڇو نٿي اچي. ڪو شڪ ناهي ته موجوده ڪم ڪندڙ عملو پنهنجي وس آهر ڪم ڪري رهيو آهي، پر وسوارن جو ڌيان گهٽ آهي. ڪجهه مهينا اڳ سنڌ جي اديبن، فنڪارن ۽ گهڻ گهرن پاران ريڊيو جي عمارت کي منتقل ڪرڻ جي فيصلي خلاف احتجاج به ڪيو ويو هو. منهنجي وسوارن خاص طرح چونڊيل صوبائي ۽ مرڪزي نمائندن کي گذارش آهي ته هن تاريخي عمارت جون رونقون واپس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن ۽ مناسب فنڊ فراهم ڪري ان جي معيار کي ماضيءَ مطابق عروج وٺرائين.

❊❊❊



امرتا پريتم جي ڪتاب جو جائزو

# ”ايڪ ٿي سارا“



سنجها چنا

”ايڪ ٿي سارا“

ڪتاب پنجابي ٻوليءَ جي ناميا‌ري شاعره، ناول نگار، مضمون نگار ۽ ڪهاڻيڪاره امرتا پريتم، سارا شگفته جي زندگيءَ جي داستان تي لکيو آهي. هي ڪتاب اردو ٻوليءَ ۾ لکيو ويو.


شاعريءَ جي دنيا ۾ چند ئي جديد، غير معمولي ۽ ترقي پسند شاعر هجن ٿا، جيڪي پنهنجي خون مان قلم ٻوڙي اهڙي شاعري سرجن ٿا، جيڪا بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلائڻ جو ڪم ڏي ٿي ۽ ان جمود کي ٽوڙي، تحرڪ پيدا ڪري ٿي ۽ سماج جي نا انصافي، استحصال، جبر ڏاڍ تي قلم وسيلي اظهارجي ٿي. ڪيترائي بنيادي سوال زير بحث آڻي ٿي. انهن ئي ڪجهه عظيم شاعرن مان جديد ترقي پسند فڪر سان سلهاڙيل شاعره سارا شگفته جو نالو به نمايان آهي، جنهن مخصوص عرصي ۾ شاعريءَ جي ميدان ۾ ڪي انوکا تجربا ڪري، سماج جي انهن ٽيبوز کي چئلينج ڪيو. جن تي ڳالهائڻ، سوال ڪرڻ ۽ لکڻ تي صدين کان بندش پيل آهي ۽ پنهنجا شاهڪار نظم ڏنا.

سارا شگفته 13 آڪٽوبر 1954ع اڳاري جي ڏهاڙي گوجرانوالہ جي هڪ غريب ۽ اڻ پڙهيل گهراڻي ۾ اکيون کوليون جتي هن جي آجيان گلن نہ پر ڪنڊن ڪئي.

سارا شگفته پنهنجي زندگيءَ جي مختلف موڙن تي پدري نظام جي اوڻاين، مشڪلاتن، ڏکيائين، نا انصافين، زيادتين، پلصراط جهڙن منظرن ۽ دوزخ جهڙي باهہ ۾ ساڙيا ويندڙ انساني زنده جسم، جيڪي هڪ عورت هجڻ جي صورت ۾ هن کي ڀوڳڻا پيا، هوءَ اهو سڀ ڪجهہ پنهنجن خطن جي ذريعي وقت بوقت امرتا پريتم سان ونڊيندي رهندي هئي. سندس موڪليل خطن کي گڏ ڪري امرتا پريتم ”ايڪ ٿي سارا“ ”سارا شگفته ڪا زندگي نامه“ جي عنوان سان خطن کي ڪتابي صورت ڏئي، فڪشن هائوس پبليڪيشن اداري پاران شايع ڪرايو. سارا شگفته جي خطن کي ننڍن ننڍن ڀاڱن ۾ ورهائي مختلف موضوع ڏنا ويا ۽ هي ڪتاب 176 صفحن تي مشتمل آهي.

ڪتاب جي عنوان مان واضح آهي ته هن ۾ هڪ عورت شاعره سارا شگفته جي زندگيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي ۽ جنهن بيان ڪيو آهي، سا پڻ هڪ عورت هجڻ سان گڏوگڏ برصغير جي مقبوليت ماڻيندڙ وڏي شاعره پڻ آهي. چوڻ جو مقصد ته هڪ عورت جيڪا خود عورت هجڻ جي ڏوهہ ۾ پدر شاهي نظام پاران جبر جي مختلف صورتن کي منهن ڏئي ٿي ۽ ان جبر جي چڪيءَ ۾ پيسجندي رهي ٿي ته اها ئي پاڻ جهڙي عورت جي درد کي سمجهي به سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته مرض کهڙو به هجي ان جي پنهنجي الڳ علامت هوندي آهي ۽ ان جي پنهنجي الڳ شناخت هوندي آهي، پر درد، سور، اذيت ئي اهڙي شيءِ آهي، جنهن جي هڪڙي شناخت آهي. سارا ڪير هئي؟ سارا شگفته کان هڪ شاعره ٿائينءَ جو سفر هن ڪيئن طئي ڪيو؟ اهڙن سوالن جي جوابن جي ڪڙي آهي هي ڪتاب. سارا جي زندگيءَ کي پڙهڻ ڪانپوءِ لڳي ٿو ته اهو هڪ سارا جو نہ پر صدين کان هزارين انهن عورتن جو درد پريو داستان آهي، جن هزارين عورتن کي ڪاريون ڪري ڪنو ويو، جن جا سرد جسم سماج جي غليظ ڪفن ڪانسواءِ دفنايا ويا، انهن لکين عورتن جي درد ڪٿا آهي، جن کي ڏائڻيون قرار ڏيئي زنده باهہ ۾ ساڙيو ويو، صرف هڪ عورت هجڻ جي ڏوهہ ۾.

اسان جي سماج جي 52 سيڪڙو آبادي عورتن تي مشتمل آهي جن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي ۽ کين سندن بنيادي ۽ جمهوري حقن کان محروم ڪيو ويو آهي. سارا جهڙيون اسان جي سماج ۾ ڪيتريون ئي سارائون آهن. جيڪي سارا جيان ئي ڪيڏڻ واري عمر ۾ پرڻايون وڃن ٿيون. سماج جي مدي خارج، فرسوده روايتن جي ڪري قربان ڪيون وڃن ٿيون. ڪيترين ئي




زندگين جو ڏيئو روشن ٿيڻ کان اڳ اجهايو وڃي ٿو. ڪڏهن غيرت جي نالي تي ڪاريون ڪري ماريون وڃن ٿيون ته ڪڏهن تعليم جهڙي بنيادي ۽ جمهوري حق کان محروم ڪيون وڃن ٿيون ته ڪڏهن مذهب جي نالي تي ذبح ڪيون وڃن ٿيون ته وري ڪڏهن سوال ڪرڻ، انڪار ڪرڻ ۽ لکڻ جي ڏوهہ ۾ قتل ڪيون وڃن ٿيون.

سارا شگفته جي زندگي ڇٽي ويل پنن جهڙي هئي، هونئن ته سال ۾ چار موسمون هونديون آهن، پر هن جي زندگي جي موسم صرف هڪڙي خزان جي چوڌاري ڦري پئي. اک کوليندي ئي گهر ۾ ماءُ تي پنهنجي پيءُ پاران جبر کي ننڍڙي ذهن سنو ۽ هن جي ماءُ جي هوندي سندس والد پاران ٻي شادي ڪرڻ وارو عمل، ننڍپڻ کان ماءُ سان ناانصافي ۽ زيادتي ٿيندي جڏهن ڪچڙو ذهن ان سڄي صورتحال کي ڏسي ٿو ته ان جي نفسيات تي اهي واقعا ڏاڍو گهرو اثر ڇڏين ٿا. ايئن ئي هڪ ڏينهن نائين درجي ۾ پڙهڻ جي دوران 14 سالن جي عمر ۾ سارا جي شادي ڄڻ هڪ خواب هو ۽ جڏهن هوءَ جاڳ ۾ اچي ٿي ته اهو خواب ٽٽي پئي ٿو ۽ هوءَ پنهنجي دامن ۾ ٽٽل ستارا ڏسي ٿي.

جنهن تي سندس شعر آهي ته:

میں نے سوئی آنکھ کے خواب سے آنکھ کولی،
تو گھونگھٹ میں ٹوٹے ہوئے چاند دیکھے۔


پڙهائيءَ جي شوق جي ڪري پنهنجي گهر واري جون زيادتيون ۽ سختيون برداشت ڪري ٿي، پر پنهنجي پڙهڻ واري چاهہ جو ڳلو نٽي ڏٻائڻ چاهي ۽ فاقا به ڪدي ٿي، پڙهي به ٿي گهر کي به سنڀالي ٿي ته ٻارن جو خيال پڻ رکي ٿي. ڏهين درجي ۾ ايندي هوءَ ٽن ٻارن جي ماءُ بڻجي چڪي هئي. هڪ عورت پدر شاهي جبر کي منهن ڏئي ٿي، جيڪو گهر ۾ مڙس جي صورت ۾ موجود آهي ۽ سرمائيداري نظام پاران ان ٻٽي استحصال کي ڀوڳي ٿي، عورت هجڻ جي ناتي گهر، ٻارن کي سنڀالڻ سان گڏوگڏ گهر جو پورهيو ڪرڻ وارو سوال جنهن کي بين الاقوامي طور ڪڏهن پورهئي جي حيثيت طور تسليم ئي ڪونہ ٿو ڪيو وڃي.

پدر شاهي نظام ۾ عورت جي حيثيت ڪنهن ٻي جان رانديڪي جيان هوندي آهي، جنهن کي ان لاءِ سينگاريو ويندو آهي ته جيئن پنهنجي مرضيءَ تحت ٻيهر اجاڙيو به وڃي. هتي عورت جو وجود، عورت جي انسان هجڻ ناتي سندس حق هر روز ضبط ڪيا ويندا آهن.

هي سماج عورت کي انسان طور نہ پر، هڪ جنس طور ڏسي ٿو اهڙي جنس جيڪا صرف سيڪس جو ذريعو هجي باقي ان جو پنهنجي وجود واري سوال، سماج جي سياسي، سماجي ثقافتي ۽ معاشي حالتن سان ڄڻ ته ڪو تعلق ئي ڪونهي.

ان کي سماج کان ڪٽيو وڃي ٿو سماج ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪيو وڃي ٿو ۽ لاتعلق ڪيو

وڃي ٿو. ايئن سارا جي اندر جا پکي آزاد اڏام پرڻ لاءِ تڙپندا رهيا، پر هر روز جيان صليب تي لٽڪي خودڪشي ڪندا رهيا. هڪ دفعي گهر ۾ ئي سندس پاڻَ گهمڻ اچي ٿي ۽ سارا جي گهر واري پاران هن جي پاڻَ سان زبردستي ڪرڻ وارو ڪڌو عمل هن بيمار مرداڻي نظام کي وائکو ڪري ٿو. جيڪو عورت تي پنهنجي مردانگي ظاهر ڪندو آهي ۽ پنهنجي حوس ۽ بک ختم ڪرڻ لاءِ عورت کي استعمال ڪرڻ چاهيندو آهي. ان وقت سارا کي ڪجهه سمجهه ۾ نه پئي آيو، پر جيڪو استحصال هن تي روز جي بنياد تي ٿيندو رهيو. جنهن اذيت مان هوءَ هر روز هوءَ گذرندي رهي. اهڙي اذيت ۾ پاڻ جهڙين عورتن کي مبتلا ٿيندي ڏسڻ هرگز نه پئي چاهيو. ان وقت پنهنجي سال جي ڌيءَ ڪڇ ۾ کڻي هن پنهنجي ور جي ويجهو اچي اهي جملا چيا ته ”همبستري ڪرڻي اٿئي ته پنهنجي ڌيءَ سان ڪر ٻين جون زندگيون برباد نه ڪر“ ۽ اتي طلاق جا ٽي لفظ هن جي سيني کي ايئن چيري زخمي ڪري وجهن ٿا. جيئن گولين لڳڻ سان سينو ذرا ذرا ٿي پوندو آهي. ور کي آئينو ڏيکارڻ جي ڏوهه ۾ سارا کي طلاق ملي. اسان جي سماج ۾ هڪ عام عورت جي حيثيت ڇا آهي؟ ان کي سمجهڻ لاءِ هر روز جا واقعا اسان اڳيان آهن ته اتي وري هڪ طلاق شده عورت جي حيثيت ته وڌيڪ پسمانده آهي. سماج طلاق شده عورت جو جيئڻ جنجال بڻائڻ لاءِ هن تي طرح طرح جي طعنن، مهڻن، الزامن جا تير وسائي ٿو. باوجود ان جي هوءَ پڙهڻ نٿي ڇڏي ۽ سماج پاران مليل زهر کي قلم ۾ اوتي ڪاغذن تي نقش ڪرڻ لڳي ٿي. ايئن ئي سندس ٻي شادي هڪ شاعر سان ٿئي ٿي جيڪا صرف هڪ خام خيالي ۽ شڪ جي بنياد سبب طلاق جو ڪاڄ ٿي وڃي ٿي. اهو شڪ جيڪو مڙس ڪان علاوه اڻڄاڻائي ۽ ڪل پوڳ ۾ ڪنهن ٻئي مرد جي تعريف ڪرڻ تي مٿس ڪيو وڃي ٿو ۽ نتيجو طلاق جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. ٽين شادي به شاعر سان ئي ٿيس ٿي. جيڪو هن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مرڻ جي ڌمڪين تائين لهي اچي ٿو ۽ جڏهن سارا کي حاصل ڪري وٺي ٿو يا جڏهن سارا هن جي ذاتي ملڪيت بڻجي وڃي ٿي ته هن تي ور پاران جبر ٻيڻ تي وڌي وڃي ٿو. نيٺ ان جو به نتيجو طلاق ٿئي ٿو ۽ بعد ۾ ماءُ جي بيمار رهڻ، زور پرڻ ۽ پاڙيوارن جي طنز ۽ طعنن، الزامن کان بيزار ٿي ماءُ چوٿين شادي ڪرائڻ لڳيس ٿي. جيڪا سارا پنهنجو هوش و حواس ۾ هوندي نه ڪئي هئي. ڇاڪاڻ ته ٽين شادين جي ناڪامي، جسماني ۽ ذهني تشدد سبب هوءَ بيمار رهڻ لڳي. چوٿين شادي هڪ جاگيردار سان ٿئيس ٿي، جيڪو ڏينهن رات اقتصادي طور پاڻ کي بالاتر هجڻ جو ۽ سارا کي ڪمتر هجڻ جو احساس ڏياريندو رهي ٿو ۽ شادي جي نالي تي هر روز ”زنا بالجبر“ جهڙي جرم مان گذرندي آهي.



جڏهن هوءَ مڪمل طور اهو سمجهي وٺندي آهي ته عورت جو ڪنهن جي زال هجڻ جو مقصد ان جي ملڪيت هجڻ آهي ته پوءِ ان تعلق مان آزاد ٿي اڪيلي رهڻ لڳندي آهي. ايئن پوري سنڌ ۾ ڏسجي ته نڪاح ٿيڻ دوران جيڪي ورن پاران عورتن سان هر روز زنا بالجبر وارو عذاب آهي، ان کي ريپ جي دائري ۾ شمار ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي، پر ان کي ريپ تسليم ئي ڪونه ٿو ڪيو وڃي. صرف ان ڪري ته نڪاح يا شادي جو ٺپو لڳل آهي. آخر ۾ اڪيلي ئي رهجي وڃي ٿي. عورت جو پنهنجو ڪو گهر ئي نه آهي جنهن کي پنهنجو گهر يا پنهنجو وطن چئي سگهي. ڇاڪاڻ ته طلاق شده هجڻ ۽ ٻيو هڪ شاعره هجڻ سارا جو ٻٽو ڏوهه هو جنهن ڪري هن کي گهران بي دخل ڪيو وڃي ٿو. مختلف هنڌن تان حراسان ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته سارا جڏهن اهو سمجهي ورتو ته هن پدر شاهي نظام ۾ شادي ڄڻ ٻنهي انسانن ۾ هڪ معاهدو هوندو آهي، جنهن ۾ هڪ آقا ته ٻيو غلام، هڪ بالاتر تي ٻيو ڪمتر، هڪڙو ظالم ته ٻيو مظلوم هوندو آهي ۽ اهڙي طرح عورت مرد جي ذاتي ملڪيت قرار ڏني ويندي آهي. جنهن تي مرد جو حق هوندو آهي ته جيئن چاهي تيئن سلوڪ ڪري ايتري حد تائين جو گهرواري جي انڪار ڪرڻ باوجود همبستري ڪري وڃي. جيڪو سڌو سنئون ريپ آهي.

سارا به پنهنجي زندگيءَ ۾ انسان جي روپ ۾ بگهڙ ڏٺا، جيڪي گلن جي خوشبوءِ کي پنهنجي قيد ۾ رکڻ سکي سگهيا آهن. سماج جي فرسوده سوچن هن جو ساهه کڻڻ تنگ ڪري ڇڏيو. پدر شاهي نظام عورت کي ڏک هڻڻ لاءِ، هن جي حيثيت کي ڪيرائڻ لاءِ، سڀ کان پهرين وار ان جي ڪردار تي ڪندو آهي ۽ سارا سان به ايئن ٿيو هن کي پاڳل خاني تائين پهچايو ويو. جتي به مريضن جو علاج ڪرڻ بجاءِ عورتن کي حراسان ڪيو ويندو آهي، هر اداري ۾ ڏسجي ته عورت ڪٿي به محفوظ نه آهي ۽ هر هنڌ اهڙا بگهڙ موجود آهن. جيڪي پنهنجي بک کي مٽائڻ جي تاڙ ۾ ويٺا هوندا آهن ۽ ڪيترين ئي معصوم زندگيون انهن جي حوس جو نشانو بڻجنديون رهن ٿيون. اهو صرف ۽ صرف عورت هجڻ جي ڏوهه ۾ عورت سان جبر ۽ استحصال ٿئي ٿو. جنهن جو اظهار سارا شگفته هن ريت ڪيو آهي:

"میرا سب سے بڑا گناہ یہ ہے کہ میں عورت
ہوں، جب ان کے ساتھ قہقہہ نہیں لگاتی۔۔۔۔وہ
میرے خلاف ہو جاتے ہیں۔"

اسان جي سماج ۾ عزت جو بار به مرد عورتن تي وجهي، پاڻ ذميوارين کان آجا ٿي ويندا آهن ۽ ڏهاڙي، عورت ماءُ، ڀيڻ، زال جي روپ ۾ استحصال جو شڪار ٿيندي رهي ٿي. سارا شگفته جي زندگيءَ جو جائزو وٺڻ بعد سندس شخصيت ۾ جيڪا خوبي نظر آئي، اها هيءَ ته عورت لاءِ هي سماج رهڻ لائق ته هونئن به نه آهي، پر هوءَ خاموش رهڻ بجاءِ وڙهندي به رهي، مزاحمت به ڪندي رهي ۽ پنهنجي شاعري ذريعي اهڙن موضوعن تي کلي لکندي رهي. جن تي عام طور ڳالهائڻ تي سماج ۾ بندش پيل آهي، جيئن سيڪس، سياست ۽ مذهب. هوءَ پنهنجي قلم وسيلي قلمبند به ڪندي رهي ۽ ماڻهن کي سماج جي حقيقي تصوير ڏيکاريندي به رهي. سارا شگفته کان ٻار کسيا ويا، ٻي گهر ڪيو ويو نام نهاد شاعرن، اديبن پاران تنقيد جو نشانو بڻايو ويو، ڪردار ڪشي ڪئي وئي اخبارن جي زينت بڻائي وئي، پر پوءِ به هوءَ اڪيلي وڙهندي رهي، نيٺ 4 جون 1984ع تي ڪراچي ۾ ريل هيٺان اچي پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏي ٿي. هن جي اها خودڪشي نه پر قتل چئبو جنهن جو ذميوار مرداڻو سماج آهي. جنهن ۾ عورت جي جسم ڪانسواءِ سندس ٻيو ڪو وطن ئي نه آهي. جنهن تي خود سارا جا ڪيترائي نظم، سوال ۽ سماج تي نقطهءِ چيني ۽ تنقيد ٿيل آهي. اصل ۾ عورت جو جهيڙو صرف پدري نظام سان نه آهي، پر جاگيرداري، سرمائيداري نظام سان پڻ آهي ۽ اهو ئي سبب طبقاتي نظام، جبر ۽ استحصال جي پيداوار آهي. ان ئي نظام مرد ۽ عورت جي حياتياتي فرقن کي سماجياتي فرقن ۾ تقسيم ڪيو آهي ۽ مرد عورت لاءِ فرق پيدا ڪري انهن ۾ جهيڙو پيدا ڪري پاڻ پنهنجا مفاد پورا ڪري رهيو آهي. اسان کي هن نظام کي پاڙان پٽڻو پوندو ۽ اهڙو نظام جوڙڻو پوندو جنهن ۾ ڪوبه رشتو معاهدي جي بنياد تي نه پر پيار جي بنياد تي جوڙيو وڃي جيڪو غير طبقاتي، غير استحصالي نظام هجي. جنهن ۾ هر دفعي بي گناهه سارا جهڙيون نياڻيون زندگين جو انت نه آڻينديون رهن بلڪه زندگيءَ کي ڀرپور جيئڻ جو حق حاصل ڪري سگهن. هي ڪتاب پنهنجي خوبصورت اسلوب، ٻولي جي حوالي سان بهترين ڪتابن مان هڪ آهي ۽ هڪ ليکڪ جو مقصد پنهنجي لکڻين ذريعي سماج ۾ بيداري آڻڻ هوندو آهي ۽ سماج ۾ موجود مرضن کان نه صرف واقف ڪرائڻو هوندو آهي، پر ان سان گڏوگڏ سماج ۾ موجود مرض، جيڪي سماج کي اڏوهي جيان کائي رهيا آهن. انهن جي خاتمي لاءِ پڻ سوال اٿاريا ويندا آهن. هي ڪتاب آهي ته نثري صنف تي آڌاريل، پر شاعراڻي طرز ۾ لکيل آهي. امرتا پريتم پنهنجو هي ڪتاب لکي نه صرف سارا سان انصاف ڪيو آهي، پر سارا جي درد ڀري داستان کي پنهنجي خوبصورت لفظن، تشبيهن ۾ ايئن پيش ڪيو آهي ڄڻ هر پڙهندڙ کي سارا جي مرڪزي ڪردار ۾ پنهنجو ڪردار نظر ايندو هجي ۽ سماج جي حقيقتن کي وائکو پڻ ڪيو اٿائين. هن ڪتاب ثابت ڪيو آهي ته سارا شگفته ڪيتري پختي شاعره رهي آهي. سارا جي موت سندس زندگي ۽ شاعري کي بحث هيٺ آندو ۽ شاعريءَ کي هڪ الڳ موڙ ڏنو. سارا شگفته جي شاعريءَ کي امرتا پريتم نه صرف داد ڏنو آهي، پر شاعري جي مجموعن جي ڇپائي وارو ڪم پاڻ ڪنيو ۽ امرتا پريتم ئي آهي، جنهن سارا جي زندگيءَ جي سچي تصوير کي عوام اڳيان آڻي هن جي شخصيت ۽ ڪردار تي لڳل داغن کي صاف ڪيو آهي.

❊❊❊

# چڪرا ڳوٺ کان گڏاڻيءَ تائين



مهر فقير

ڪافي ڏينهن کان وٺي خواهش ۽ ارادو هو ته ڪيٽي بندر، ميرپورساڪرو، ڪارو ڇاڻ، ٻُهارا وغيره جو سير سفر ڪجي. ڇو ته هيل تائين اهو علائقو اهو پاسو اهو طرف ڏسي ۽ گهمي نه سگهيو آهيان. سو اوڏانهن جي منظرن ۽ نظارن جو به ديدار ڪجي، پر ڇا ڪجي جو پوليس جي نوڪريءَ ۾ موڪلون تمام گهٽ نصيب ٿينديون آهن. بيو ته وري خاص ڪري عيدن جي اجتماعن، محرم الحرام جي جلسن جلوسن، هڙتالن، اليڪشنن، روڊ مارچن ۽ ڌرڻن وغيره وارن ڏينهن ۾ ته ويتر ئي موڪل وٺڻ تي ڄڻ ته ڪرفيو BAN ON LEAVE لڳل هوندو آهي. انهيءَ ڪري گهمڻ ڦرڻ ته پري جي ڳالهه آهي، پر شادي غميءَ تي به آفيسر صاحبان موڪل گهرڻ تي ايئن ڪاوڙبا آهن جيئن ووٽ وٺڻ بعد غريب عوام تي ايم پي اي ۽ ايم اين اي ڪاوڙ جو اظهار ڪندا آهن. جڏهن ته موڪل اسان جو حق آهي، پر هتي حقدار کي سدائين وڏو گنهگار سمجهيو ويندو آهي. سو هاڻي جيئن تيئن ڪري 02-06-2022 خميس تي 12 ڏينهن جي موڪل ٿي ته دل ايئن باغ بهار ٿي وئي، جيئن برسات بعد ٽر يا جابلو علائقو ساوڪ سان سائو ٿيندو آهي يا وري جيئن ڪو بيگناهه قيدي جيل منجهان سزا پوري ٿيڻ بعد نڪري سڌو گهر ويندو آهي ۽ انتظار ۾ ويٺل ونيءَ ۽ ٻارڙن سان ملي گدگد پيو ٿيندو آهي ۽ سندس من اندر ۾ سرهائي محسوس ڪندو آهي يا جيئن ڪو بکيو پيٽ ٽڪر ڳيپي ملڻ تي سدائين پيو سرهو ٿيندو آهي. ها موڪل ته اسان جو بنيادي حق آهي، پر اها به امداد ۽ خيرات زڪوات ۽ فطري وانگر ايئن ملندي آهي جيئن سنڌي قوم کي شاهوڪار هئڻ باوجود به مختلف طريقن سان پناهگيرن جي طرفان امدادون خيراتون ۽ زڪواتون ملنديون آهن. ڇو ته هتي جيڪو حق گهرندو آهي اهو ڏوهي سمجهيو ويندو آهي، جيئن ڪنهن وقت ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جا ڪنڌ ۽ زبانون ڪپيون وينديون هيون.

04-06-2022 ڇنڇر تي نمره جي اجازت سان اسان زال مڙس جڏهن به ڪيڏانهن به گهمڻ ويندا آهيون ته نمره جي راضپي سان ئي ويندا آهيون. ڇو ته هوءَ گهر ۾ اڪيلي رهندي آهي ۽ پري يا ڊگهو سفر بنهه نه ڪندي آهي سو به خاص ڪري بائيڪ تي. مون ۽ فقيرياڻيءَ هن ڀيري ڪيٽي بندر جي سير جو پڪو پروگرام جوڙي فائنل ڪيوسين ته صبح سوير 05-06-2022 آچر تي هر صورت ڪيٽي بندر هلبو، پر رات جو دير سان قادر داد عرف فدا خان مهر جي ڪال آئي ته اسان اچون ٿا ڇو ته فدا وارا جڏهن به ڳڙهي ياسين کان ڪراچي ايندا آهن ته هميشه اسان وٽ ئي ايندا آهن. فدا مهر نمره مهر جو ماسات آهي ۽ فدا جو پيءُ وري منهنجو ماسات آهي. جنهن ۾ ماستر نبي داد مهر، امام الدين مهر ۽ به ٻيا مائٽ هئا سي رات جو 1:00 وڳي ڪراچيءَ پهتا انهيءَ ڪري اسان کي ڪيٽي بندر جي سير وارو پروگرام ايئن تبديل ڪرڻو پيو جيئن پئسن جي لالچ تي نوان اميدوار ۽ پراڻا سياسي ميمبر پارٽيون تبديل ڪندا آهن. ڇو ته گهر آيل رشتيدارن کي ڇڏي ايئن سير سفر تي نڪري وڃڻ ڪنهن به ريت مناسب نه پئي لڳو.

صبح جو فدا وارا ناشتو پاڻي ڪري پنهنجي ڪم ڪار سان روانا ٿيا ته اسان به نوجوان ۽ الهڙ ناريءَ وانگر ڪر پڪا ۽ ڪيٽي بندر بجاءِ گڏاڻيءَ طرف گهمڻ جو سوچيوسين سو پاڻيءَ جي بوتل ۽ سدائين وانگر ڇانورن جي اٽي جون به مانيون ٻڌي ڪنيونسين ۽ الله جو نالو وٺي نمره مهر کان اجازت گهري KKW 4322 تي 9:30 وڳي چڪرا ڳوٺ کان گڏاڻي پڪنڪ پوائنٽ ڏانهن روانا ٿياسين. هي اسان جو پهريون چڪر نه هو. ڇو ته هن کان اڳ به نه ڄاڻ ڪيترا ڀيرا ڀيرو ڀري چڪا آهيون. سو ڪورنگي ڪراسنگ، ڊفينس، مائي ڪلاچي روڊ. هن روڊ جو سرڪاري نالو ڪولاچي روڊ آهي جيڪو غلط آهي. ڇو ته ڪولاچي ذات آهي جڏهن ته شاهه جي رسالي ۾ ڪلاچي جو لفظ آهي، نيٽي جيٽي برج گل ٻائي هتان ڪابي پاسي وارو روڊ هاڪس بي، مبارڪ وليج، منهوڙي طرف وڃي ٿو. شير شاهه واري پل کان حب ريور وارو روڊ ڏيئي ماڇي ڳوٺ نيول ڪالوني کان لنگهي وڃي سنڌ بلوچستان کي ملائيندڙ پل جتي رڳو نندين وڏين مسافر گاڏين جي سخت چيڪنگ ٿي رهي هئي. جڏهن ته وڏا وڏا ٽرالر ۽ ٽينڪر وغيره ٻن صوبن جي باردر کان باآساني اچي وڃي رهيا هئا ۽ اتي هڪ بورڊ لڳل هو جنهن تي لکيل هو ته سنڌي لکو، سنڌي سکو، سنڌي پڙهو، سنڌي ڳالهايو پاران محمد علي مانجهي. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو چيئرمين سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ. 400 رپين جو پيٽرول پرائي پل ڪراس ڪري حب شهر ۾ داخل ٿياسين. شهر ۾ داخل ٿيندي ئي ساڄي هٿ تي هڪ رستو ساڪران بند مراد سسئي پنهون جي مزار، حب ڊئم، دريجي ۽ نوراني طرف وڃي ٿو، جتان 100 رپين جا مڪس پڪوڙا ورتاسين ته جيئن بک لڳڻ مهل



چانورن جي مانيءَ سان ڪائجن.
حب شهر ڪان نڪري هلياسين ته ڪيسي ۾ رکيل موبائل VIVO Y21Aجي گهنٽي وڄڻ لڳي ته پيا موبائل ڪڻ سو گاڏي کي اڳتي هلي باءِ پاس حب شهر جي اولهه ڪان جبلن جي پاسي ڪان ڪجهه عرصو اڳ نهايت ئي بهترين روڊ ناهيو اٿائون جيڪو شهر جي مين ۽ تنگ روڊ ڪان ٽريفڪ جي روانيءَ کي سولو بڻائي ٿو ۽ وقت جي ڪافي بچت ٿئي ٿي. واري چوڪ تي بريڪ ڏنم. چو ته جڏهن به ڊرائيونگ دوران ڪنهن جي به ڪال ايندي آهي ته گاڏي بيهاري پوءِ ڳالهائيندو آهيان. اهو ان ڪري جو هلندي گاڏي خاص ڪري بائيڪ تي موبائل تي ڳالهائڻ خودڪشي ڪرڻ جي برابر آهي.

ان وقت اها ڪال منير احمد مغيري جي هئي جيڪو به موڪل تي ڳوٺ اوستو پليڏنو آباد جيڪب آباد ويل هو ان بعد اتان ئي وري نمره کي به فون ڪئي سين ۽ ڪيس خير خيريت جو پڇايوسين. چو ته نمره جو سدائين اهو ئي چوڻ هوندو آهي ته هوريان هوريان ۽ خيال سان ايندا ويندا ڪريو ۽ هر هر مون ڏي ڪال به ڪندا ڪريو. ايئن ڪڪ هٽي گاڏي اسٽارٽ ڪري سنگل روڊ ٽريفڪ جي گهٽائيءَ سبب حڪومت کي گهرجي ته هن روڊ کي ڊبل ڪرائي ته جيئن ٽريفڪ کي به سهولت ميسر ٿئي ۽ حادثن ڪان به بچي سگهجي. تي ايندڙ ويندڙ گاڏين ڪان خيال ڪندي ساڄي ڪابي ڏسندي ۽ ديدار ڪندي جتي ٻنهي طرفن ماربل جا ڪارخانا ۽ پناڻن جا هوٽل اڪثريت ۾ هئا وجي گڏاڻي موڙ وٽ هوٽل تي بريڪ ڏنوسين. جتي جڏهن به ايندا آهيون ته چانهه جون گرما گرم چسڪيون ضرور پيئندا آهيون. اهو هوٽل اوستا محمد جي بلوچن جو آهي، پر هو خاص ڪري سپ سان سنڌي ٻولي ۾ ئي ڳالهائيندا آهن. جتان ڪئپسٽن سگريٽن جو پاڪيٽ 100 رپين ۾ ورتم ۽ چانهه جا پئسا ادا ڪري اتي ان موڙ تي يادگيريءَ خاطر منٽ ڪن جي وڊيو به پريم.

وڊيو پري وري سفر کي جاري رکيوسين اتي موجود پوليس چوڪي ڪراس ڪري گڏاڻي. گڏاڻِي بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو آهي انهيءَ ڪري ئي هن شهر کي گڏاڻي سڏيو لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. گڏاڻي بلوچ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پڻ آباد آهن. طرف هلڻ شروع ڪيوسين هي رستو آهي ته پڪو پر ڪافي هنڌن تي ڪڏا ڪوبا اٿس. ٻيو ته هن روڊ تي گڏاڻي پڪنڪ پوائنٽ ۽ گڏاڻي شپ بريڪنگ يارڊ جي ڪري هر وقت چڱي خاصي آمد و رفت رهي ٿي، هتي اوسي پاسي ۾ رندن، عمراڻين ۽ ڊگارزئي بلوچن جا اوري پري ڪيترائي ننڍا وڏا ڳوٺ پڻ موجود آهن. جڏهن ته هتي بلوچي سان گڏ سنڌي ٻولي به عام جام ڳالهائي وڃي ٿي. اڳيان ڪابي هٿ تي پوليس اسٽيشن گڏاڻي ۽ ٿورڙي ئي فاصلي تي ساڄي هٿ تي سينٽرل جيل گڏاڻي ۽ پوليس جا سرڪاري ڪوارٽر موجود آهن. رستي جي ٻنهي پاسن مختلف وڻ جهڙوڪ: ديوي، جنهن کي سڪر، شڪارپور ۽ ٻين ضلعن وارا انگريزي ٻبر چوندا آهن. چو ته اهو ٻج



هتي ديوي نالي هڪ انگريز آندو هو. جڏهن هتي ريل هلڻ شروع ڪيو هو ته جيئن ريل جي هلڻ وقت هي وڻ هوا سبب اڏندڙ ۽ اڏامندڙ مٽيءَ کي روڪي سگهي. چو ته ديوي جو ٻوٽو لاٽيءَ وانگر زمين تي وڇائجي وڃي ٿو. ڪنڊي، ڪرڙ، نيرڙين ڦلڙين وارو اڪ ليون وغيره. ان ڪان علاوه هتي زمين ۾ خاص ڪري برساتي موسم ۾ هيرڻ جو فصل پوکيو ويندو آهي. شايد اهو هيرڻ دوائن ناهڻ يا وري ڪوڪنگ آئل ناهڻ خاطر ڪتب اچي ٿو. چو ته هتي سنڌ وانگر آبپاشي نظام نه آهي انهيءَ ڪري هتي ڪوئل وانگر ڪُو ڪُو ڪري برسات لاءِ پاڏايو ويندو آهي. ٻيو ته وري هي جابلو ۽ سامونڊي ايريا آهي. ننهنڪري نهري نظام جو پاڻي اچڻ هڪ خواب آهي. پر هاڻي ته خاص ڪري سنڌ ۾ به نهري نظام تي جيون گهاريندڙ به ڍڪ خاطر ڊڪون ڪري رهيا آهن. هر طرف ڪربلا جو منظر آهي سو جي اهو سلسلو ايئن رهيو ته مستقبل ۾ مُردي کي غُسل ڏيڻ خاطر به پاڻي نه ملندو. پر جي ملندو به ته وڏي مشڪل سان ملندو.

اسان رستي جي لاهين تان لهندي ۽ چاڙهين تان چڙهندي گڏاڻي شهر ۾ داخل ٿياسين. جتان هڪ رستو ڪابي طرف شپ يارڊ ڏانهن ٿي ويو. هتي وڏن وڏن پراڻن ۽ ناڪاره جهازن کي سمنڊ ڪناري تي ٽوڙڻ جي وڏي صنعت موجود آهي ۽ ان ڪان علاوه هتي جهاز لنگر به ڪندا آهن. چو ته هي شپ يارڊ ڪراچي بندرگاهه ڪان 40 ڪلو ميٽر ڪن پري ۽ نهايت ئي ڪليل علائقو آهي ۽ انهيءَ طرف عام ماڻهو جي خاطر پابندي آهي. ها اگر ڪو مون جهڙو نئون ماڻهو رستو ڀلجي به ويو ته خير آهي. پر ڊڄڻ جي ڪا ڳالهه ناهي. گڏاڻي شپ بريڪنگ يارڊ دنيا جو ٽيون نمبر وڏو ۽ ايشيا جو سڀ ڪان وڏو شپ بريڪنگ يارڊ چيو وڃي ٿو جتي هڪ ئي وقت 64 وڏن سامونڊي جهازن بيهارڻ جي گنجائش ٻڌائي وڃي ٿي، جتي تمام وڏا ٻيڙا بيٺل هئا. جيڪي ڏسڻ وٽان هئا سمنڊ جي ۽ سنڌن جي هيبت پڻ ڏسڻ وٽان هئي. پر هاڻي هتي اهي لوهه جي ٽڪرن ۾ تبديل ٿيڻ جي لاءِ بيٺل هئا ۽ هنن جو ملبو گهٽو ڪري سريي ناهڻ جي ڪم ايندو آهي ۽ انهيءَ ملبي منجهان ٺهيل سريي کي نهايت ئي مضبوط ليکيو ويندو آهي ۽ سڌي گس تي اڳتي هلي گڏاڻي بيچ آهي، هتي هن شهر ۾ ميونسپل ڪاميٽي گڏاڻي جي آفيس، بئنڪ، سرڪاري اسڪول ۽ دفتر پڻ آهن ۽ ڪافي سارا مختلف دڪان پڻ آهن. شهر جي آبادي بلڪل ئي ڪليل آهي، نظر نهار تائين مقامي عورت ڪٽي به نظر ڪين ٿي آئي جنهن مان يقين ٿيو ته عورت جي معاملي ۾ هتي پردو آهي. هتي پرائيويٽ ڪوچون جهڙوڪ: رند ڪوچ ۽ مسڪان ڪوچ پڻ ايندي ويندي نظر آيون. بيچ وٽ پهچڻ ڪان اڳ رستي ۾ ميونسپل ڪاميٽيءَ وارا ننڍين وڏين گاڏين ڪان الڳ الڳ ريٽ تحت انٽري فيس وصول ڪري پرچي ڏيندا آهن. سو اسان به موٽرسائيڪل جي داخلا تي 20 رپيا ادا ڪري پرچي حاصل ڪري اندر داخل ٿياسين.

هن بيچ تي داخل ٿيڻ بعد چوڌاري نظر ڊوڙائي سون ته هڪ نهايت ئي ڪشادو هوٽل نظر آيو جتي ٻارڙن لاءِ جهولا پڻ هئا. هن هوٽل جي پرسان واري جبل تي مٽي هڪ مزار آهي ۽ چڙهڻ لاءِ سيمينٽ جي ڏاڪڻ ٺهيل آهي، سا مزار ڪنهن جي آهي، سو پتو نه پئجي سگهيو ۽ نه وري اسان مٿي وياسين. چو ته مٿي چڙهڻ خاطر اسان ۾ ايتري سگهه ڪونه هئي ۽ هر طرف موٽرسائيڪلون، ڪارون، سوزوڪيون، ڪوچون، بسون وغيره فيمليز ۽ بڪنگ تحت آيل هيون، بيٺل هيون. ڪيترائي خاندان ماڳن طرف واپس وڃي رهيا هئا ته ڪيترائي خاندان سير و تفريح خاطر هتي اچي رهيا هئا. اڄ جو ڏينهن ۽ تازي پڳهار هئڻ سبب اڳي ڪان عوام جو انگ سوايو هو. سمنڊ جو پاڻي به فل موج مستي ۾ هو، متان اڇن ڪارن ڪڪرن جو گشت جاري هئڻ سبب گرمي ڪافي گهٽ هئي. هتي مقامي ماڻهن جي طرفان ڀچرن، پترن، رلين ۽ چادرن سان هٽ HUT ٺهيل هئا، جيڪي هو ڪرائي تي ڏيئي گذر سفر

خاطر پئسا جمع ڪري رهيا هئا. ڇو تہ هتي گهمڻ لاءِ ايندڙ فيمليون پاڻ سان گڏ ماني پاڻي ڪٽي ايندا آهن، جيڪي ڪرائي تي هٽ وٺي اتي پيٽ پوڄا پڻ ڪندا آهن. ماضيءَ جي پيٽ ۾ هن دفعي هٽن جو انگ سوايو هو ۽ هر هٽ ۾ ايئن هو جيئن مختلف ميلن تي عارضي دڪان ۽ بازارون ٺهيل هونديون آهن. سمنڊ جي واريءَ ۾ بائيڪ جو هلڻ محال هو، انهيءَ جي ڪري هڪ پاسي تي بائيڪ بيهاري ڪيس چوري ٿيڻ جي ڊپ کان تالو هڻي اسان بہ وڃي سمنڊ کي سلام ڪيو.

هتي ميونسپل وارا انٽري في تحت نہ ڄاڻ ڪيترو پئسو ڪمائين ٿا، مگر افسوس جو عالم اهو آهي تہ هتي سهولت صفا زيرو پلس زيرو برابر زيرو ئي هئي، باقي اهو آهي تہ هتان جي مقامي ماڻهن خاص ڪري هٽن وارن، اٺن وارن، گهوڙن وارن، ريڙهين وارن ۽ موٽر بوٽس وارن جو سٺو گذر سفر ٿئي ٿو. هتي پاڻيءَ جون وڏيون وڏيون ڇوليون من کي موهي ۽ ڪٽڪ جي اٽي وانگر ڳوهہ ڏيئي ڳوهي وڃهن ٿيون. تيز هوا ۾ سمنڊ جو پاڻي جڏهن جبلن سان ٽڪرائبو آهي تہ وڏو آواز پيدا ٿيندو آهي ۽ پاڻي جبل کان مٿي نظر ايندو آهي ۽ اتي بيٺل ماڻهن جا ڪپڙا وغيره آلا ٿي ويندا آهن ان ويل ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ اهي سمنڊ جون ڇوليون اجهو ٿيون جبل کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري وجهن، پر لهرون ٽڪرائجي ناڪام ٿي واپس وري وينديون آهن ۽ وري اچي ٽڪرائبيون آهن، پر جبل بہ جبل آهي سو ڪٿي ٿو ٽڪر ٿئي. اهڙيءَ ريت اها سمنڊ ۽ پهاڙ جي ويڙهہ مسلسل هلندي ٿي رهي. سو ڏسي رهجي تہ ڇا ٿو ٿئي ۽ ڪير ٿو هارائي ڪير ٿو کٽي اهو اڳتي هلي وقت واضح ڪندو. هتي جو بيچ ڪراچيءَ جي پيٽ ۾ نهايت ئي صاف سٿرو آهي. ڇو تہ ڪراچيءَ ۾ ڪناري تي گند ڪچرو ڪافي گهڻو هوندو آهي. هتي مزار واري جبل جي قطار ۾ هڪ هنڌ 02 گول چبوترا تعمير ٿيل آهن، جتي بہ ماڻهو آرام سان ڇڙهي سمنڊ جو نظر نهار تائين نظارو ڪري سگهي ٿو. گذريل سال 17-09-2021 تي نمره جي سالگره 16-09-2021 تي اسان انهن چبوترن جي ڇانو ۾ گهران آندل ماني ۽ برياني کاڌي هئي. ڇو تہ نمره جي سالگره تي ايندڙ مهمانن کي ڪراچي جي مختلف ماڳن جو سير بہ ڪرائيندا آهيون. هتي جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ هتي مون کي ڪو هڪ بہ افغاني پٺاڻ نظر نہ آيو. هتي تفريح خاطر آيل سڀ ڪراچي جا اردو ڳالهائيندڙ هئا. جڏهن تہ سنڌي ۽ بلوچ اٽي ۾ لوڻ برابر هئا. سمنڊ جي لهرن ۾ هرڪو مزا ماڻي رهيو هو. هن ڀيري مان بہ سمنڊ ۾ پهريون دفعو دل کولي ڪافي وقت لهرن سان لطف اندوز ٿيس ۽ ڪناري تي بيٺل منهنجي ساٿياڻي منهنجا اهڙا يادگاري وڊيوز ٺاهيندي رهي. اهڙيءَ ريت ٽڪجي ۽ هيڏي هوڏي گهمندي ڦرندي نظارا ڪندي واپسي ڪئي سون. مٿان وري بک بہ لڳي هئي، سو واپسيءَ تي گڏاڻي شهر کان ٻاهر هڪ لنڪ روڊ تي ٺهندڙ مسافر خاني، هتي رهبر شريعت پير طريقت درگاهہ سائين شيخ جو بورڊ لڳل هو ان پير جو نالو هن وقت ذهن تي نٿو اچي، جي ڇانو ۾ ويهي پڪوڙن سان ماني کائي پاڻي پي وري گاڏي چالو ڪري ڪراچي طرف موٽ کاڌي سين ۽ بنا بريڪ گڏاڻي موڙ لنگهي حب شهر طرف وڌڻ لڳاسين. اڃان حب باءِ پاس وٽ نہ پهتا هئاسين تہ بائيڪ جو پويون ٽائر پنڪچر ٿي پيو، پر شڪر ٿيو جو پرسان ئي پيٽرول پمپ تي پنڪچر شاپ هو، جتان 80 رپين ۾ پنڪچر ڳنڍرايوسين. ها جتي پنڪچر شاپ هو ان جي پٺ ۾ ئي ڪلمتين جو قديمي قبرستان بہ هو، جنهن جي قبرن جي گهڙائي يا چٽسالي جو نمونو چوکنڊي ۽ دريجي روڊ تي موجود قبرستان جي قبرن سان ملندڙ جلندڙ هو، جنهن منجهان اهو يقين پئي ٿيو تہ هي قبرستان ۽ ڪلمتي قبيلو تمام قديم دور جا آهن. هن قبرستان کي پاواني قديم قبرستان بہ چوندا آهن، جنهن جون قديم قبرون اڄ بہ مضبوط بيٺل نظر آيون. جڏهن تہ قبرستان ايترو وسيع بہ نہ هو ۽ هتي جديد دور جون قبرون پڻ موجود هيون ۽ قبرستان جي چوڌاري آباد ٿيندڙ ٽڪڙي آباديءَ منجهان اهو بہ خوف خطرو جنم وٺي رهيو هو تہ اڳتي هلي هي قبرستان بہ قبضن تحت ميسارجي ختم ٿي ويندو. ڇو تہ اسان وٽ قبرستانن تي قبضاگيري ڪا نئين ڳالهہ ناهي ٻيو تہ هتي هاڻي مري ويلن جو ڪوبہ قدر ۽ احترام بہ ناهي رهيو. انهيءَ ڪري ئي ڪافي قبرستان ميسارجي ختم ٿي رهيا آهن. ڪلمتين جي قديمي ۽ تاريخي قبرستان جو سراسري جائزو وٺي اڳيان ساڄي هٿ تي اوچن جبلن جي ڪنارن وٽان ٺهيل باءِ پاس روڊ سان ٿيندا چڪن جي باغن ۽ ناريلن جي ڊگهن وڻن جو ديدار ڪندا سنڌ بلوچستان جون حدون ڪراس ڪري ڪراچي شهر ۾ داخل ٿياسين ۽ بنا بريڪ هلندي اچي گل ٻائي وٽ شاهہ لطيف جي امر ڪردار مورڙي ۽ سندس ڀائرن جي قبرن وٽ دعا گهرڻ خاطر بريڪ ڏنوسين، پر افسوس جو شهيدن جون قبرون ۽ اتي جو نظارو پسي اندر اڌ ٿي ويو. ڇو تہ مزارن کي ديوار تہ مضبوط ڏنل هئي، پر دروازو نہ هجڻ سبب اتي هيروئني، چرسي ۽ ڪافي رولو ڪتا ديرو ڄمائي ويٺا هئا. هتي ڪنهن بہ قسم جي ڪا صفائي بہ نہ هئي، هتي ماضيءَ جي پيٽ ۾ قبرن جا نشان بہ گم سم هئا، ڪنهن وقت ۾ هتي ڏيئا ٻرندا هئا، هاڻي تہ وڻ بہ وڍي ختم ڪري ڇڏيا اٿائون، مگر ديوار تي لکيل هو مورڙي ۽ سندس ڀائرن جي مزار جو نالو اسان هونئن تہ لطيف ۽ سندس ڪردارن جا نالا وٺي وڏا وڏا نعرا هڻندا آهيون مورڙي جي بهادري جا قصا نئين نسل کي سڻائيندا آهيون، پر افسوس جو ماضيءَ کي مٽجڻ کان نہ بچائي سگهيا آهيون.

ايئن اتان وري اڳتي هلي ماڙيپور ميري ويدر ٽاور آءِ آءِ چندريگر روڊ آرٽس ڪائونسل شاهراهہ فيصل گورا قبرستان کان ٿيندا قيوم آباد ڪراس ڪري ڪورنگي ڪراسنگ تي بيٺاسين جتان نمره جي موبائل VIVO Y21A لاءِ سيفٽي ڪور وٺي شام جو پوري 5:30 وڳي چڪرا ڳوٺ نوراني بستي ۾ گهر پهچي نمره سان پاڪر پائي ۽ چميون ڏيئي ٽڪ پڳوسين.

***





رياض ابڙو

# ذبيح عباسيءَ جي ڪتاب
# ”چنڊ تنهنجي ذات“ تي هڪ نظر

## توڙي

جو ادب جون هڙئي صنفون ورجاءَ جو ٻيو نالو آهن، پر هر دفعي انهن صنفن جي پيشڪاري منفرد هجي ٿي. شاعريءَ جا انوکا خيال ۽ انهن جي سهڻي اڻت، لفظن جو سٽاءُ ۽ انهن جا نت نوان تجربا، صنفن جي تاڃي پيٽي ۾ خيالن جي فتنگ ۽ شاعراڻي ڪاريگري داد لهڻي. اسان وٽ سواءِ بيت ۽ وائي جيڪي بہ شاعراڻيون صنفون آهن اهي گهڻي ڀاڱي امپورٽيڊ آهن. مثال طور: غزل، نظم يا نظمن جون سڀئي ساختون ٻين هنڌان هتي درآمد ٿي آيون، پر انهن تي ايتري تہ ڀرپور شاعري ٿي چڪي آهي ۽ ٿي رهي آهي، جو اهي صنفون هاڻي اسان وٽ پنهنجائپ جا احساس سموئي مسلسل سرجن ٿيون پيون. تيئن ئي ٽيڙو بہ 17 صديءَ کان ڀرپور سفر ڪندي 19 صديءَ تائين مسلسل جاپان جي اصلوڪي شاعري جي صنف هجڻ جي ناتي اتان جي هزارين شاعرن جي طبع آزمائي هيٺ ئي رهيو ۽ جاپان اندر ”هوڪو، هائيڪائي، هائيڪو“ ۽ اسان وٽ ٽيڙو هڪ ٽستي آزاد نظم وانگي ليکيو ۽ لکيو ٿو وڃي. توڙي جو هائيڪو پابند ناهي، پر هن صنف جو لينڊ اسڪيپ وري بہ 17 ماترائن تي ئي لهي پاڻ مڃائي ٿو ۽ انهن ماترائن کان تجاوز نٿو ڪري، ان تناظر ۾ پوءِ هيءَ صنف بہ جڻ پابند ڀانئي ٿي وڃي. توڙي جو هيءَ صنف رُکي، ڇَسي، ٻُٽيل ۽ ٻُوساٽيل سٽاءُ ڪڻي ٿي لهي، ان ڪري هيءَ صنف پنهنجي اندر گهڻا آلاپ ۽ رڌم نہ ٿي سموئي، پر فڪري جُز ۽ ولوڙ ۾ ڀرپور هجي ٿي، جنهن منجهہ شاعر پنهنجا سڀ خيال هڪ اختصاري ساخت اندر اظهاري بہ وٺي ٿو. توڙي جو 1603 کان وٺي 1867 هن صنف گهڻا ئي لاها چاڙها ڏٺا، پر ”باشو“ (جاپاني شاعر) هن کي گهڻي پذيرائي بخشي ۽ 1670 ڌاري ٽوڪيو جنهن کي اڳ ۾ اِيدو بہ چوندا هئا، ۾ هن صنف وڏي مشهوري ماڻي. باشوءَ جي هڪ ٽيڙو جو مفهوم ۽ منظوم ترجمو ڪجهہ هيئن پيش ڪجي ٿو:

**هڪ سنهڙي شاخ،**
**هڪ ڪانءُ اچي ويٺو آ،**
**خزان جي شام.**

(ترجمي ۾ توڙي جو شاعري جو مزو ڇَسو ٿي ٿو وڃي، پر شاعري جي هيءَ صنف وري ڪجهہ خاص رُکي ۽ ڇَسي بہ آهي) يا هيٺ باشوءَ جا ڪجهہ ٽيڙو مثال طور: جيئن مقالو موثر ٿي سگهي ۽ ٽيڙو جي افاديت ۽ ڪماليت جو مختصر جائزو بہ وٺجي تہ جيئن ذبيح عباسي جي شاعري کي تڪي توري سگهجي:




**هڪ پاڻيءَ جو تلاءُ،**
**ڏيڏر ٽپ ڏنو،**
**پاڻيءَ**
**ڪيو**
**آواز.**

”ڪوبا ياشي“ جو هڪ ٽيڙو بہ مثال طور تي کڻون ٿا يا جنهن ۾ شاعرن جا فلسفا بہ پڙهي سگهجن:

**هڪ ڦڙي جي دنيا،**
**۽ هرهڪ ڦڙيءَ منجهہ،**
**هڪ جدوجهد جي دنيا.**

”يوسا بوسان“ جو هڪ ٽيڙو بہ رکون ٿا ان ڪري تہ ذبيح عباسيءَ جي ڪتاب جي پيٽا پيش ڪري سگهجي ٿي:

**مينڻ بتيءَ جي روشني،**
**ٽپائي تي روشني هڪ ٻي مينڻ بتي ڏي،**
**جڻ شام ڌاري ڦٽي روشني.**

هڪ ٻيو بحث اهو بہ آهي تہ اڪثر شاعر يا ليکاري پنهنجن ڪتابن جي نالن جي چونڊ پٽائي جي بيتن منجهان ڪندا رهن ٿا (جيئن شيخ اياز جي شاعري جا گهڻي ڀاڱي ڪتاب پٽائيءَ جي بيتن جا ٽڪرا آهن يا سراج جا ناول بہ گهڻي ڀاڱي پٽائيءَ جي بيتن جا ٽڪرا آهن) اهو ٽرينڊ بهتر آهي، پر شاعر ڪجهہ ٻيو بہ سوچين يا تخليقي نالا رکن تہ ڀلو آهي (اها هڪ تجويز آهي) يا پٽائي جي شاعري جو ڪو تسلسل، سيڪئينس يا سيڪيوئل بہ نٿو ٿي سگهي، پر شاعريءَ جي ڪتابن جي نالن جي چونڊ بہ ڪا انوکي هجڻ گهرجي. بهرحال ذبيح عباسيءَ جي ڪتاب ۾ هڪ ٻي ڳالهہ بہ ڏٺي وئي تہ ”چنڊ تنهنجي ذات“ واري ڏس ۾ شاعري روماسزم تي ڀرپور ناهي لڌل يا نالي ماتر ڪو ٽيڙو رومينٽڪ بہ هجي اها ٻي ڳالهہ آهي. ڪتاب جو گهرو مطالعو ڪندي هڪ ڳالهہ نظر ايندي تہ ذبيح عباسيءَ جي سموري شاعري ۾ ٽيڙو گهڻي ڀاڱي رڳو بيان بازي، مشاهداتي لاڙن، اڻين ۽ مبهم خيالن جا ڏيک ڪڻي ٿا لهن يا جن هائيڪن ۾ ڪا سبق آموز ڳالهہ ناهي يا ميسيج ۽ نياپو ڀرپور بہ نٿو هجي، جيئن:

**آ ڪيري مان نانگ،**
**آکهہ اڳري موٽيو،**
**ٺاهي وات ٻسانگ.**

يا هيٺ ڏنل ٽيڙوءَ ۾ بہ هڪ نظارو يا منظر ڪشي عڪسيل آهي. توڙي جو ڪا ڳالهہ پوري پيغام سان نہ ٿي لهي يا شاعراڻا نياپا ڀرپور ناهن، پر ڳالهہ اها بہ آهي يا سوال اهو بہ آهي تہ شاعر وٽ خيالن جي اوت ۽ الهام مهل کهڙا مخصوص گهاڙيتا ۽ ڪالب فٽ ۽ فڪس ٿيل آهن جو اهو انهن الهامن ۽ شاعراڻن موڊن کي ڪنهن صنف ۾ اوتي رکي يا ائين بہ آهي تہ اڪثر شاعر ساڳين خيالن کي غزل بہ ڪري وٺندا آهن يا انهن خيالن کي کهاڻيءَ جي سٽن يا ڊائيلاگن کي يا ڪنهن اشتقاقي سٽن ۽ سمجهاڻين کي مختصر ڪهاڻي يا نثري نظم بہ جوڙي رکندا آهن ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ اهو خيال

انوکو آهي، پر ان صنف جون گهرجون کير پوريون کندو جي گهرجن جي ضرورت ناهي ته ان ڊائيلاگ نما ڪهاڻي، نثري نظم ۽ شاعري جي ڪهڙي ضرورت آهي جو آگر وڊرائي ماڻهو شهيدن جي لسٽ ۾ شمار ٿئي، ذبيح عباسي جي هينئين سٽن کي به ان ڏيک ۾ پرکي ڏسجي:

**آءُ ٽپي اچ ڪوٽ،**
**سڏڪن تي هڪ پڙ وجهي،**
**اڳ ٻانگن کان موٽ.**

ذبيح عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ خيال گهڻي ڀاڱي معناعن ۾ الجهيل، مبهم ۽ ويڙهيل سيڙهيل رهجي ٿا وڃن. ان ڪري ته معنائن ۾ ويڙهيل شيون کو نياپو ڏيڻ بنان رهجي ٿيون وڃن جن ۾ زواليت جو امڪان گهڻو ٿو هجي يا شاعر وٽ مشاهدو ته زبردست اٿس، پر ٻولي خشڪ ترين اٿي ٿو رکي يا ذبيح عباسي هينئين سٽن ۾ ڏاڍي پرپور، پر اختصار ۽ لازوال ميسيج به اوتي ٿو رکي، جتي ثقافت جا اهڃاڻ به چٽي ٿو ته اتي مذهبي رنگن ۾ ٻوڙيل سٽون اٿي پنهنجي تخيل جي پورت به ڪمال ٿو ڪري ۽ خلقڻهار جي خوشيءَ جو مدعي به هجي ٿو:

**اجرڪ خوشبودار،**
**رک نک ۽ مصلحي مٿان،**
**خوش ٿئي پالڻهار.**

هيٺ ڏنل ٽيڙوءِ ۾ لفظ "سهرا ۽ مانڌاڻ" به الڳ الڳ وارتائون آهن، لفظ "سهري" ۾ خوشيءَ جو اظهار آهي ته ٻئي لفظ "مانڌاڻ" ۾ ڪروڌ آهي، ان ڪري لفظن جي جوڙجڪ پرپور نٿي لهي يا اظهار شاعر جي تخيل کي لوڙهي ٿا وڃن. وري مٿان ٻانگي جي آذان يا منظر ۾ بيزاري ۽ اڻ تڻ واري ڪيفيت ۾ لفظن جو فريم وري ڪنهن ڪم جو نٿو لڳي:

**سهرن جو مانڌاڻ،**
**نند ڦٽي آ چنڊ جي،**
**اٿيو ٻانگو ڄاڻ.**

هينين سٽن ۾ جيئن "ڏڌ" جو لفظ سِتِيَل آهي، هاڻي بحث اهو آهي ته ڏڌ وڪڻبو ناهي، پر لسي، مکڻ، کير، مَهي يا ان جون بيون "بائِ پروڊڪٽس" کٽي وڪڻجن، پر ڏڌ هڪ "را مٽيريل" آهي، جيڪو هڪ مرحلي مان نڪري پوءِ ڪا شيءِ نهي بيهندو آهي ته پوءِ ڪائڻ يا کپائڻ جي لائق بڻبو آهي، پر شاعر جي تخيل ۾ ان ڪانپوءِ جو منظر تمام اثرائتو آهي، جنهن مان غربت جي جهلڪ واضح ٿيل آهي، ان ڪري شاعر لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته هو هر طبقي جو شاعر آهي جنهن وٽ اظهار، ماپا، تمثيلون، مشاهدا ۽ ڊڪشن ڏاڍا سلوڻا ۽ سولا آهن ۽ زبردست ٻولي کٽي خيال اوتي ٿو چڏي:

**وڃ ڏڌ وڪٽي آءُ،**
**جڏهين موٽين آٽجاءِ،**
**دال مڱن جو پاءُ.**

پهرين اها ئي شڪايت هئي ته شاعر وٽ رومانسزم جي اوڻات آهي حالانڪ شاعر جي ڪتاب جي نالي ۾ رومانسزم جي سونهن اوتيل آهي جنهن جي خوبصورتي به اها ئي هجي ها جو ڪتاب اندر رومانس گهڻو هجي ها، پر هيٺ ڏنل ٽيڙوءِ ۾ عڪسيل منظر ۾ اهي سڀ شيون پوريون ڏسي سگهجن ٿيون جيڪي هڪ "ٽين ايجر" جي ابلاغ ۾ شامل هجن ٿيون ۽ وري وسڪاري جي شام جا منظر ۽ بيدن جي "وائيٽ بورڊ" تي اڪريل نالن جي "ڪيليگرافي" شاعر جي مشاهدي جي تعريف تي اڪسائي ٿي:

**وسڪاري جي شام!**
**بيدن تي آئي ڏسڻ،**
**هن سان منهنجا نام.**

يا هينيون سٽون به رومانس سان پرپور کٽي ٿو لهي:

**سچو ڏينهن نوڪري،**
**رات سچي ٿو ساريان،**
**خوابن واري ڇوڪري.**

ذبيح عباسيءَ وٽ شاعريءَ جا ڊڪشن ڏاڍا شاندار ٿا لهن:

**ترس اچوڪي رات،**
**سڪ پنهنجا ڪکڙا ڊکي،**
**نيڻ وٺن خيرات.**

هتي هن مضمون جي توسط سان اها ڳالهه ڪجي ٿي ته شيون لمتيڊ نه هجڻ ڪپن يا ڪهاڻي ڪنهن هڪ شهر جي نٿي هجي يا شعر ۾ نالا ڏئي ان صنف کي ڪارنر يا هڪ "ٽائيم ۽ اسپيس" ۾ واڙي نه رکي، ان ڪري حدن جي قيدن کان شاعري ۽ اظهارن کي آزاد ڪجي. مثال طور: جي شهر جو نالو ڪهاڻيءَ ۾ لکبو ته ڪهاڻي لمتيڊ ۽ ڪارنر ٿي ويندي يا شاعري ۾ "سوشل ايڪٽرز" يا ڪردارن جي گنجائش گهڻي ڀاڱي ناهي هوندي يا جي گنجائش رکبي ته شاعري لميٽڊ ٿي ويندي يا برصغير جي شاعرن ۾ هڪ ڳالهه عام رواجي ڳالهه اها به ڏني وئي آهي ته اهي غزل جي مقطع ۾ يا گيت جي آخري سٽ ۾ پنهنجو تخلص يا نالو گهڻي ڀاڱي ڏيندا به آهن. پر شاعري جي هر صنف ۾ اهي نالا نتا ڏئي سگهجن يا نظمن يا ٽيڙوءَ جي صنف ان ڳالهه جي گهرجائو به ناهي ته ان ۾ شاعراڻا تخلص استعمال به ٿين. ان ڪري ذبيح عباسي صاحب جي شاعري ۾ اها ڳالهه گهڻي آهي ته هر ٽيڙو هڪ "ٽائيم، اسپيس ۽ نيمنگ" جي وڪڙ ۾ ڦاٿل رهجي ٿو وڃي يا جنهن سبب شاعريءَ تي دين، ڌرم، خطي ۽ مخصوص طبقي جا ٺپا لڳي وڃن ٿا ۽ اهڙي شاعري پوءِ عالم آشڪاري نٿي آڇي، مثال هيٺ ڏنل ٽيڙو ڏسون:

**مگٽو گهوٽي پينگ،**
**الهندو اٿيو نند مان،**
**عيدن آندا ڏنگ.**

يا ڪٿي ڪٿي شاعر روشن خيال به ڏاڍو آهي ۽ لفظن کان پرپور ڪم وٺي ڄاڻي جنهن سبب خيالن جي پختائي ۽ شاعراڻو لياءُ ڪيس جي شاعراڻي سندرتا کي چار چنڊ اربي ٿو ڇڏي:

**پٿرن کي نه تراش،**
**ڪر ڪعبو پنهنجو اندر،**
**خالق پوءِ تلاش.**

هنن سٽن ۾ خيالن جي سونهن ڏاڍي پرپور اٿس:

**روح نه ڳاتو راڳ،**
**سجدن ڪيڏا وس ڪيا،**
**هئہ هئہ منهنجو ڀاڳ.**

هنن سٽن ۾ زبردست اتساهه پري ٿو لهي (ٽوٽي جو ڪٿي ڪٿي شاعر پنج ست پنج ماترائن جو پابند نٿو رهي):

**خليل جيان بت ڊاهه،**
**رکي ڀروسو الله تي،**
**ساڙيندءِ نه ڪا باهه.**

شاعر ڪٿي ڪٿي ترقي پسند سوچ جو مالڪ به هجي ٿو جو خيالن جا وَرَ وَڪڙ اهڙي دلداري به پيش ٿا ڪن جو پڙهندڙ سمجهي ٿو ته شاعر مشاهدي جو بادشاهه شاعر آهي ۽ هو هاريءَ کي سماجي خوشحاليءَ جو امين به سمجهي ٿو:

**ول سان ٻکيو نوڙ،**
**هاري جا سڀ ٽڪ لٿا،**
**ٽيندو اَنَ جو ڪوڙ.**

يا هي سٽون ڏاڍيون پرپور لڪيل اٿس:

**وهندو ڇَرَ درياهُ،**
**سوڻ ڦٽائيندا ڪيت هَر،**
**ڦٽندو گلقند گاهه.**

يا جيئن هن سٽن ۾ ستم ظريفي جي منظر نگاري به سمجهائي ٿو ۽ گڏوگڏ هڪ "پريڊڪٽو" شاعر جو ثبوت به پيش ٿو ڪري ته شاعر ڪيئن سوشلسٽ سائنٽسٽ به هجن ٿا انهن کي بادِ صبا جي رخ جي خبر به پئي ٿي ته هو موسمن جي ستمن کان به گهڻا باخبر هجن ٿا:

**ٽم ٽم گونگو مينهن،**
**نه ٽڪي نه رُڪي وڃ بنا،**
**اڄ آ پنجون ڏينهن.**

سياسي ۽ سماجي منظر نگارين کي انقلابي نظر سان پرکي هڪ باغي سوچ به اربي ٿو ته جيئن سماج مان اها برائي به لٽي ڇڏجي ۽ ماڻهن ۾ جاڳرتا جو ڪو عنصر بيدار ڪري سگهجي ته جيئن اهي انقلاب روا ۽ چسي سياست کي سمجهي سگهن:

**ٽانگي تان تصوير،**
**لاهه سياستڪار جي،**
**چڏ نعرن کي وير.**

انهن سيني مطالعاتي ۽ مشاهداتي سائنسن مان هڪ نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته ذبيح عباسيءَ وٽ ٻولي، اصلوب، مشاهداتي سائنس ۽ لفظن جي سٽاءَ جا سڀ فن موجود آهن جيڪي هن وقت سر ۽ مناسب مهل پٽاندر ڪتب به آندا آهن. ان ڪري اهي سڀ شاعراڻيون ڪاريگريون ۽ علوم ان ڳالهه جي ساک ٿا ڪٿن ته شاعر اهڙي ئي زبردست ٻولي، نيٽ پٽي، سونهن ۽ سيپتا سان شاعري سجائيندو ۽ سرجيندو رهندو ۽ ڪتابن جي پنيان ڪتاب ڏيندو رهندو.

❋❋❋

# ”جديد سنڌي ڪهاڻي تنقيدي تجزياتي جائزو“




مرتضيٰ ناز

سنڌي

ادب ۾ خليق ٻگهيو هڪ اديب، شاعر ۽ نقاد طور سڃاتو وڃي ٿو، پر سندس ادبي سڃاڻپ جو اهم حوالو تنقيد نگاري آهي. هو سنڌي ادب ڪي تنقيد تي ٻه اهم ڪتاب ڏيئي چڪو آهي. جيتوڻيڪ سندس پهرئين ڪتاب ڪي ايوارڊ پڻ ملي چڪو آهي، پر سندس لکڻيءَ، تنقيدي انداز، مواد توڙي متن جي اعتبار کان سندس تنقيد نگاري اڃان اوسر جي مرحلي مان گذرندي محسوس ٿئي ٿي، جيڪا تنقيدي گرفت، گهرائيءَ، وسعت ۽ مضبوطيءَ طرف سفر ڪري رهي آهي.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي تنقيدي جائزي تي مشتمل سندس نئون ڪتاب ”جديد سنڌي ڪهاڻي تنقيدي تجزياتي جائزو“ سندس تنقيدي شعور جي ارتقاءَ جي ساک پري رهيو آهي، جنهن مان اهو يقين پختو ٿي وڃي ٿو ته هيءُ ڪتاب پڻ موضوع، مواد توڙي تنقيدي اوک ڊوک جي لحاظ کان ايڪيهين صديءَ جي سنڌي ڪهاڻيءَ جي فن ۽ موضوع بابت پنهنجي دور جو اهم ڪتاب ثابت ٿيندو.

پروف ريڊنگ دوران سندس نئين ڪتاب ۾ شامل سمورا تنقيدي مضمون منهنجي نظر مان نڪتل آهن. ڪتاب ۾ شامل سندس تنقيدي مضمونن تي نظر ڪندي، سندس ڪتاب جي باري ۾ هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ اچن ٿيون.




**ڪتاب جو نالو:**

منهنجي ذاتي راءِ آهي ته ڪتاب جو نالو ”جديد سنڌي ڪهاڻي تنقيدي تجزياتي جائزو“ بدران ”ايڪيهين صديءَ جي سنڌي ڪهاڻي: تنقيدي جائزو“ هئڻ گهرجي ها. ڇاڪاڻ ته جديد ڪهاڻي ان کي سڏڻ گهرجي جيڪا پڙهندڙ کي نئين سوچ سان سرشار ڪري، سندس سوچ ۾ نئون تحرڪ ۽ نئون نقطءِ نظر پيدا ڪري. اها نواڻ ڪهاڻيءَ جي موضوع، اڻت، ڪڻت، اسلوب توڙي ان جي مختلف ترڪيبي جزن جي انوکائپ ۽ انفراديت ذريعي پيدا ڪري سگهجي ٿي. ان اعتبار کان هن ڪتاب ۾ جن ڪهاڻين جو تنقيدي جائزو ورتو ويو آهي، توڙي جو انهن ۾ جزوي طور تي جدت جو عنصر ضرور شامل آهي، پر ان جي باوجود، انهن مان اڪثر ڪهاڻين کي ”جديد سنڌي ڪهاڻي“ سڏڻ بدران ايڪيهين صديءَ جي سنڌي ڪهاڻي سڏڻ وڌيڪ موزون آهي. ان ڪري ڪيس اينڊڙ ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ جن ڪهاڻين جي تنقيدي جائزي تي مشتمل مضمون شامل ڪرڻا آهن، انهن ڪهاڻين جي جديد هئڻ تي نظر رکڻ جي صلاح ڏجي ٿي.

**تنقيدي تجزياتي جائزو:**

مان سمجهان ٿو ته تنقيد جو اصطلاح پنهنجي اندر تجزياتي معنيٰ پڻ رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته تنقيد

هڪ قسم جو تجزيو ٿي تہ هوندو آهي، جيڪا پنهنجي اظهار لاءِ تجزياتي نوعيت جو ابلاغ چاهيندي آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهن اسان ”تنقيدي تجزياتي جائزو“ لکون ٿا تہ پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ڪا تنقيد غير تجزياتي بہ هوندي آهي ڇا؟ ان ڪري ”تنقيدي تجزياتي جائزو“ لکڻ بدران فقط ”تنقيدي جائزو“ لکڻ گهرجي، جنهن ۾ اصطلاحي طور تي تجزياتي لفظ جي معنيٰ پهريائين شامل آهي.


**پروف:**

پيارو خليق، هن ڪتاب جا سمورا مضمون هڪ هڪ ڪري پروف ريڊنگ لاءِ مون ڪي موڪليندو رهيو، جيئن تہ ڪيس مضمون ڪنهن نہ ڪنهن مخزن يا رسالي ڪي موڪلڻو هوندو هو، ان ڪري پاڻ چوندو هو تہ رات يا صبح تائين پروف ڏسي موڪلي ڏيو، پر مان زندگيءَ جي مصروفيتن ۽ وقت جي تنگيءَ سبب انهن کي ڏيرج سان ڏسي نہ سگهندو هئس. ڪڏهن ڪنهن سفر دوران يا ڪو مختصر وقت ملڻ تي سندس مضمون جا پروف موبائل تي سيٽ ڪري ڪيس موڪلي ڇڏيندو هئس. ايئن سندس ڪتاب ۾ شامل سمورن مضمونن جا پروف موبائل فون تي چيڪ ٿيل آهن. ان جي باوجود مون کي ڪتاب ۾ 85 سيڪڙو پروف درست نظر آيا آهن. البتہ ڪٿي ڪٿي وسرڳي ه بدران وينجني ه نظر اچي ٿي، جيڪا ڪمپيوٽر ۾ فونٽ جي مسئلي ڪري بہ ٿي سگهي ٿي. مثال ”ماڻهو“ کي ”ماڻهو“ ڪري لکيو ويو آهي. ان ريت ڪٿي ڪٿي غير ضروري لائين اسپيس تہ ڪٿي وري گهربل لائين اسپيس بہ نہ ڏنو ويو آهي. پبلشر کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. ان کان علاوه ڪاما ۽ فل اسٽاپ جي بيهڪ جي نشانين جهڙين ننڍڙين درستگين لاءِ ڪتاب جي مسودي جي فائنل پروف ريڊنگ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڪتاب بابت آيل راين سميت ڪتاب جي مجموعي مواد کي نظر مان ڪڍڻ نهايت ضروري هوندو آهي. ان ڪري پياري خليق کي گذارش آهي تہ تنقيد جهڙي اهم موضوع ۽ مواد وارن ڪتابن جي فائنل پروف ريڊنگ ضرور ڪرائي. ان قسم جي ننڍڙين اوڻاين جي باوجود هيءُ ڪتاب سنڌي تنقيد نگاريءَ ۾ هڪ روشن اميد جو پيش خيمو آهي، جنهن ذريعي سنڌي تنقيد نگاريءَ ۾ نون رجحانن متعارف ڪرائڻ جو ساهس ساريو ويو آهي. ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي مهاڳ هن ڪتاب جي ادبي اهميت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. مهاڳ پڙهڻ سان ڪتاب جا اهم تنقيدي رخ ۽ زاويا نروار ٿي وڃن ٿا. ان کان علاوه ڊاڪٽر ساجده پروين ۽ ٻين ليکارين جا مضمون پڻ ڪتاب جي اهميت ۽ ليکڪ جي شخصيت کي سمجهڻ ۾ ڪارگر محسوس ٿين ٿا. هن ڪتاب جي سڀ کان اهم خوبي اها آهي تہ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي ڪتاب، ”شاهہ لطيف جي شاعري“ ڪانپوءِ هيءُ ڪتاب سنڌي تنقيد نگاريءَ ۾ مغربي تنقيدي اصولن کي لاڳو ڪرڻ جي رجحان طرف ڌيان ڇڪائيندڙ آهي، جنهن ذريعي سنڌي ڪهاڻيءَ جي نئين انداز سان اوک ڊوک ڪري، نت نئون تنقيدي مواد ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جا نوان رخ سامهون آڻڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي وئي آهي، جنهن سان سنڌي ڪهاڻيءَ کان علاوه سنڌي ادب جي مختلف نثري توڙي نظمي صنفن جي نئين انداز سان تنقيدي جائزي وٺڻ جي رجحان کي هٿي ملندي. هن ڪتاب ۾ شامل تنقيدي مضمونن مان اهو احساس پيدا ٿئي ٿو تہ خليق ٻگهيي جي تنقيد نگاريءَ تي اڪيڊمڪ تنقيد نگاريءَ جو اثر وڌيڪ نظر اچي ٿو.

هو جزوي طور تي پنهنجي تنقيدي جائزي ۾ ڪنهن نہ ڪنهن تنقيدي رجحان يا لاڙي ۾ ان رجحان جو ارتقائي پسمنظر ۽ پئراميٽرس بيان ڪري انهن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جو جائزو وٺي نتيجن طرف وڌندي نظر اچي ٿو.

هن ڪتاب جي ٻي اهم خوبي اها آهي تہ هن ڪتاب ذريعي سنڌي ادب ۾ نتيجن جي صورت ۾ جيڪو تنقيدي مواد شامل ڪيو ويو آهي، اهو نہ صرف خليق جي تنقيدي شعور جو ثمر آهي، پر اهو باضابطہ طور تي تنقيدي اصولن جي روشنيءَ ۾ ٺيل چنڊ ڇاڻ جو نتيجو آهي، جنهن ڪري اهو وڌيڪ اعتبار جوڳو ۽ منفرد محسوس ٿئي ٿو. سچ تہ پياري خليق جي هن رياضت ڀرئي تحقيقي ۽ تنقيدي پورهئي کي ڏسي ڪيس دلي داد ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي. مون کي پورو يقين آهي تہ جيڪڏهن هو ايئن ئي ثابت قدم رهيو تہ هڪ ڏينهن سنڌي تنقيد نگاريءَ جي تمام مٿانهين پد تي بيٺل نظر ايندو.

❋❋❋



# لوڪ فنڪاره تاج مستاني



زاهده ابڙو

## همسري

**زاهده ابڙو: اسان ڪي اهو ٻڌايو ته توهان کي مستاني ڇو ٿو چيو وڃي.**

**تاج مستاني:** توهان مون کي اسٽيج تي الائي ڏٺو آهي يا نه. جيڪڏهن ڏٺو هجي ها ته توهان کي اندازو ٿي وڃي ها ته مون کي مستاني ڇو ٿو چيو وڃي. (کلندي).

اهو مون کي لقب مليل آهي، اهڙو نالو ماءُ پيءُ ته ڪونه ڏيندا. اهو ته مست الست کي ئي چئبو سگهجي ٿو. اهو لقب مون کي منهنجي استاد ڏنو يا ايئن ڪٿي چئو ته جتي مون سکيا حاصل ڪئي اتان جي گادي نشينن اهو فيصلو ڪيو.

**زاهده ابڙو: توهان جو استاد ڪير هو؟ اهو لقب ڪهڙي گدي نشين ڏنو؟**

**تاج مستاني:** منهنجو استاد هڪ تمام گهڻي مشهور شخصيت هئي غلام حسين ڪليري صاحب، ردم پليئر به هئا. جلال چانڊيو سان هنن ڪافي وقت گذاريو، تمام سٺا شاعر به هئا. سندس ڪيترائي ڪلام جن ڪي مون ڳايو مون کان پوءِ ڪيترن مشهور فنڪارن اهي ڪلام ڳايا. سندس هڪڙو ڪلام جيڪو مون ڳايو ۽ ڏاڍو مشهور ٿيو ”بي قدرا قدر نه ڪيئي ڙي ڪو“ ان تي آئون سکي به هئس ۽ اها استاد ڪليري صاحب جي شاعري آهي. هو جڏهن اسان کي فتح چوڪ حيدرآباد واري سائيڊ تي هڪڙي درگاهه آهي ”است الله شاهه ڪُن ڏٺي“ اتي وٺي آيا، اتان جا سيد گادي نشين هئا هاڻي ته حيدرآباد ۾ آبادي تمام گهڻي ٿي وئي آهي، ان وقت ۾ اهي صرف ٻنيون ۽ باغ هوندا هئا، زيتونن جو باغ هوندو هو ان ۾ آئون سکيا وٺندي هئس ۽ اتي ريهرسل ڪندي هئس. بک لڳندي هئي ته زيتون پٽي کائي ڇڏيندي هئس. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن نالو چوندڻ جو مرحلو آيو ته پوءِ هنن ٻن ٽن نالن جا ڪُٽا ڪديا ۽ چيائون ته سيد جعفر شاهه کُڻو ٿا ڪيرايون، جيڪي اتان جا گادي نشين هئا، ڪٿي ۾ تاج مستاني نالو آيو، ان سان گڏ ٻه نالا هئا تاج حيدري، تاج سيهواڻي. جيئن ته منهنجو تعلق سيوهڻ سان آهي، هنن ان نگري کي ڏسي به سيهواڻي شامل ڪيو هو.

**زاهده ابڙو: راڳ جي سکيا ڪيتري عمر کان وٺڻ شروع ڪئي؟ ان فيلڊ ۾ ڪيئن آيا.**

**تاج مستاني:** منهنجي عمر ان وقت 14/15 سال هئي، منهنجون پراڻيون رڪارڊنگ پي ٽي وي تي پيل آهن. منهنجي خاندان مون کي پوري سپورٽ ڪئي. بابا امان مون سان گڏ شهر آيا، هنن استاد به منهنجي لاءِ مقرر ڪيو. باقي اهو آهي ته منهنجي خاندان ۾ ڳائڻ جو ڪو رجحان ڪونه هو. باقي هونئن ٻهراڙي ۾ عورتون سهرا لاڏا ڳائي پيون شوق پورا ڪنديون آهن. لوڪ موسيقي پاڻ سنڌين جي خون ۾ شامل آهي. ڳڏجي عورتون ويهي سهرا ۽ لاڏا چونديون آهن، انهن مان ڪنهن ڪنهن جو آواز تمام سٺو هوندو آهي ۽ انهن کي ڪيترائي ماڻهو ان ڳالهه تي آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ته جيڪڏهن هو ڳائين ته ڏاڍو سٺو ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي همت افزائي ڪجي ته ان جي دل به وڌندي آهي.

**زاهده ابڙو: جڏهن توهان مشهور ٿيا ته پوءِ توهان جلال چانڊيو جي اسٽائل کي ڪاپي ڇو ڪيو؟**

**تاج مستاني:** نه آئون ته ان کي جلال چانڊئي جي ڪاپي تسليم نٿي ڪريان. ڇو ته يڪتارو ۽ چپڙي سنڌ جو تمام قديمي ساز آهي. جيئن پاڻ لوڪ گيتن جي ڳالهه ڪئي، تيئن يڪتارو، دنبورو، چپڙي، ٻيا به ڪيترائي سنڌ جا ساز آهن جيڪي وڄايا ويندا هئا. پر يڪتارو ۽ چپڙي گهڻو ڪري جيئن چئون اسان اوتارن، درگاهن ۽ مڪانن تي وڄايا ويندا هئا. انهن جاين تي ٻيا ساز جيڪڏهن اوهان کي نه به ملن تڏهن به هڪ گهڙو ۽ هڪ يڪتارو ضرور ملندو آهي. يڪتارو تمام پراڻو ساز آهي، ان کي ڏول فقير، فقير عبدالغفور، فقير خادم حسين اهي جيڪي به هئا يڪتاري تي ڳائيندا هئا. ان وقت ۾ اڃان جلال چانڊئي جو ته وجود ڪونه هو. پوءِ جڏهن جلال چانڊيو آيو ته هن ان ساز ۾ جدت ضرور آندي ته هن يڪتاري کي رنگيني ڏني ان ۾ جهالرون لڳايون، ان کي سجايو. فقير ته ان کي بلڪل سادي انداز ۾ وڄائيندا هئا، پر ان سادي يڪتاري ۾ به سُر ته ساڳيو هو. اسان جيڪڏهن ماڻهوءَ کي ڏسون ته هڪڙو سادو هجي ۽ ٻيو ٿورو رنگين ڪپڙا پائي ويهي ته فرق ته نظر ايندو. يڪتارو ۽ چپڙي رنگن جي ڪري وڌيڪ نروار ٿيا. هاڻي پاڻ هر وقت اهو ئي ٿا چئون ته ڪوبه فنڪار جلال چانڊئي کان متاثر ٿيو آهي. ايئن به آهي ته جلال چانڊئي کان ڪيترائي فنڪار متاثر ٿيا، ان جا ڪيترائي شاگرد آهن. منهنجي بابا جلال چانڊئي کان به منهنجي ڳائڻ جي سلسلي ۾ راءِ ورتي هئي ۽ ان کي منهنجي استاد ٿيڻ لاءِ درخواست ڪئي، پر هن چيو ته هو مائين کي راڳ ناهي سيکاريندو، پر هن اهو چيو ته آئون





توهان کي هڪڙو ماڻهو ٻڌائيندس توهان ان سان رابطو ڪريو. پوءِ اسان جو رابطو غلام حسين ڪليري سان ڪرايو ويو. ايتري مدد هن بابا جي ڪئي. باقي پنهنجي ثقافت ڪان ته اسان پيدائشي متاثر آهيون. ڇو ته اسان جي ثقافت رنگن سان پرپور آهي ۽ جيڪڏهن ان ڪان متاثر نه ٿيون ته پوءِ سنڌي ڪيئن ٿياسين.

**زاهده ابڙو: هڪ فنڪاره جي طور تي توهان کي ڳائڻ لاءِ روزانو ڪيترو رياض ڪرڻو ٿو پوي؟**

**تاج مستاني:** رياض جو ڪو ڏنگ ڪونهي، نه ان جي ڪا عمر آهي، نه ان جي ڪا حد آهي. اسان جا فنڪار سڄي عمر رياض ڪندي ڪندي هن دنيا ڪان موڪلائي وڃن ٿا. پر اڄڪلهه دور ٿورو تبديل ٿي ويو آهي. آئون پنهنجي ڳالهه ڪنديس، پنهنجي گهر جي ڳالهه ڪنديس ته جڏهن ٻار وڏا ٿا ٿي وڃن ته پوءِ ڇئني پاسن ڪان وقت ڏيڻو ٿو پوي. اوڙي پاڙي جي حساب سان اٿڻو ويهڻو پوندو آهي. اسان جو پاڙو تمام سٺو آهي ۽ ان ڳالهه ڪان مطمئن آهيون. ڪنهن وقت ۾ منهنجي گهر ۾ اسٽوڊيو به هو ۽ ڪئسٽون رڪارڊ ٿينديون هيون. هن وقت جڏهن رياض ڪندي آهيان ته دل ۾ خيال ايندو آهي ته ٻار سُتا پيا آهن انهن جي ننڊ نه خراب ٿئي، هاڻي هيئن نه ٿئي، هاڻي هونئن نه ٿئي. پوءِ ٻاجو ڪٽي ڊرائنگ روم ڏانهن وڃان. جيڪڏهن روزاني جي بنياد تي پروگرام ٿين ٿا ته پوءِ رياض جي گهڻي ضرورت نٿي رهي. ڇو ته اتي مسلسل رياض ٿيندو پيو آهي.

**زاهده ابڙو: هڪ عورت ڳائڪا جي حيثيت سان توهان کي زندگي ۾ ڪي اهڙا چئلينج آيا هوندا جنهن جي ڪري توهان دل شڪسته ٿيا هوندا.**

**تاج مستاني:** نه اهڙا ڪي گهڻا ته ناهن، شروع ۾ ته هر ماڻهوءَ کي ٿورا گهڻا چئلينج برداشت ڪرڻا پون ٿا. اسان جي وقت ۾ ميڊيا ايتري گهڻي متحرڪ ڪونه هئي. ايترا گهڻا چئنل ڪونه هئا، صرف پي ٽي وي هئي ۽ ريڊيو هو، ٿيون هو ته اسٽيج هو. اڄ ته هر ماڻهو پنهنجو چئنل کوليو ويٺو آهي. هاڻي وارن فنڪارن لاءِ ايترريون ڏکائيون ناهن، دنيا هر ڳالهه ۾ ترقي ڪئي آهي ۽ دنيا سان گڏ جيڪڏهن هلڻو آهي ته انهن سيني شين کي به اختيار ڪرڻو آهي. مون کي پنهنجي شروعاتي وقت ۾ اها سپورٽ ملي جو مون ثقافت کاتي جي پليٽ فارم تان شروعات ڪئي، قلندر لعل شهباز جي اسٽيج تان. جڏهن مون راڳ سکيو پئي ته ڪجهه پروگرام ڪيا هئا درگاهن تي ته جيئن پنهنجو پاڻ تي پروسو قائم ٿئي. ان وقت ۾ قلندر شهباز جو ميلو ٽي ڏينهن هلندو هو. ان وقت ۾ باقائدي آڊيشن ٿيندا هئا، منهنجو به آڊيشن ٿيو. ممتاز مرزا صاحب جهڙو ڏکيو ماڻهو آڊيشن ڪري، ان ڳالهه کي آئون هڪڙو وڏو چئلينج تصور ڪريان ٿي. ٻه ڏينهن پهرين ڪيترن ئي وڏن وڏن فنڪارن پرفارم ڪيو، مون به پرفارم ڪيو هو. پر آخري ڏينهن تي وزيراعظم محمد خان جوڻيجو صاحب آيل هو، ان ڏينهن مون کي ممتاز مرزا صاحب چيو، "تاج ٻه ڏينهن توهان پنهنجو ڏاڪو ڄمايو آهي اڄ توهان جو هن اسٽيج تي تعارف به ڪرائيندا سين ته توهان جو تعلق هن ئي شهر سان آهي. ڇو ته ماڻهن کي خبر ڪونهي ته توهان ڪير آهيو، ڪٿان جا آهيو ۽ پيو ته اڄ آئون توهان کي وڏن وڏن ڇپن (فنڪارن) جي وچ ۾ اڇلائيندس." مون هن کي چيو ته سائين توهان مون کي جتي به موڪليندا آئون هلي ويندس. ان وقت مون کي اڃان ايتري آگاهي ڪونه هئي ته ڪهڙي فنڪار جي مٿان ڳائجي، ڪهڙي جي مٿان نه ڳائجي يا ان ۾ ڪير خراب محسوس ڪندو. مون کي اها خبر ڪونه هئي ته ڪنهن سينئر کي ان جي مٿان ڳائڻ برو لڳندو. ان وقت ۾ روبينا حيدري به ڳائيندي هئي اها به ان ميلي ۾ هئي، جلال چانڊيو به هو، آئون به هڪڙي آلي ڀولي نئين ڇوڪري هئس. پهرين ته پروگرام پنهنجي سٽاءُ مطابق هليو جنهن ۾ پهرين روبينا حيدري کي اماڻيو ويو، پوءِ جلال چانڊئي کي موڪليو ويو. جلال چانڊئي جو ته پنهنجو نالو هو ۽ پبلڪ ان جو اهڙو آڌر ڀاءُ ڪيو جهڙو ٿيڻ گهرجي. ٿيو ايئن جو ان جي مٿان مون کي موڪليو ويو. ممتاز مرزا مون کي چيو ته توکي اهڙي ڇپ جي مٿان موڪليندس جو آر يا پار. جلال چانڊئي جو انداز اهو هو جو هو ويهي پرفارم ڪندا هئا. منهنجي انداز ۾ اها جدت هئي جو مون بيهي پرفارم ڪيو، جيڪو پاس ٿيو ويو ۽ اڄ ڏينهن تائين منهنجي مٿان مهر لڳل آهي ته بيهي پرفارم ڪندي آهي. استاد فيروز گل مون کي چيو ته مان بيهي پرفارم ڪريان ۽ چيائين ته تو وٽ فقيري ساز آهي ۽ انهن فقيرن وانگر فقيراڻي انداز ۾ پرفارم ڪيان. مون ايئن ئي پرفارم ڪيو، ماڻهن لاءِ نئين ڳالهه هئي، ماڻهن ان کي تمام گهڻو پسند ڪيو ۽ "ونس مور ونس مور" جا آواز بلند ٿيڻ لڳا، مون کي اسٽيج تان لهڻ نه پيا ڏين. مون پنهنجو ڪلام پورو ڪيو ۽ اسٽيج تان لهي ويس. پوءِ ٿيو ايئن جو ماڻهن ڪنهن ٻئي فنڪار کي اسٽيج تي اچڻ نه پئي ڏنو. پوءِ جوڻيجي صاحب اسان جي سيڪريٽري حميد آخوند صاحب کي اشارو ڪيو ته مون کي ٻيهر اسٽيج تي گهرايو وڃي. پوءِ حميد صاحب مون کي هٿ کان وٺي اسٽيج تي آيا ۽ ماڻهن کي مخاطب ٿي چيائون ته توهان کي هڪڙي مزي جي ڳالهه ٻڌايان ته هيءَ ڇوڪري توهان جي شهر سيوهڻ جي آهي ۽ مزي جي ڳالهه ته هن آڊيٽوريم جي سامهون ئي سندس گهر آهي ۽ هن جو اصل نالو مختيار ناز آهي ۽ چيائون ته مون کي فخر پيو ٿئي ته توهان پنهنجي شهر جي فنڪاره کي ايتري سٺي موٽ ڏني آهي ۽ توهان جي فرمائش تي ٻئي ڪلام جي لاءِ مان ڪيس وٺي آيو آهيان. بهرحال پوءِ اها محفل ايئن ئي ختم ٿي وئي.

**زاهده ابڙو: توهان ٻين شاعرن جي شاعري ڳائي آهي، توهان پاڻ به ڪڏهن شاعري ڪئي آهي يا نه.**

**تاج مستاني:** نه شاعري ته نه ڇئجي، ڪڏهن ڪو لوڪ گيت جهونگاري ورتو پنهنجن لفظن ۾. اڳي ايئن ٿيندو هو جو لوڪ ڪلامن کي اسان جڏهن ريڊيو تي ڳائيندا هئاسين ته پوءِ انهن کي صحيح ڪندا هئاسين، پوءِ آئون چوندي هئس ته هاڻي هنن جي ڊاڪٽري ٿيندي.

**زاهده ابڙو: هڪ فنڪاره جي حيثيت سان ڇا توهان اهو سمجهو ٿا ته سنڌي ڳائڪي ۾ ڪي نوان**

**تجربا ٿيڻ گهرجن يا جيڪا روايتي موسيقي آهي اها ئي ايتري طاقتور آهي جو ان کي ايئن ڪٽي هلجي.**

**تاج مستاني:** مون توهان کي پهرين ئي چيو ته جدت هر شيءِ ۾ اچڻ کپي. جيئن فوڪ ۽ پاپ ميوزڪ کي ملائي ڪري علڻ فقير ۽ محمد علي شهڪي جيڪا هڪڙي نئين شيءِ ڏني ۽ ماڻهن کي تمام وڻي. ايئن جيڪڏهن نواڻ آندي وڃي ته ان ۾ ڪا برائي ناهي. اسان جون پنهنجون شيون آهن جيڪڏهن اسان انهن کي نئين طريقي سان پيش ڪري سگهون ٿا ته ڪرڻ گهرجي، ان جي لاءِ اسان ۾ پاڻ ۾ ايتري صلاحيت هجڻ کپي ته اسين ان کي ڪيئن پيش ڪري سگهون ٿا. ان ۾ ايئن ناهي ته اسان جو بنيادي فريم ختم ٿي ويندو، اهو ته پنهنجي جڳهه تي قائم ۽ دائم آهي. اسان وٽ ڪيترائي فنڪار آهن جيڪي پنهنجي فوڪ انداز ۾ پرفارم ڪندا پيا اچن، پر ان ۾ نواڻ آڻڻ وارو به اهو ئي هوندو جيڪو ان موسيقي کي سمجهي سگهي ٿو. ڪو نئون ماڻهو ته نواڻ نه آڻيندو. آئون پاڻ به نواڻ آڻيندي آهيان مون بيٽي ڳائڻ سان گڏ ويهي به ڳايو آهي ۽ اهڙا پروگرام به ڪيا آهن ون مين شو جنهن ۾ سڄي سڄي رات ست ست ڪلاڪ پرفارم ڪيو آهي. اها به هڪڙي منهنجي لاءِ نواڻ هئي جيڪا اڄ منهنجي سڃاڻپ آهي. ثقافت کاتي وارا اسان کي گڏ پرفارم ڪرائيندا آهن ڪڏهن مون کي ۽ فهيم کي پرفارم ڪرائيندا آهن، ڪڏهن شوڪت کي ۽ مون کي گڏ پرفارم ڪرايو. ٻاهرين ملڪن ۾ ٽائيم جو مسئلو هوندو آهي، مصر ۾ اسان سڀني فنڪارن گڏ پرفارم ڪيو. اتي فرض ڪريو ته هڪڙي صوبي کي ڏهه منٽ مليا آهن ته پوءِ اتي ڊائريڪٽر جو به ڪمال هوندو آهي. ادا حبيب الله ڊائريڪٽر هئا، ان چيو ته هاڻي پاڻ هڪڙي ئي گروپ ۾ سڀني فنڪارن کي گڏ پرفارم ٿا ڪرايون.

**زاهده ابڙو: توهان هينئر مصر جي ڳالهه ڪئي، ٻڌايو ته توهان ڪيترن ملڪن ۾ پرفارم ڪري چڪا آهيو.**

**تاج مستاني:** ملڪ تمام گهڻا آهن ۽ مون کي هر ملڪ ۾ پرفارم ڪرڻ ۾ سٺو لڳو آهي. ڪٿي به مون کي ايئن نه لڳو ته هتي پرفارم ڪرڻ ڪانپوءِ مزو نه آيو هجي، ٻڌندڙن داد نه ڏنو هجي، پر ان جي پيٽ ۾ منهنجو پهرين جرمنيءَ جي دوري وارو تجربو جنهن ۾ مون کي داد مليو ان منهنجي همت کي مضبوط ڪيو ۽ محسوس ٿيو ته ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو ته اسان جي موسيقيءَ مان وڏيڪ لطف اندوز ٿين ٿا ۽ اهي اسان جي ردم، اسٽائل ۽ بيٽ کي پسند ڪن ٿا. اتي به ماڻهو اسان جي موسيقيءَ تي مست ٿيو وڃن، اهي ته اسان جي ٻولي نٿا سمجهن، پر هو بيٽ کي محسوس ڪن ٿا.

**زاهده ابڙو: توهان جي ذاتي زندگي ۽ فنڪاراڻي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪو ٽڪراءُ ٿيو هجي، هڪ ماءُ جو، هڪ فنڪاره جو يا هڪ زال جو ۽ هڪ فنڪاره جو.**

**تاج مستاني:** بلڪل نه ٿيندو آهي، مون کي ڪڏهن اهو محسوس نه ٿيو آهي. ڏسو اهو آئون پنهنجي ذات تي پئي ڳالهايان. توهان کي ٻڌايان ته آئون پنهنجي ڇهن مهينن جي ٻار کي ڇڏي به ٻاهرين ٽوئر تي وئي آهيان. منهنجو گهر وارن واپسي تي سٺو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ هميشه منهنجو ساٿ ڏنو.

**زاهده ابڙو: توهان هڪ فنڪاره آهيو ۽ توهان جو مڙس به ريڊيو سان وابسته آهي ڪڏهن توهان کي هڪٻئي جي لاءِ ڪو حسد محسوس ٿيو آهي.**

**تاج مستاني:** نه بلڪل به نه آئون ته ڪڏهن اهو ذڪر به ناهيان ڪندي. هر ماڻهو جي الڳ فيلڊ آهي، اهو چاهي منهنجو مڙس هجي يا اولاد مان ڪو هجي. جيڪڏهن منهنجي ئي فيلڊ مان ڪو گهر جو فرد فالوو ڪري ته ان تي آئون ڪجهه ڪڇي سگهان ٿي، پر ٻي ڪنهن فيلڊ تي آئون ڪجهه نٿي چئي سگهان. ها شهرت تي توهان کي ٿورو گهڻو مان ٿيندو آهي چاهي اهو فيملي مان ڪنهن کي به ملي.

**زاهده ابڙو: توهان نوجوان ڇوڪرين کي سکيا ڏيڻ لاءِ ڪو پروگرام سوچيو آهي.**

**تاج مستاني:** مون کي مهراڻ آرٽس ڪائونسل ۾ ثقافت کاتي هڪ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪئي هئي. ٿيندو ايئن آهي جو اهڙن معاملن ۾ ماڻهو زور لڳرائي اهڙيون جايون وٺندا آهن. مون اهڙي  ڪا گهر ڪونه ڪئي هئي، آئون هڪ دفعو مهمان جي طور اتي وئي هئس ته هنن مون کي اتي ٽيچنگ جي آفر ڪئي هئي، پر منهنجا ٻار ننڍڙا هئا ان ڪري مون اها آڇ قبول نه ڪئي.

**زاهده ابڙو: هن ڳائڪي جي ميدان ۾ جيڪي نيون فنڪارائون اچن ٿيون توهان انهن کي ڪو پيغام ڏيڻ چاهيندوَ؟**

**تاج مستاني:** آئون ته اهو ئي چوندس ته بابا پنهنجو پاڻ کي اهڙو تيار ڪري پچائي اچو ۽ پنهنجي فن تي ايترو عبور حاصل ڪريو جو اڳيون ماڻهو توهان کي پاڻ سڏي. جيئن مون توهان کي ٻڌايو ته سيوهڻ جي اسٽيج تي پرفارم ڪرڻ ڪانپوءِ مون کي ڪوريج ملي ۽ مون کي چئنلن پاڻ سڏيو، پي ٽي وارن پاڻ سڏيو، ريڊيو وارن پاڻ گهرايو. مون ڪا سفارش ڪونه لڳرائي. منهنجي اها ئي صلاح آهي ته اهي فنڪارائون ايترو تيار ٿين جو انهن کي ادارا پاڻ سڏرائين.

❊❊❊





امين مالوف

ناول- قسط تيرهين

# سمرقند

ترجمو: زاهده ابڙو

## ان ڏينهن

خيام ۾ نہ وڏيڪ غور ڪرڻ جي سگهہ رهي هئي ۽ نہ وري ماپ تور يا قدر جو اڳهہ لڳائڻ جي- ديوان مان نڪري هو بازار جي سوڙهين گهٽين ۾ گم ٿي ويو ماڻهن ۽ چوپائي مال جي ٿاهيل پيرن جي نشانن تان ٿيندو پلستر ٿيل محرابي ڇتين جي هيٺان مسالن جي انبارن وچان رستو ٺاهيندو اڳتي وڌندو ويو- هر قدم تي گهٽي اونداهي ٿيندي ٿي وئي ۽ ماڻهن جو انبوهہ سست رفتاريءَ سان حرڪت ڪندو ۽ ٻڻ ٻڻ ڪندي ٿي لڳو وڪرو ڪندڙ ۽ خريد ڪندڙ ٻئي نقاب پوش اداڪار ۽ نندڍ ۾ هلڻ واري ڪيفيت ۾ رقص ڪندڙ لڳي رهيا هئا- عمر ڪڏهن ساڄي پاسي تہ ڪڏهن کاٻي پاسي جاچي جوچي اڳيان وڌي رهيو هو. ڪيس ان ڳالهہ جو ڊپ هو تہ ڪٿي ڪري نہ پوي يا بيهوش نہ ٿي وڃي، پوءِ هو هڪدم هڪ ننڍڙي چوڪ تي پهتو جتي ڏاڍي تيز روشني هئي جڻ چوڪ کي ڪنهن روشنيءَ سان وهنجاري ڇڏيو هجي، جڻ جهنگ جو اهو ٽڪرو جتان وڻ ڪٽي صاف ڪيو ويو هجي- بي رحم سج تمام گهڻي گرمي ڪنيو مٿان چمڪي رهيو هو- هن چيلهہ سڌي ڪري ساهہ ڪنيو- ڪيس ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڪيس هڪ بهشت عطا ڪيو پيو وڃي جيڪو هڪڙي خوفناڪ دوزخ جهڙي جاءِ سان ٻڌل هجي- هو ڪيئن ها چوي، هو نہ ڪيئن ڪري- هو وزيراعليٰ جي آمهون سامهون ڪيئن اچي يا پنهنجي عزت بچائيندي شهر ڪيئن ڇڏي؟


سندس کاٻي هٿ تي هڪ مئخاني جو اڌ دروازو واڙيل هو- هن ان کي ڌڪو ڏنو چاڙهين تي ريتي پڪڙيل هئي هيٺ لهي هو هڪ اهڙي ڪمري ۾ پهتو جتي هلڪي روشني هئي، ڪمري جي ڇت ڪافي هيٺ هئي، فرش لچڪڻو ۽ آلي مٽيءَ جو لڳي رهيو هو. بينچون اُڙيل ۽ ميزون ميريون نظر ٿي آيون- هن قم جو هڪ ڦڪو شراب گهرايو اهو ڪيس هڪ نقش و نگار واري ظرف ۾ پيش ڪيو ويو- اکيون بند ڪري دير تائين ان جي مهڪ پنهنجي اندر ۾ اوتيندو رهيو-

امروز کہ نوبت جواني من است
مي نوشم کہ از آنکہ کامراني من است
عيبم مکنيد گرچہ تلخ است خوش است
تلخ است، از آنکہ زندگاني من است-
(خيام)

اوچتو ئي ڪيس خيال آيو تہ هن کي پنهنجي خمار آلود نفس لاءِ هن ڪرپ جهڙي جاءِ تي اڇڻو پيو. اتي خيال سندس منتظر هو. ان ميز تي چوٿون جام نڙيءَ کان هيٺ لاهڻ وقت- هن پئسا ڏنا ۽ چڱي خاصي بخشش ڇڏي ٻيهر ٻاهر نڪري آيو رات ٿي وئي هئي، چوڪ سنسان لڳو پيو هو ۽ بازارن ۾ ڪلڻ واري هر گهٽيءَ جو منهن هڪ ڳري دروازي سان بند ڪيو ويو هو ايئن عمر کي پنهنجي سرائي تائين پهچڻ لاءِ ڊگهو چڪر ڪاٽڻو پيو-

عمر بانبڙا پائيندي پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو ڏٺائين تہ حسن ستل هو ۽ سندس چهري تي سختي ۽ تڪليف جا آثار نمايان هئا- عمر گهڻي دير تائين سندس چهري کي تڪيندو رهيو- هزارين سوال سندس ذهن ۾ اپريا. پر هن ڪنهن بہ سوال جي جواب جي جستجو ڪرڻ کان بنا انهن کي نظر انداز ڪيو- هو فيصلو ڪري چڪو هو ۽ اهو فيصلو اٽل هو-

عام طور تي ڪتابن ۾ هڪ روايت نقل ٿيل آهي- هن ۾ ٽن دوستن جو ذڪر ٿيل آهي، ٽي ايراني جن مان هرهڪ هڪ هزار سالن تائين پنهنجو نشان ڇڏي ويو آهي: عمر خيام جنهن دنيا جو مشاهدو ڪيو. نظام الملڪ جنهن ان تي حڪومت ڪئي ۽ حسن صباح جنهن ان کي دهشت ۾ مبتلا ڪيو- چيو وڃي ٿو تہ اهي ٽيئي نيشاپور ۾ گڏ پڙهيا هئا، اهو ان لاءِ سچ ناهي ڇو تہ نظام عمر جي لحاظ کان خيام کان ٽيهہ سال وڏو هو. ۽ حسن پنهنجي تعليم ”ري“ مان حاصل ڪئي هئي،



۽ شايد ٿوري گهڻي قم مان، پر يقينن نيشاپور مان ته نه-
ڇا ان جي صداقت سمر قند جي خطن مان حاصل ٿئي ٿي؟ انهن جي حاشين تي جيڪي واقعا درج آهن انهن ۾ زور ڏيئي چيو ويو آهي ته پهريون پيرو تنهي جي ملاقات اصفهان ۾ ٿي، وزيراعليٰ جي ديوان ۾، عمر جي چوڻ تي- جيڪو قضا جي چوڻ تي ڪنهن نا تجربيڪار پيروڪار وانگر عمل ٿي ڪيو-
نظام محل جي هڪ ننڍي ڪمري ۾ اڪيلائي اختيار ڪري ڇڏي هئي ۽ سندس چئني طرفن کان ڪاڳر پکڙيل هئا- دروازي تي عمر جو چهرو ڏسندي ئي اندازو ڪيائين ته سندس جواب نه ۾ هوندو-
”ته توکي منهنجن منصوبن ۾ ڪابه دلچسپي ناهي-“
خيام جواب ڏنو ٿوري شرمندگي، پر مضبوطيءَ سان:
”اوهان جا خواب ڏاڍا حوصلو ڏيندڙ آهن ۽ اميد ٿو ڪريان ته اهي تعبير به ماڻيندا، پر جهڙيءَ ريت اوهان انهن ۾ منهنجي شرڪت چاهيو ٿا، اها ممڪن ناهي- جڏهن معاملو رازن جو هجي ۽ ان جي فاش ڪرڻ وارن جو ته منهنجون همدرديون راز وارن سان گڏ هونديون- پهريون پيرو جڏهن ڪو جاسوس مون سان ڪنهن جو راز ونڊڻ ايندو ۽ خبر ڪڍي ايندو ته مان ان کي خاموش رهڻ جو حڪم ڏيندس، چوندوسانس ته اهو منهنجو مٿي جو سور نه آهي، مان ته مٿس پنهنجي گهر اچڻ تي بندش لڳائي ڇڏيندس ماڻهن ۽ شين بابت منهنجي تجسس جو اظهار ٿورو ٻئي انداز ۾ هوندو آهي-“
”مان تنهنجي فيصلي جو احترام ٿو ڪريان ۽ ان ڳالهه کي سلطنت لاءِ اجايو نٿو سمجهان ته ڪجهه ماڻهو مڪمل طور تي پنهنجو پاڻ کي علم لاءِ وقف ڪري ڇڏين- ظاهر آهي، هر اها شيءِ جنهن جو مون تو سان واعدو ڪيو آهي ان جي باوجود به توکي ملندي رهندي- زر جو ساليانو مقدار رهائشگاهه، ۽ رصدگاهه- جيڪو مون پنهنجي مرضيءَ سان ڏنو هجي ڪڏهن واپس ناهيان وٺندو، جيڪڏهن تون مون سان ويجهو ٿي ڪم ۾ شريڪ ٿين ها ته راحت محسوس ٿئي ها، پر منهنجي لاءِ اها ڳالهه به تسلي جوڳي آهي ته تاريخ لکڻ وارا تاريخ ۾ اهو درج ڪندا ته عمر خيام نظام الملڪ جي عهد ۾ هو ۽ ان جي تعظيم ٿي ڪيس خراب موسمن کان پناهه ڏني وئي ۽ هن وزيراعليٰ کي بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي نه چوڻ جو خطرو ڪنيو-“
”مان نٿو سمجهي سگهان ته اوهان جي ان اعليٰ ظرفي جي شايان شان مان ان جو ٿورو ڪيئن مڃي سگهان ٿو-“
ايترو چئي عمر خاموش ٿي ويو- گهبرائيندي پنهنجي ڳالهه جاري رکيائين:
”شايد جيڪڏهن مان هڪ شخص کي جنهن سان تازو ئي ملاقات ٿي آهي اوهان جي سامهون پيش ڪريان ته ان سان منهنجي انڪار کي اوهان آسانيءَ سان فراموش ڪري سگهو ٿا- هيءُ هڪ بيحد ذهين ۽ داناءُ ماڻهو آهي سندس غير معمولي علم ۽ نهايت اعليٰ ذهني صلاحيتون ماڻهوءَ کي صفا بيوس ۽ لاچار ڪريو ڇڏين- ”صاحب اخبار“ جي عهدي لاءِ بيحد مناسب، ۽ مون کي اميد آهي ته اوهان جو منصوبو سندس لاءِ پڻ سرور جو سبب بڻبو - هن منهنجي اڳيان اهو اعتراف ڪيو آهي ته هو ”ري“ کان اصفهان ان پڪي يقين سان آيو آهي ته اوهان ڪيس ملازمت ڏيئي سگهندا-“
”ڏاڍو مضبوط ارادي وارو ماڻهو آهي!“ نظام ڏندن جي وچ ۾ ڪجهه ٻڙ ٻڙ ڪئي- ”اها آهي منهنجي تقدير- جڏهن به اعتماد جوڳو ماڻهو ملندو آهي ته حوصلو نه سهي سگهندو آهي ۽ اقتدار جي ذريعن کي حقير سمجهندو آهي، ۽ جڏهن ڪو ماڻهو جهٽ ۾ منهنجو پيش ڪيل عهدو قبول ڪندو آهي ته ان جي جلد بازي مون کي پريشان ڪري ڇڏيندي آهي-“ سندس چهري تي پريشانيءَ جا آثار نظر آيا-
”اهو ماڻهو ڪهڙي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو؟“
”حسن، ابن علي صباح- پر مان اوهان کي اڳواٽ ئي ٻڌائي ڇڏيان ته هو قم ۾ ڄائو هو-“
”هڪ شيعو داعي؟ خير اها ڳالهه منهنجي لاءِ پريشانيءَ واري ناهي جيتوڻيڪ آئون سيني انڪار ڪرڻ وارن ۽ دهرين جو دشمن آهيان- منهنجا ڪجهه اعليٰ درجي جا صلاحڪار شيعه آهن منهنجا بهترين سپاهي آرميني ۽ منهنجي خزاني جا رکوالا يهودي آهن، پر ان جو اهو مطلب ناهي ته مان انهن تي ڀروسو نه ڪريان ۽ انهن کي پنهنجي امان ۾ نه رکان- رڳو اسماعيلي اهڙا آهن جن تي مون کي ڪو ڀروسو ڪونهي- مون کي اها اميد ڪونهي ته تنهنجو دوست ان فرقي سان تعلق رکندو هوندو-“
”مون کي ان جي باري ۾ خبر ناهي- بهرحال حسن مون سان گڏ آيل آهي- ٻاهر انتظار ڪري رهيو آهي - جيڪڏهن اوهان اجازت ڏيو ته سڏي وٺانس، پوءِ ڪانئس پڇي وٺو-“
ڪجهه گهڙين جي لاءِ عمر غائب ٿي ويو ۽ پنهنجي دوست سان گڏ واپس آيو، جيڪو ڏاڍو مطمئن ۽ بي خوف نظر اچي رهيو هو ان جي باوجود، خيام ڏسي رهيو هو ته حسن جي ڏاڙهي جا ٻه حصا ڦڙڪي رهيا هئا-
”مان حسن صباح کي پيش ٿو ڪريان ايتري گهڻي سختيءَ سان ٻڌل دستار ايتري گهڻي علم واري اڳ ۾ ڪڏهن ناهي رهي-“
نظام مرڪيو
”مان ته هتي عالمن جي گهيري ۾ اچي ويو آهيان- ڇا اها چواڻي ناهي ته جنهن امير جو اٿڻ ويهڻ عالمن وچ ۾ هجي اهو بهترين امير هوندو آهي؟“
حسن حاضر جوابيءَ مان چيو:
”۽ اهو به چيو ويندو آهي ته جيڪو عالم اميرن جي وچ ۾ اٿندو ويهندو آهي ان کان وڌيڪ بدتر ڪو عالم ناهي هوندو-“
هڪ اوچتي ٺٺول جهڙي مرڪ ٻنهي کي هڪٻئي جي ويجهو وٺي آئي نظام جي چهري تي پريشاني ۽ ناپسنديدگي نمايان ٿيڻ لڳي- هن جي خواهش هئي ته اهو چوٽين جو نه ختم ٿيڻ وارو سلسلو جيڪو ايرانين جي گفتگو جو شروعاتي حصو هوندو آهي اهو بند ٿئي ته هو حسن کي صاف ٻڌائي سگهي ته هن کي ڪانئس ڇا گهرجي- عجيب ڳالهه اها هئي جو پهرين ئي جملن ۾ ٻنهي جو ٽڪراءُ ٿي پيو عمر لاءِ اهو ئي مناسب هو ته هو اتان کسڪي وڃي-
۽ ايئن حسن صباح تڪڙو ئي وزيراعليٰ جو اهم صلاحڪار بڻجي ويو، هو مخبري ڪرڻ وارن جي هڪ نهايت ئي مضبوط ۽ ڪنن تنظيم قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جيڪي سوداگرن، درويشن ۽ حاجين جي ويس ۾ سلجوقي سلطنت جي چپي چپي تي هڪ ڄار وانگر پکڙجي ويا تان جو ڪو محل، گهر يا بازار انهن جي سماعت جي دائري کان ٻاهر نه رهيو- سازشون، افواهون ۽ ڪوڙ گهڙڻ وارن سيني جو حساب ڪتاب درج ٿيڻ لڳو تمام محتاط ۽ عبرت جهڙي انداز ۾ انهن کي ظاهر ڪيو ٿي ويو ۽ ٿيڻ کان روڪيو ٿي ويو-
”شروع شروع ۾ نظام جي خوشيءَ جي انتها نه رهي ته هيءَ هيبتناڪ مشينري سندس قابوءَ ۾ هئي سلطان شروع ۾ ان معاملي ۾ ڏاڍو محتاط رهڻ لڳو، هاڻي ڪنهن قدر اطمينان جو اظهار ڪيائين ڇا سندس پيءُ الپ ارسلان ڪيس اهو مشورو نه ڏنو هو ته ان قسم جي سياست کان باز رهي؟“ ”جڏهن تو هر طرف جاسوس لڳائي ڇڏيا هجن“، هن تنبيهه ڪئي هئس، ”ته تنهنجا حقيقي سڄڻ محتاط نه رهندا ڇو ته انهن کي خبر آهي ته اهي تنهنجا وفادار آهن- پر جيڪي وڏا پاپي آهن اهي موقعي جي تاڙ ۾ رهندا- اهي جاسوسن جي مٺ گرم ڪندا آهستي آهستي توکي اهي خبرون رسايون ويندون جيڪي تنهنجي سچن دوستن ۽ سڄڻن جي خلاف هونديون ۽ تنهنجي دشمنن جي حق ۾ هونديون چڱائي يا برائي جو لفظ تير جهڙو هوندو آهي جڏهن هڪ ئي وقت گهڻا تير هلايا ويندا آهن ته اهي هميشه هڪڙي ئي نشاني تي لڳندا آهن تڏهن تنهنجي دل پنهنجن خير خواهن لاءِ سخت ٿي ويندي، مڪار ۽ مجرماڻي ذهنيت وارا ماڻهو تنهنجي پر ۾ اچي ويهندا، ان وقت تنهنجي اقتدار ۾ ڇا وڃي بچندو؟“
بس حرم جي هڪ عورت کي ڪنهن کي زهر ڏيندي پڪڙجڻ جي دير هئي جنهن سلطان کي پنهنجي جاسوسن جي سربراهه جي افاديت تي وڌيڪ شڪ ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هو سندس خاص رازدان بڻجي ويو- ان جي باوجود نظام کي حسن ۽ ملڪ شاهه ۾ وڌندڙ دوستيءَ کان حقارت پئي ايندي هئي- ٻئي ڄڻا نوجوان هئا، ۽ هو وڏي عمر جو، وزير جي خرچ تي ڏاڍي مزي سان هڪٻئي سان ويهي گپ شپ ڪندا هئا، خاص طور جمعي جي ڏينهن، يعني ”شولن“ جي ڏينهن جڏهن سلطان پنهنجي درٻارين کي ريت موجب دعوت ڏيندو هو-



دعوت جو شروعاتي حصو ڏاڍو پر تڪلف ۽ بيحد رسمي هوندو هو- نظام جي نشست ملڪ شاهه جي ساڄي پاسي هوندي هئي- انهن جي چوگرد اديبن ۽ دانشورن جو گهيرو هوندو هو ۽ هندي، يمني ۽ سيوف جي تقابلي وصفن کان وٺي ارسطو جي مختلف تحريرن تائين ڪيترن ئي مختلف موضوعن تي بحث مباحثا ٿي ٿيا ان قسم جي فقري بازي ۽ نشتر زني کي سلطان نظر انداز ڪري پنهنجي شوق جو اظهار ٿي ڪيو ۽ پوءِ محفل جي رونق ۽ آب و تاب ڦڪي ٿيڻ شروع ٿي ٿِي ۽ سندس نگاهن ۾ بي اطمناني محسوس ٿي ڪئي وئي- وزير سمجهي ٿي ويو تہ هاڻي موڪلائڻ گهرجي- ٿنيان ٿنيان معزز مهمانن بہ موڪلائڻ شروع ٿي ڪيو انهن جي ويندي ئي موسيقار ۽ رقاصائون اچي ٿي ويون خالص شراب جون گهگهيون جهڪيون ٿي ۽ ڪائڻ پيارڻ جو دور- جيڪو ضبط ۾ رهي سگهيو ٿي ۽ جيڪو بي قابو ۽ بدمست ٿي سگهيو ٿي ان جو انحصار بہ شاهه جي مزاج تي هو- فجر تائين جاري رهيو ٿي- بربط، عود يا تار جي ٻن ٽن سُرن سان نغمہ سرا پنهنجي محبوب موضوع- يعني نظام الملڪ- تي ڪجهہ اوچتو ئي اوچتو جهونگاريندي- سلطان، جيڪو پنهنجي وزيراعليٰ کانسواءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ جي اهل ڪونہ هو، وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي پنهنجو انتقام ٿي ورتو- هڪ ڏينهن هو ”پنهنجي پيءُ“ تي وار ڪري ئي رهندو، ان لاءِ بس ان جي ٻاراڻي جنوني ڪيفيت تي هڪ نظر وجهڻ ڪافي هو-

حسن بادشاهه جي وزير سان رنجش جي هر علامت کي شهہ ڏيڻ لاءِ موقعي جي تلاش ۾ هو- وزير کي آخر پنهنجي ڪهڙي ڳالهہ تي ناز هو؟ پنهنجي فراصت، پنهنجو علم؟ پر حسن انهن ٻنهي خوبين کي آڱرين سان اڏائي سگهي ٿو- تخت ۽ سلطنت جي دفاع ۾ وزير جي اهليت؟ پر حسن ڏاڍو جلد ئي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هو پاڻ بہ اوترو ئي اهل آهي- وزير جي وفاداري؟ پر وفاداري جي اظهار کان ٻي ڪهڙي شيءِ وڌيڪ سولي آهي، جيڪا بهرحال ڪوڙ ڳالهائڻ وارن جي چپن تي سڀ کان وڌيڪ سونهين ٿي-

اها ڳالهہ اهم هئي تہ حسن کي ملڪ شاهہ جي مثالي حرص کي پالڻ جو فن آيو ٿي- هو مستقل وزير جي خرچن بابت ٿي ڳالهايو، ۽ وزير ۽ ان جي عهديدارن جي نئين نئين پوشاڪن ڏانهن ڏيان ٿي ڇڪرايو- نظام اقتدار ۽ ان جي ضروري ساز و سامان جو شوقين هو، پر حسن صرف اقتدار جو خواهشمند هو ۽ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ هر ڪٺنائيءَ کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار هو-

جڏهن کيس يقين ٿي ويو تہ ملڪ شاهہ هاڻي سندس وس اندر اچي ويو آهي ۽ پنهنجي خاص جاسوسي واري منتظر تي مهلڪ وار ڪرڻ لاءِ تيار آهي، ان لاءِ حسن هن کي موقعو فراهم ڪيو- اهو شاهي تخت واري ڪمري ۾ آچر ڏينهن پيش آيو- سلطان ٻنپهرن جي وقت شديد قسم جي مٿي جي سور ۾ مبتلا ٿي پيو- سندس مزاج حد کان وڌيڪ چڙچڙو هو ۽ جڏهن کيس اها خبر ملي تہ سٺ هزار سونا دينار وزير جي آرميني حفاظتي دستي جي سپاهين ۾ تازو ورهايا ويا آهن تہ ڪاوڙجي پيو- ضرور اهو اطلاع کيس حسن ۽ ان جي جاسوسن واري تنظيم جي وسيلي ئي پهتو هوندو- نظام ڏاڍي صبر ۽ حوصلي سان اها وضاحت ڪئي تہ بغاوت جي ننڍي کان ننڍي خدشي کي اپڙڻ کان اڳ ئي ختم ڪرڻ لاءِ کيس فوجن کي اهو سڀ ڪجهہ ڏيڻ ضروري هو، جيڪڏهن اهي بغاوت تي لهي اچن ها تہ حڪومت کي ان کان ڏهوڻي رقم خرچ ڪرڻي پوي ها- ”مٿيون ٻري ٻري سون لٽائڻ جو مطلب اهو هو، ملڪ شاهہ ڪاوڙ مان جواب ڏنو تہ جيئن آخر ۾ حڪومت وٽ پگهار ڏيڻ لاءِ پئسا ئي نہ بچن ۽ نتيجي ۾ واقعي بغاوتون شروع ٿي وڃن- هڪ داناءُ حڪومت لاءِ اها ڄاڻ رکڻ ضروري ناهي تہ سون کي مشڪل گهڙين لاءِ ڪيئن محفوظ رکيو ويندو آهي؟“

نظام جي ٻارنهن پٽن مان هڪ، جيڪو ان وقت اتي موجود هو مداخلت ڪرڻ کي بهتر سمجهو:

”اسلام جي شروعاتي دور ۾ جڏهن خليفي عمر جي مٿان ان سڄي سون کي خرچ ڪرڻ جو الزام لڳايو ويو جيڪو فتحن جي دوران جمع ٿيو هو، تہ عمر پنهنجي مٿان تنقيد ڪرڻ وارن کان پڇيو: ڇا هي سون اسان جي مٿان ان قادر مطلق جي فياضي ناهي؟ جيڪڏهن اوهان کي ان ڳالهہ جو يقين آهي تہ هو توهان تي اهڙي فياضي ٻيهر نہ ڪندو تہ پوءِ بلڪل ان کي خرچ نہ ڪريو- باقي مون کي، تہ خالق جي لا محدود فياضيءَ تي يقين آهي ۽ پنهنجي خزاني ۾ هڪ سڪو بہ باقي نہ بچائيندس جنهن سان مسلمانن جي ڀلائي تي خرچ ڪري سگهان ٿو-“ بهرحال ملڪ شاهہ ان مثال کي پڪڙڻ جي ڪوشش نہ ڪئي- هو هڪ خيال تي غور ڪري رهيو هو جنهن جي وصفن تي حسن کيس قائل ڪري ڇڏيو هو- هن حڪم ڏنو:

”مان مطالبو ٿو ڪريان تہ منهنجي خزاني ۾ وڃڻ واري هر شيءِ جو تفصيلي خلاصو پيش ڪيو وڃي ۽ هر خرچ جو ٺيڪ ٺيڪ حساب ڪتاب- اهو سڀ ڪيستائين حاضر ٿي سگهي ٿو؟“

نظام تہ ڄڻ ڇتجي ويو-

”مان اهو خلاصو فراهم ڪري سگهان ٿو، پر ڪجهہ وقت گهرجي“

”خواجہ ڪيترو وقت؟“

هن ”آتا“ نہ پر ”خواجہ“ چيو جيڪو پڻ ڏاڍو معزز خطاب هو، پر موجوده شين جي ذمري ۾ ڏنو وڃي تہ اها چڱي خاصي رسوائيءَ جي پيشنگوئي معلوم ٿي رهي هئي-

نظام ڏاڍي پريشاني ۾ تشريح ڪئي:

”هڪ ايلچي کي هر امير ڏانهن موڪلڻو پوندو تہ جيئن تفصيل سان حساب تيار ٿي سگهي- خدا جي فضل سان سلطنت تمام وسيع آهي ان لاءِ ان سڄي ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ بہ سال گهرجن“


ان جي باوجود حسن اڳتي وڌي نهايت اطمينان سان چيو:

”مان پنهنجي آقا سان واعدو ٿو ڪريان تہ جيڪڏهن مون کي ضروري وسيلا مهيا ڪيا وڃن ۽ حڪم جاري ڪيو وڃي تہ ديوان جا سڄا ڪاغذ منهنجي قبضي ۾ ڏنا وڃن تہ مان ان سڄي قصي کي چاليهن ڏينهن اندر مڪمل ڪري پيش ڪري سگهان ٿو-“

جواب ۾ وزير ڪجهہ چوڻ چاهيو ٿي پر شاهہ اٿي چڪو هو، هن دروازي ڏانهن وڌندي بلند آواز ۾ چيو: ”ٺيڪ آهي حسن کي ديوان تي فائز ڪيو وڃي- سڄو محڪمو سندس حڪم جو تابع هوندو ۽ سندس اجازت کان بغير ڪير اندر داخل نہ ٿيندو- چاليهن ڏينهن کانپوءِ مان ان معاملي جو فيصلو ڪندس.“

...(هلندڙ)...





# ڊائري جا ورق

ڀون سنڌي

## جڏهن

بحث مباحثي ۾ آئون هن سان متفق نہ ٿيندو آهيان تہ هو مون کي منفي سوچ جو ماڻهو سڏيندو آهي.

جڏهن ڪو توهان کي منفي سوچ جو ماڻهو سمجهڻ لڳي تہ پڪ ڄاڻو توهان مثبت سوچ جا ماڻهو آهيو.

***

ڪنهن پڇيو: تون ڪارونجهر گهمڻ وئين، ڇا محسوس ڪيئي؟ مون وراڻيو: ”خوبصورتي جيڪا غربت ۾ دفن ٿيل آهي.“

***

ڪنهن پڇيو تہ ماڻهو جڏهن تہ هن دنيا ۾ ٿورڙي عرصي لاءِ آيو آهي، ڀلا پوءِ ايڏيون ڊگهيون منصوبا بنديون ڇو ٿو ڪري؟

مون وراڻيو: بيشڪ ماڻهو هن دنيا ۾ ٿورڙو وقت رهي ٿو، پر هن کي سدائين زندگيءَ ۾ يقين رهيو آهي ۽ هن موت کي ڪڏهن بہ ذهني طور قبول نہ ڪيو آهي. تڏهن تہ هو مستقبل لاءِ سوچي ٿو ۽ ڊگهيون منصوبا بنديون ڪري ٿو.

***

فقط ماضي جي ورثي جي بنياد تي پنهنجي عظمت تي فخر ڪرڻ صحيح ناهي. فخر لائق اها ڳالهہ هئڻ گهرجي تہ اسين حال ۾ ڇا آهيون!

***

مون هن کي سدائين مختلف فنڪشنس جهڙوڪ: ڪنهن شخصيت جو جنم ڏڻ، ورسي، ڪتاب جي مهورت وغيره ۾ پابندي سان شريڪ ٿيندي ڏٺو آهي.

هڪ ڏينهن مون هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ چيم، ”اها سٺي ڳالهہ آهي تہ تون ادبي ۽ سماجي پروگرامن ۾ شرڪت ڪرين ٿو، پر ڇا تو هڪ ڀيرو بہ ان تي سوچيو آهي تہ تون بہ انهن شخصيتن جيان تاريخ جي صفحن ۾ ياد ڪيو وڃين، بشرطيڪ جي تون پاڻ کي تبديل ڪرين!“

***

ٿر ۾ هڪ راجپوتن جي سردار جي مرڻ ڪانپوءِ ان جي پٽ کي گادي عطا ڪئي وئي. هن کي راجپوتن جي روايتي تلوار ڏني وئي جنهن تي هن قسم کنيو تہ هو راجپوتن جي حفاظت ڪندو..

هن جديد دور ۾ جتي ڪلاشنڪوف ۽ ٻيا جديد هٿيار موجود هجن، اتي تلوار سان ڪهڙو بچاءُ ڪري سگهبو؟ وقت بدلجي ويو آهي، پر اسان پنهنجا روايتي انداز (Traditions) ناهن بدلايا ۽ شايد اهي ئي انداز جن کي اسان پنهنجو ورثو ڪوٺيون ٿا ۽ فخر بہ ڪريون ٿا هڪ ڏينهن اسان کي ڳُهي ويندا.

***

هڪ بيوقوف ئي پاڻ کي مڪمل انسان سمجهندو آهي، انهيءَ ڪري هو سڄي عمر بيوقوف ئي رهندو آهي.

جڏهن تہ هڪ جينيس پاڻ کي نا مڪمل، انهيءَ ڪري هو مڪمل ٿيڻ لاءِ ڄاڻ جي دنيا ۾ نڪري پوندو آهي ۽ هڪ ڏينهن پاڻ کي مڪمل ڪري وٺندو آهي.

***

جيڪو ماڻهو پاڻ سان پيار ڪري ٿو ان کي دنيا جي هر شيءِ خوبصورت لڳي ٿي.

***

ماڻهو جي سڀ کان وڏي حاصلات آهي پاڻ سڃاڻڻ ۽ جڏهن هو ايئن ڪري وٺي ٿو تہ پوءِ مڪمل ۽ لافاني ٿي وڃي ٿو.

***

هو ڪنن کان ٻوڙو آهي ۽ آئون هن کي هزهائينيس چوندو آهيان. ڇاڪاڻ جو بادشاهہ هميشہ ڳالهائيندا (ٻڌائيندا) آهن، پر جڏهن هنن جي ٻڌڻ جو وارو ايندو آهي تہ هو ٻوڙا ٻڻجي ويندا آهن.

***

آسمان تي هڪ ئي وقت بہ چنڊ ڏسڻ نہ وسارجانءِ، هڪ زمين جو ۽ ٻيو مريخ جو.

مون مرڪي ڏنو ۽ چيو: پاڳل! اڄ ليڊي ڊائنا جي ورسي آهي. خوبصورتي ڪڏهن بہ مري نٿي، جڏهن هوءَ هن ڌرتيءَ تي هئي تہ هوءَ مرڪون ورهائيندي هئي ۽ هوءَ ڌرتيءَ جو چنڊ هئي ۽ هاڻ جڏهن هوءَ ٻي دنيا ۾ هلي ويئي آهي تڏهن بہ هن جي حسن جو چنڊ آسمان ۾ ڪڙي ٿو ۽ پنهنجن چاهيندڙن جي اندر ۾ سونهن اوتي ٿي.

***

پنهنجا قدم سوچي سمجهي کڻو ڇاڪاڻ جو توهان جو حال ايندڙ نسل جو ماضي چوائيندو، جنهن تي هو پنهنجي مستقبل جو بنياد رکندو.

***

هڪ بيوقوف ئي پاڻ کي وڏ ۾ وڏ ذهين (ڏاهو) سمجهي ٿو.

***

جيڪو ماڻهو هر مسئلي تي پنهنجي ماهرانہ راءِ ڏي ٿو، منهنجي نظر ۾ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو جاهل يا بيوقوف ٿي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ جو هي (Specialization) جو دور آهي ۽ ڪير بہ هر فن مولا (All Rounder) هجي اهو ممڪن ناهي.

***


هڪ فاتح جي فتح ڪيل علائقن جون حدون ڀلي ڪيتريون بہ وسيع هجن، پر ان جي هڪ حد ٿئي ٿي ۽ وقت سان گڏ اهي سرحدون ميسارجي وڃن ٿيون.


پر ڪلا (ڏات) جون حدون نہ صرف لامحدود آهن، پر انهن کي ڪڏهن بہ وقت ميساري نٿو سگهي.

***

آئون اها ماچس جي تيلي ٿيڻ پسند نہ ڪندس، جيڪا ٻيلن کي آڳ لڳائي، پر آئون ماچس جي اها تيلي ٿيڻ پسند ڪندس جيڪا اونده ۾ ڏيئو جلائي سگهي.

***





خواجہ غلام علي
کوساٽي

# ڊائري جا ورق

**08 اپريل 1992**

8 اپريل 1992

ٿورو سچائي سان تصور ته ڪجي ته اسان سنڌي پنهنجي ئي ڌرتي تي دهشت ناڪ باهہ ۾ جلي رهيا آهيون ته لڳ ڪاندارجو وڃن. سنڌ جو عوام هن وقت ظلم و ستم جي جنهن ٻٽي ترازين سان ڪٽجي، وڍجي ۽ چلجي رهيو آهي، ان اذيت ناڪ صورتحال جو تصور ڪندي وار اڀا ٿيو وڃن. يا خدا هي ڇا پيو ٿئي. مظلوم سنڌي عوام جو ڏوهہ ڪهڙو آهي، جنهن جي هيڏي وڏي سزا پئي ملي. سنڌ پاڪستان ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، پر وڏيرن ميرن پيرن سيدن ۽ جاگيردارن هن ملڪ ۽ قوم کي تباهہ ڪيو آهي. پنهنجن ليڊرن ئي جو اهو سڀ ڪجهہ ڪيل آهي جيڪو اسين اڄ ڀوڳيون پيا.

***

15 مئي 1992

ايئن ٿو لڳي هر ماڻهو وٺ وٺان هڻ هٽان ۾ مشغول آهي، جنهن کي ڏس پيچ ڊڪ ۾ ڊوڙ ڊوڙان ۾. بس هر ڪنهن جو مقصد ۽ منشا پئسو، هر ڪو پئسن جي پٺيان ديوانہ وار ڪڊ آهي. ٻي ڪابہ شيءِ دنيا جي ٻي ڪابہ نعمت ڪوبہ رشتو ناتو يا تعلق اصل نظر نہ پيو اچي. ڪوبہ ثواب، نيڪي يا چڱائي انهن جي نظر ۾ ڪجهہ نہ آهي. رحمدلي يا پيار، محبت جي ڪابہ حيثيت ڪونهي، صرف پئسو ۽ بس پئسو حاصل ڪرڻ لاءِ تمام تر ناجائز، غير اخلاقي انسانيت کان ڪريل حرڪتون بہ جائز ٿا سمجهن. ڪوڙ، دوکو، فريب، ظلم اهو سڀ ڪجهہ هن بازار جهان ۾ جائز آهي. غبن، رشوت، ڪميشن ۽ فراڊ اهي عام طريقا آهن. شاهوڪار ٿيڻ جو جنون سوار آهي، هر ماڻهو هتي لک پتي ۽ ڪروڙ پتي ٿيڻ چاهي ٿو ٻي هر شيءِ بيڪار آهي بي مقصد آهي.

***

12 نومبر 1992

هي موذي ۽ ڪوڙهي گندو سماج ۽ معاشي نظام، ماڻهو کي پل پل ڏنڀ ٿو ڏي قدم قدم تي اِنهي زهريلي نظام جا ڏنگ ٿو سهي ماڻهو. هر طرف هر لمحو ظلم ستم جبر ۽ انڌير آهي، هر پاسي حيوانيت آهي، انسان ويچارو وڃي تہ ڪيڏانهن وڃي؟ گهر ٻار، ماءُ پيءُ، ڀائر، ڀينر، سئوٽ، ماسات اهي تمام عظيم تر رشتا ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار آهن. پئسو، بس پئسو ئي سڀ ڪجهہ سمجهيو پيو وڃي، پئسي جي خاطر اهي عظيم انساني محبتن جا امين رشتا ٽوڙيا پيا وڃن پر اهو غلط عمل آهي. پئسو ڪڏهن بہ پيار جو بدل نٿو ٿي سگهي. پيار کي ڪير بہ ختم يا خريد نٿو ڪري سگهي.

***

3 ڊسمبر 1992

محترم جويو صاحب اکين جو آپريشن ڪرايو آهي، ڏينهن جو مون فون ڪري طبيعت جو پڇيو ۽ ڪو ڪم ڪار، ماني ٽڪي يا دوا وغيره جو ڪم پڇيو مانس. طبيعت تہ ٺيڪ اٿس ڪجهہ سور آهيس اکين ۾. شام جو وري آئون سندس گهر تي ويس، پاڻ ڪمزور ٿي ويو آهي پر وينو رهيو ۽ ڪيترن اينڊڙ ماڻهن سان ملندو رهيو ۽ ان سان گڏوگڏ ڏاڍيون سٺيون ڳالهيون بہ ڪندو رهيس. ان وقت هڪ همراهہ ٻڌايو تہ توهان جي آپريشن جي خبر اخبار ۾ پڙهي پوءِ توهان جي طبيعت پڇڻ آيس تہ پاڻ چيائين مون ڪيڏو روڪيو هو انهيءَ اخباري نمائندي کي تہ اها خبر نہ ڏجانءِ، چاڪاڻ تہ سڄي سنڌ ۾ هزارين سوين منهنجا دوست يار همدرد ۽ سڄڻ سڀ پريشان ٿيندا ۽ هتي ايندا. پر همراهہ مڃيو ڪونہ. جويو صاحب چيو مون ان کي چيو تہ بجاءِ ان جي تون اسان جي نئين اينڊڙ ڪتاب جي باري ۾ لک پر هو مون سان واعدو ڪري ڦري ويو ۽ ائين ئي ڪيائين جنهن ڪان مون هن کي سختيءَ سان جهليو هو. وري ٻي ڳالهہ ٻڌايائين تہ ڊاڪٽر مون کي پڙهڻ کان جهليو آهي پر اڄ جي اخبار ۾ اسان جي ڪتاب مٺ مٺ موتين جي تي هڪ تمام شاندار تبصرو انگريزي ۾ ڇپيو آهي، جيڪو مون چار پنج پيرا پڙهيو آهي، ان ڪري جو اديب يا عالم ڪٿي بہ پنهنجي تخليق جي باري ۾ پڙهندو ۽ تعريف پڙهندو تہ ان کي ڏاڍو لطف ۽ مزو ايندو آهي، سو بہ مون ان مان ڊاڪٽر جي هدايت خلاف مزو ورتو.

***

13 ڊسمبر 1992

ائين ٿو لڳي تہ پاڪستان جا حڪمران ۽ طاقتور ڌريون خود پنهنجن هٿن ۽ عملن سان هوش ۽ حواسن سان ڄڻ هن ملڪ کي مسئلن ۾ ڦاسائڻ ۾ رُڌل آهن نہ تہ هنن کي دنيا جون تيز تر بدلجندڙ حالتون ٿيون نظر اچن نہ دنيا ۾ اينڊڙ وڏين اثرائتين ڦيرين گهيرين تحت خود هن ملڪ ۽ عوام تي پوندڙ فوري اثر ٿا ڏسڻ ۾ اچن ۽ نہ ئي هتي جا ظاهر ۽ لڪل حڪمران ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هتي تہ اُهي ئي لاٽون ۽ اهي ئي چڱهہ آهن. ساڳيو رينگٽ ساڳيو گهاٽو پيو هلي. اهي ملان ۽ سندن سوين سال پراڻي سوچ، اها ئي بنياد پرستي آهي. ملڪ جا سرمائيدار، منافعي خور ۽ ڊرگ مافيا وارا مادر پدر آزاد آهن، دهشتگرد ۽ چور ڊاڪو بہ پنهنجي ڌنڌي ۾ شروع آهن. وڏيرا مير پير ساڳيو ڌنڌو ساڳي وڙن سان چالو رکيو اچن. ساڳيا آمرن جا پاليل پنو حڪمران آهن مطلب تہ هتي هر شيءِ مخالف پاسي پئي وڃي، لوڪ وڃي پيو لهوارو اسين اهوئي اوڀارو پيا وڃون. بهرحال هاڻ اهو سڀ گهڻو وقت ڪونہ هلي سگهندو. هاڻ دنيا ڏاڍي نندي ۽ تيز تر ٿي ويئي آهي ميڊيا سڄي دنيا کي هڪ گهر بڻائي ڇڏيو آهي، ڪوبہ ملڪ ۽ قوم ان کان الڳ رهي ڪانہ سگهندي. هنن جاهلن کي بہ بدلجڻو پوندو، يقينن.

***





نفيس نهڙي

# ڊائري جا ورق

## بارش

- بارش ۾ پنل وجود يادن سان ويڙهيل رهن ٿا جن جو اندر سارو ڪنوڻ جيان تجلن سان پڙڪا ڪندو رهي ٿو.
- مندن جا مينهن سارينديءَ هن اوچي حويلي جي ڇت تي جهوپڙي جي ٻڏڻ جي خدشي تحت بس انهيءَ جي باري ۾ سوچيو پئي..!!
- هن بارش ڪنوڻ جي تجلن سان گڏ ماضي جي يادن جا سٽا آٽي اندر جي دنيا تي قيامت برپا ڪئي هئي.
- ٻوڏ جي ور چڙهيل پوڙهن هڏن گهر ڇڏيندي اوڇنگارون ڏنيون انهيءَ رڻ جو درد ڪونج جي رڻ کان به پيانڪ ٻڻجي پڙاڏي سان گڏ جوان دلين جو به هانءُ ساڙيو هوندو.
- هيل ساونڻي مند سنڌ تي رحمت جي بدران زحمت ٻڻجي پئي هئي جو ورهين کان آباد انيڪ اجها اجاڙي ڇڏيائين..!!
- هاءِ هيل سنڌڙي جا ڳوٺ ٻڏا ۽ اجان تائين شهرن کي به پاڻي گهيري بيٺو آهي..!!
- هيل بارش مند ۾ آڏي جو قيامت برپا ٿي خيرپور ناٿن شاهه تي ڪڙڪي هئي. جڏهن اعلان ٿيا شهر خالي ڪرڻ لاءِ الاس...!!! اهو درد ڪنهن پل ياد اچي ٿو ته وار ڪاندارجي ٿا وڃن.
- سنڌ امڙ تنهنجو شهر جُهڏو به ٻڏو انهيءَ درد جو اندازو اهي اکيون ئي ڄاڻن جن شهر ۾ ٻيڙيون ترندي ڏٺيون پلا انهن پلن ۾ اهي دليون ڪيئن پاڻ تي ضابطو ڪري سگهيون هونديون جن پنهنجا گهر ٻڏندي ڏسي شهر ڇڏيو هو.
- هيلوڪي برساتن ۾ ڪيترين ئي نازڪ دلين هڪ نئون سبق پرايو آهي ته جتي قدرتي آفتون نازل ٿين ٿيون ته اتي هٽرادو ٻوڏون به ايندڙيون آهن..!!
- هيلوڪي برساتن ۾ ايترا ڪکر ڪونه وسيا هئا جيترو اکين آگم ٻڻجي سڏڪن سان لڙڪ لاڙيا هئا انهيءَ دعا سان ته "يا خدا اسان جي سنڌ امڙ جي پارت هجيوَ."
- افسوس! هيلوڪي برساتن انيڪ ڳوٺن توڙي شهرن جي سونهن اجاڙي ڇڏي...!!
- هيل برسات جي ڪري پنهنجا اجها ڇڏي دربدري جي احساس سان خيما بستي ۾ رات شناسائي سان ڪيتريون ئي اهي اکيون اوهيرا ڪري وسيون هونديون جن جي وجود ۾ شايد ڪڏهن لڙڪ نالي سان به پلئہ نہ پيو هجي..!!
- مصيبت واقعي بردبار ماڻهو کي به پل ۾ هيٺو ڪريو ڇڏي..!!
- اڃان ته ڪيترائي ٻوڏ متاثرين پنهنجي اجهن کي ساري بيوس ڏور روڊ رستن تي گذارين پيا. پلا هيل سنڌ جون سرسبز ٻنيون ۽ ٻارا ڇا غيرآباد ٿي رهجي ويندا..!!
- وقت جي گذرڻ سان گڏ اهو به احساس هر پل ڪائي ٿو ته ڇا هي سرسبز سنڌ سدائين ايئن ٻڏندي رهندي...!!
- هيلوڪي برساتن ۾ حساس دليون ڪنهن پل ته پنهنجي ڌڙڪڻ جو احساس به وساري ويٺيون هيون.
- ڳالهه ڪچي يا پڪي جي ناهي، پر اصل احساس پنهنجي اجهي جو ماڻهو کي ماري ٿو ڇڏي..!!
- هزارين يا سوين ايڪڙ فصل ٻڏو ته گهوريو، پر پنهنجو تڏو ٻڏو ته سمجهو ڪجهه به ناهي بچيو نہ پلا...!!
- هن حسين سنڌ کي الائي کهڙي نياڳي اک جي نظر لڳي وئي جو فطرتي ساوڪ سان سينگاريل سمورو حُسن هاڻي ته هر طرف پاڻي ئي پاڻي جي ڏيک سان تار ٿيل آهي..!!

❊❊❊

## ريختہ ڪهاڻي - سال 1940ع

# سُک وندي

ليکڪ: غلام عباس



ترجمو: انجنيئر
عبدالوهاب سهتو

**ميونسپل**

وارن جو اجلاس وڏي اوج تي هو. هال ۾ تر ڇڻڻ جيتري جاءِ نہ هئي. وري معمول جي خلاف هڪ ميمبر بہ غيرحاضر نہ هو. ميونسپل جو بحث هيٺ مسئلو هيءُ هو تہ بازاري عورتن کي شهر مان تڙي ڪڍجي، ڇو جو انهن جو وجود، انسانيت، شرافت ۽ تهذيب جي دامن تي هڪڙو بدنما ڇُٽو آهي.

ميونسپل جو هڪڙو وزنائتو ميمبر جيڪو ملڪ ۽ قوم جو سچو خير خواهہ ۽ دردمند سمجهيو ويندو هو، ڏاڍي فصيح تقرير ڪري رهيو هو.

”پيو وري منهنجا سائين اوهان ايڏانهن بہ ڌيان ڏيو تہ انهن جي رهائش، شهر جي اهڙي حصي ۾ آهي، جيڪو نہ صرف شهر جي وچئون وچ عام وڏي واٽ آهي بلڪ شهر جو سڀ کان وڏو تجارتي مرڪز پڻ آهي. جنهنڪري هر شريف ماڻهوءَ کي نہ چاهيندي بہ اتان ئي لنگهڻو تو پوي. ان کان علاوه اشراف خاندانن جي پاڪ دامن نياڻين سياڻين کي ان بازار جي تجارتي اهميت سبب اتي اچڻ ۽ اتان سودو سلف وٺڻ ڪانسواءِ ٻي واهہ ئي ناهي. منهنجا سائين اهي عزتدار ۽ ست سيل واريون، اڌ اگهاڙين وئشائن جي ٺاهہ ٺوهہ کي پڻ ڏسن ٿيون تہ قدرتي طور تي سندن دل ۾ بہ هار سينگار ۽ دلڪشيءَ جا اڻ ڇاتل جذبا ۽ اميدون ڪَرُ کڻن ٿيون. پوءِ اهي پنهنجي مسڪين مڙسن کان پانت پانت جي پائوڊرن، سرخين، زريءَ تي چمڪندڙ ساڙهين ۽ قيمتي زيورن جون فرمائشون ڪرڻ لڳن ٿيون. نتيجو اهو ٿو نڪري جو سندن خوشين ڀريو آکيرو، سندن سڪون وارو آکاڙو سدا لاءِ جهنم جو نمونو ٿيو وڃي.“

”پيو تہ منهنجا سائين پوءِ اوهان اهو بہ ڌيان ڌريو تہ اسان جي قوم جا ننڍڙا ٻچڙا جيڪي درسگاهن ۾ علم پيا پرائين ۽ سندن اڳتي جي ترقين ۾ قوم جون اميدون واڳيل آهن ۽ گمان آهي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن قوم جي ٻيڙي کي ڪُنَ مان ڪڍڻ جو سهرو سندن سر تي سَجندو، انهن کي بہ صبح شام، انهيءَ بازار منجهان اچڻو وڃڻو ٿو پوي. اهي ڪسبياڻيون هر وقت سورهن سينگار ڪريو، سندن رستي تي پنهنجن اڻ ڏِکيل نيڻن ۽ پنبڻين جا تير، ترارون ۽ نيزا، مٺن وسائيندين ۽ ڪين حسن جي دعوت ڏيندڙيون ٿيون رهن. ڇا ڪين ڏسي اسان جا ٻالا ڀولا، جوانيءَ جي نشي ۾ ڌُت، نفعي نقصان کان بي پرواهہ، قوم جا ٻچڙا پنهنجن جذبن، خيالن ۽ اعليٰ سيرت کي گناهہ جي قاتل اثرن کان محفوظ رکي سگهندا؟

دوستو! ڇا انهن جو حسن جيڪو زاهدن کي بہ راهئون رلائي ڇڏي، اسان جي قوم جي ٻچڙن کي سڌي راهہ تان هٽائي، سندن دلين ۾ گناهن جي پر اسرار لذتن جي اُڃ پيدا ڪري هڪ بيچيني، هڪ بيقراري، هڪڙو هيجان پيدا نہ ڪري ڇڏيندو هوندو.“

انهيءَ موقعي تي هڪڙي بلدياتي ميمبر، جيڪو ڪنهن زماني ۾ استاد رهي چڪو هو ۽ انگن اکرن سان وڏي دلچسپي رکندو هو، تنهن چئي ڏنو:

”دوستو! اها بہ خبر هجيوَ تہ امتحانن ۾ ناپاس ٿيڻ وارن شاگردن جو انگ پوين پنجن سالن جي ڀيٽ ۾ ڏيڍوڻو ٿي ويو آهي.“

هڪڙو ميمبر، جنهن کي چشمو چڙهيل هو ۽ هفتيوار اخبار جو اعزازي ايڊيٽر هو، تقرير ڪندي چيو: ”سائين منهنجا! اسان جي شهر مان ڏينهون ڏينهن غيرت، شرافت، مردانگي، نيڪو ڪاري ۽ پرهيزگاري وڃي ٿي کڄندي ۽ ان جي جاءِ تي بي غيرتي، نامردي، بزدلي، بدمعاشي، چوري ۽ ٺڳي ٺوڙي وڃي ٿي وڌندي. منشيات جو واهپو وڌي ويو آهي. خونريزي ۽ ڌاڙا ڦرون، خودڪشي ۽ ڏيوالي نڪرڻ جون وارداتون وڌنديون ٿيون وڃن. ان جو سبب فقط انهن بازاري عورتن جو پليد وجود آهي. ڇو جو اسان جا ٻالا ڀولا شهري، انهن جي ونگيندڙ زلفن جا اسير ٿي، هوش ۽ سمجهہ وڃائي ٿا ويهن ۽ انهن جي محل سرا تائين پهچڻ جي گهڻي کان گهڻي قيمت ادا ڪرڻ لاءِ هر جائز ۽ ناجائز طريقي سان زر حاصل ڪن ٿا. ڪڏهن تہ اهي انهيءَ ڪوشش ۾ ماڻهپي کان ئي ٻاهر نڪري ٿا وڃن ۽ ڪڌا ڪرتوت ڪري ويهي ٿا رهن. پوءِ نتيجو اهو ٿو نڪري تہ اهي پنهنجي پياري جان تان هٿ ڌوئي ٿا ويهن يا ڇاوڙين ۾ پيا سڙندا ٿا رهن.“

هڪڙو پينشن تي لٿل وڏي عمر وارو ميمبر، جيڪو عيالدار هئڻ سان گڏ دنيا جون گرميون سرديون ڏسيو ويٺو هو ۽ هاڻ حياتيءَ جي ڪشمڪش کان ٿڪجي باقي عمر، آرام ڪرڻ ۽ پنهنجي اهل عيال کي پنهنجي ڇپر ڇانوَ هيٺ پلجندو ڏسڻ جو





تمنائي هو، سو تقرير ڪرڻ لاءِ اٿيو. سندس آواز ۾ ڏڪڻي هئي ۽ لهجي جو انداز فريادين وارو هئس. چيائين: ”دوستو! سڄي سڄي رات انهن ماڻهن جي طبلن جي وڄت، انهن جا هوڪرا، سندن عاشقن جي ويڙهاند، گارين گند، شور شرابو، ها ها ها، هو هو هو، ٻڌي ٻڌي اوسي پاسي ۾ رهڻ وارن شريفن جا ڪن ئي پچي پيا آهن. رات جي ننڊ حرام ته ڏينهن جو سڪون برباد آهي. ان ڪان علاوه سندن ويجهڙائپ سبب اسان جي نياڻين سياڻين جي اخلاق تي جيڪو اثر پوي ٿو، تنهن جو اندازو هر ٻچڙيوال پاڻ ڪري سگهي ٿو.“ آخري جملو چوندي، سندس آواز گهوگهرجي ويو ۽ ان ڪان اڳتي ڪجهه ڳالهائي ئي نه سگهيو. بلديا جي مڙني ميمبرن کي ساڻس همدردي هئي، ڇو جو بدقسمتيءَ سان سندس گهر ان بازارِ حسن جي بلڪل وچ تي ٿهيل هو. ڪانئس پوءِ ٻيو بلدياتي ميمبر، جيڪو جهوني تهذيب جو علمبردار هو ۽ قديم آثارن کي ٻچڙن کان وڌيڪ پيارو سمجهندو هو، تنهن تقرير ڪندي چيو:

”سائين منهنجا! ٻاهران جيڪي سياح ۽ اسان جا دوست دڙا هن مشهور تاريخي شهر کي ڏسڻ لاءِ ايندا آهن. جڏهن اهي هن بازار منجهان گذرندا آهن ۽ ان متعلق پڇا ڪندا آهن ته يقين ڪريو ته اسان جي مٿان مَٽَ پاڻي جا پُريتجي ويندا آهن.“

هاڻ بلديا جو صدر، تقرير ڪرڻ لاءِ اٿيو. پلي قد هلڪو هئس ۽ هٿ پير ننڍڙا هئس، مگر مٿو وڏو هئس. جنهن جي ڪري بردبار ماڻهو پئي لڳو. لهجي ۾ حد ڪان وڌيڪ تذائپ هئس. چيائين: ”منهنجا سائين! مان ان ڳالهه ۾ اوهان سان بلڪل متفق آهيان ته ان طبقي جو وجود اسان جي شهر ۽ اسان جي تهذيب ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جي لاءِ سئو پيرا شرمساريءَ جو سبب آهي. ليڪن ڏکيائي اها آهي ته ان جو تدارڪ ڪيئن ڪجي. اگر انهن ماڻهن کي مجبور ڪجي ته اهي پنهنجو نيچ پيشو ڇڏين ته سوال ٿو پئدا ٿئي ته اهي ماڻهو ڪائيندا ڪٿان؟“

هڪڙي همراهه چئي ڏنو: ”اهي عورتون، پرڻا ڇو نٿيون ڪن؟“

ان تي هڪڙو وڏو گندو ٺهڪار ٿي ويو ۽ هال جي ماتمي فضا ۾ هڪدم ڪل مذاق جا آثار پيدا ٿي ويا. جڏهن ويٺلن ۾ ٺاپر ٿي ته صدر صاحب ڳالهايو: ”منهنجا سائين! اها تجويز ڪيترائي پيرا انهن جي آڏو رکي چڪا آهيون. ان لاءِ انهن جي طرفان هيءُ جواب ڏنو ٿو وڃي ته آسودا ۽ عزت وارا خانداني ماڻهو، عزت ۽ ناموس جي خيال ڪان ڪين گهر ۾ پير پائڻ نه ڏيندا. جڏهن ته پيننگين ۽ ڪريل طبقي وارن ماڻهن کي جيڪي محض انهن جي دولت لاءِ ساڻن شادي ڪرڻ تي مائل ٿين، هي عورتون به ويجهو اچڻ ڪو نه ڏينديون.“

ان تي هڪڙي همراهه چيو: ”بلديا کي انهن جي ذاتي معاملن ۾ پوڻ جي ضرورت ناهي. بلديا جي آڏو ته هيءُ مسئلو آهي ته اهي ماڻهو پلي ڪٽي جهنم ۾ وڃن، پر هن شهر کي خالي ڪري وڃن.“

صدر چيو: ”دوستو! اهو به ڪو سولو ڪم ناهي. انهن جو ڳاڙيتو ڏهه ويهه ناهي بلڪه سوَن تائين پهتل آهي. ٻيو ته منجهانئن ڪيترين ئي عورتن جا ته پنهنجا ذاتي گهر ورتل آهن.“

اهو مسئلو مهينو کن ته بلديا جي بحث هيٺ رهيو ۽ نيٺ مڙني ميمبرن جي اتفاق راءِ سان اها ڳالهه بيٺي ته بازارِ حسن جا مملوڪ/والاريل گهر خريد ڪيا وڃن ۽ ڪين رهڻ لاءِ شهر ڪان گهڻو پري ڪو الڳ ٿلڳ علائقو ڏنو وڃي. انهن عورتن بلديا جي انهيءَ فيصلي جي خلاف سخت احتجاج ڪيو. ڪن ته نافرماني ڪري وڏا ڏنڊ به ڀريا ۽ قيد به ڪاٽيا، مگر بلديا جي مرضيءَ آڏو سندن هڪ به نه هلي ۽ لاچار ٿي صبر ڪري ئي ويهي رهيون.

ان ڪانپوءِ ڳچ عرصي تائين ته انهن بازاري عورتن جي مملوڪ گهرن جون فهرستون ۽ نقشا تيار ٿيندا رهيا ۽ گهرن جي لاءِ گراهڪ پيدا ڪيا ويندا رهيا. ڪيترن گهرن کي نيلاميءَ ذريعي وڪڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو. انهن عورتن کي ڇهه مهينا پنهنجن پراڻن گهرن ۾ ترسڻ جي اجازت ڏني وئي ته جيئن ان عرصي ۾ اهي نئين علائقي ۾ گهر وغيره ٺهرائي سگهن.

انهن عورتن لاءِ جيڪو علائقو چونڊيو ويو، سو شهر کان ڇهه ڪوهه پري هو. پنجن ڪوهن تائين ته پڪو رستو هو ۽ ان ڪان اڳتي ڪوهه کن ڪچو رستو هو. ڪنهن زماني ۾ اتي ڪا وسندي هوندي هئي، مگر هاڻ ته ڪنڊرن ڪانسواءِ ڪجهه نه بچيو هو. جن ۾ نانگن ۽ چمڙن جو واسو هو ۽ ڏينهن ڏٺي جو ته چٻرا پيا ٻوليندا هئا. ان علائقي جي پسگردائيءَ ۾ ڪجهه ڪچن گهرن وارا ننڍا ننڍا ڳوٺ هئا. مگر ڪنهن جو مفاصلو به اتان ٻن اڍائي ميلن ڪان گهٽ نه هو. انهن ڳوٺن ۾ رهڻ وارا هاري ڏينهن جي وقت پوکي راهي ڪندا هئا يا ايئن ئي گهمندي ڦرندي هتي به اچي پهچندا هئا. ورنه ته عام طور تي هن ويران شهر ۾ آدم ذات جي ڪا صورت به نظر نه ايندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڏينهن جي روشنيءَ ۾ گدڙ به ان علائقي ۾ رلندي ڏٺا ويا هئا.

پنج سئو ڪان مٿي وئشائن منجهان فقط چوڏهن اهڙيون هيون، جيڪي پنهنجن عاشقن جي واسطيداريءَ يا خود پنهنجي دليئون يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري شهر جي ويجهو آزاد رهڻ تي مجبور هيون ۽ پنهنجي دولتمند چاهيندڙن جي مستقل مالي مدد جي ڀروسي تي نه چاهيندي به انهيءَ علائقي ۾ رهڻ تي مائل ٿي ويون. ورنه ته باقي عورتن اهو سوچي ڇڏيو هو ته يا هن ئي شهر جي هوٽلن تي پنهنجي رهائش رکنديون يا ظاهري طور نيڪن جو لباس پائي شهر جي شريف محلن جي ڪُنڊن پاسن ۾ وڃي لڪنديون يا ته هن شهر کي ئي مورڳو ڇڏي ڪنهن ٻئي پاسي هلي وينديون.

اهي چوڏهن ئي وئشائون گهڻيون مالدار هيون. انهيءَ تي شهر ۾ جيڪي والاريل گهر هئن تن جو اگهه ڪين وڏو مليو ويو هو ۽ ان علائقي ۾ زمين جي قيمت نالي ماتر هئي. ٻيو ته مڙني ڪان موچاري اها ڳالهه ٿي ته وٽن اچڻ وارا، دل ۽ جان سان سندن مالي مدد ڪرڻ لاءِ آتا هئا. تنهنڪري هنن انهيءَ علائقي ۾ دل ڪولي وڏا وڏا عاليشان گهر ٺهرائڻ لاءِ رٿائون سٽيون. هڪڙو مٿانهون ۽ هموار هنڌ جيڪو ٽٽل ڦٽل قبرن ڪان پريرو هو سو چونڊيو ويو. زمين جا ٽڪرا صاف ڪرايا ويا ۽ هوشيار آرڪيٽيڪٽس ڪان نقشا جوڙايا ويا ۽ ٿورن ڏهاڙن ۾ اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو. سڄو ڏهاڙو سرون، مٽي، چونو، شهتير، گاربر ۽ ٻيو عمارتي سامان گاڏين، ڇڪڙن، خچرن، گڏهن ۽ ماڻهن تي ڪجي هن وسنديءَ ۾ پيو اچي ۽ منشي مڙا حساب ڪتاب جون ڪاپيون بغلن ۾ وجهيو اهو ڳڻائي ۽ ڪاپين ۾ داخل پيا ڪن... انجنيئر، رازن کي ڪم متعلق هدايتون پيا ڏين. رازا مزدورن کي دڙڪا داٻا پيا ڏين، مزدور وري پيا هيڏانهن

هوڏانهن پيا پڇن ڊکن. هڪبئي کي رڙيون ڪري پاڻ سان ڪم ڪرڻ لاءِ پيا سڏين. مطلب تہ سڄو ڏهاڙو هڪڙو هل هنگامو هو. وري سڄو ڏهاڙو اوسي پاسي جي ٻوٽن جا ٻوٽاٽا پنهنجي ٻني ٻاري ۾ ۽ ٻوٽاٽيون پنهنجن گهرن ۾ هوا جي جهونڪن سان گڏ پري کان ايندڙ ڪٽ ڪٽ جا هلڪا هلڪا آواز پيا ٻڌن.

انهيءَ وسنديءَ ۾ هڪ جاءِ تي مسجد جا آثار هئا ۽ ان جي ويجهو هڪڙو کوهہ هو جيڪو ڦٽل هو. اڏيندڙن هڪ تہ پاڻي ڪڍڻ لاءِ ۽ ٻيو ٽڪ پيڻ لاءِ ۽ ٿيون ٿورو ثواب ڪمائڻ ۽ پنهنجن نمازي پائرن جي عبادت ڪرڻ جي خيال کان سڀ کان پهرين تہ ان جي مرمت ڪئي. جيئن تہ اهو فائدو ڏيندڙ ۽ ثواب جو ڪم هو جنهن ڪري ڪنهن بہ اعتراض نہ واريو. قصو ڪوتاهہ ٻن ٽن ڏينهن ۾ مسجد تيار ٿي وئي. ڏينهن جو ٻارهين وڳي جيئن ئي مانيءَ جي موڪل ملي ٻہ اڍائي سئو رازا، مزدور، انجنيئر، منشي ۽ انهن وئشائن جا مائٽ يا ڪمدار ڪاراوا جيڪي اڏاوت جي سنڀال تي بيٺل هئا سي ان مسجد جي اوسي پاسي ۾ اچي ڪٺا ٿين تہ ڄڻ ميلي وارو رنگ ٿي وڃي.

هڪ ڏهاڙي هڪڙي ڳوٺاڻي ڪراڙي جيڪا ڪنهن ويجهي واري ڳوٺ جي رهاڪو هئي سا هن وسنديءَ جي سڌ پوڻ تي اچي هتي پهتي. ساٺس هڪڙو ننڍو ڇوڪرو بہ هو. ٻنهي مسجد جي ويجهو هڪ وڻ جي هيٺان سگريٽن، ٻيڙين، پڪڙن ۽ ڳڙ مان ٺهيل مٺائين جو ٿالهہ اچي رکيو. ڪراڙيءَ کي آئي اڃان ٻہ ڏينهن بہ نہ گذريا هئا جو هڪڙو ڪراڙو هاري ڪٿان هڪڙو مٽ کڻي آيو ۽ کوهہ جي پاسي ۾ سرن جو هڪڙو ننڍڙو ٿيهو اڏي پئسي ۾ ٻہ ٻہ شربت جا گلاس وڪڻڻ لڳو. هڪڙي ٻاگڙيءَ جو خبر ٻڌي سو هڪڙو ڪارو گڏرن جو پري آيو ۽ ٿالهہ واري ڪراڙيءَ جي پر ۾ ويهي: ”وٺو وٺو گدرا! ماکيءَ کان بہ زور مٺا گدرا“ جا هوڪا ڏيڻ لڳو. هڪڙي همراهہ چا کيو جو گهران منڊي پاوا رڌائي، ديگڙيءَ ۾ وجهي، ٿالهہ جي مٿان رکي، ٿوريون مانيون، ٺڪر جا ٻہ ٽي پيالا ۽ هڪڙو جستي گلاس کڻي اچي پڳو ۽ انهيءَ وسنديءَ جي ڪَمين کي جهنگ ۾ گهر جي ڪُنيءَ جهڙي وَٽ وٺائڻ لڳو.

ٻپهريءَ ۽ ٽپهريءَ جي وقت انجنيئر، منشي، رازا ۽ ٻيا ماڻهو، مزدورن کان کوهہ منجهان پاڻي ڪڍائي وضوع ڪندي نظر ٿي آيا. هڪڙو همراهہ مسجد ۾ وڃي ٻانگ ڏيندو هو، وري هڪڙي کي امام کڻي ٺاهيو ويو ۽ ٻيا ماڻهو ان جي پويان بيهي نماز پڙهڻ لڳا. ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙي مُلي کي جو سڌس پئي تہ فلاڻي مسجد ۾ امام جي ضرورت آهي، سو ٻئي ڏينهن ئي صبح مرادن جو هڪڙي سائي ٿيلهيءَ ۾ قرآن شريف، رحل ۽ مسئلن مسائلن سکڻ جون چوپڙيون کڻي اچي ڪڙڪيو ۽ هن مسجد جي امامت باقاعدي طور تي سندس حوالي ڪئي وئي.

ڏهاڙي ٽپهريءَ ڏاري هڪڙو ڪبابي مٽي تي پنهنجو ڪر جو ڪارو کڻي ايندو هو ۽ ٿالهہ واري ڪراڙيءَ جي ويجهو پٽ تي چلهو ٺاهي ڪباب، جيرا، دل ۽ ٻڪيون سيخن تي پچائي، وسنديءَ وارن کي وڪڻيندو هو. هڪڙي ٻاناڻ جو اهو حال ڏٺو تہ پنهنجي مڙس کي ساڻ وٺيو مسجد جي سامهون اس کان بچڻ لاءِ گاهہ پلال جو هڪڙو ڇپرو ٺاهي، اچي تندور تپائڻ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن هڪڙو نوجوان ڳوٺاڻو نائي ڦاٽل ساٽل پراڻي ڪسبت ڳچيءَ ۾ لڙڪايو ٻوٽ جي ٽُڏن سان رستي جا پٿر ٺُڏيندو هتي ڦيراٽا ڏيندو نظر ٿي آيو.

انهن وئشائن جي گهرن جي اڏاوتن جي نگراني سندن مائٽ يا ڪارندا تہ ڪندا ئي هئا، پر ڪنهن ڪنهن ڏينهن تي اهي بہ ٻپهريءَ جي مانيءَ کان پوءِ واندا ٿي پنهنجن عاشقن سان گڏجي پنهنجي سر پاڻ پنهنجن پنهنجن گهرن کي جڙندو ڏسڻ ايندا هئا ۽ سچ لڙئي کان اڳي اتان نہ موٽنديون هيون. انهيءَ موقعي تي فقيرن ۽ فقيرياڻين جا ٽولن جا ٽولا، الائي تہ ڪٿان اچي ٿي سهڙيا ۽ جيستائين خير نٿي ورتن تيستائين کهاتن سان وٺي شور ڪن ۽ ڪين ڳالهائڻ ئي نہ ڏين. ڪڏهن ڪڏهن شهر جا رول ۽ واندا ڇورا، واندي ويهڻ کان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ جي نيت سان شهر کان پيرين پنڌ نڪري وئشائن جي هن نئينءَ وسنديءَ جو واءُ سواءُ لهڻ ٿي آيا ۽ جي ان ڏينهن تي وئشائون بہ آيل هجن تہ سندن عيد ٿيو وڃي. اهي ڪانئن ٿورو پريرو ٿي سندن چوڌاري ويٺا چڪر ڏين. گفتا ڪدن، اڻ ٺهندڙ ٺهڪار ڏين. عجيب عجيب شڪليون ٺاهين ۽ چرين واريون حرڪتون ڪن. ان ڏهاڙي تي ڪبابيءَ جي کپت بہ ٺاهوڪي ٿي ٿي.

ان علائقي ۾ جتي ڪجهہ ڏينهن اڳ پکيءَ پير نہ هوندو هو هاڻي چوڌاري هڪڙي وٺ وٺان ۽ ڇهل پهل نظر اچڻ لڳي. شروع شروع ۾ هن علائقي جي ويرانيءَ ۾ انهن وئشائن کي هتي اچي رهڻ جي حساب سان جيڪا وحشت ٿيندي هئي سا وڏي حد تائين هلي وئي. هاڻ اهي هر دفعي خوش خوش پنهنجن گهرن جي سينگار ۽ پنهنجي پسند جي رنگن متعلق رازن کي زور پري وينديون هيون.

وسنديءَ ۾ هڪ هنڌ هڪڙي ٽٽل ڦٽل مزار پڻ هئي، جيڪا آڳاٽي ڪنهن بزرگ جي لڳندي هئي. جڏهن اهي گهر اڌ کان مٿي جڙي ويا تہ هڪ ڏهاڙي وسنديءَ جي رازن مزورن ڇا ڏٺو تہ مزار جي ويجهو دونهون پيو اٿي ۽ هڪڙو لال لال اکين وارو ڍگهو ڏُوت مست فقير گوڏ ٻڌيو پرون بہ کوڙايو هن مزار جي چوڌاري پيو ڦري ۽ پٿريون کڻي کڻي پيو پري اڇلائي. ٻپهريءَ ڌاري اهو فقير هڪڙو دلو کڻي کوهہ تي آيو ۽ پاڻي پري مزار تي کڻي وڃڻ ۽ ان کي ڌوئڻ لڳو. هڪ دفعي جو آيو تہ کوهہ تي ٻہ ٽي رازا مزدور ويٺا هئا. هو اڌ پاڳل ۽ اڌ هوش جي عالم ۾ ڪين چوڻ لڳو: ”خبر اٿو! اها ڪنهن جي مزار آهي؟ پير ڪڙڪ شاهہ بادشاهہ جي! منهنجا ابا ڏاڏا سندس مجاور هئا.“ ان ڪانپوءِ ڪلي ۽ اکين مان ڳوڙها ٿمائيندي، پير ڪڙڪ شاهہ جون ڪجهہ جلالي ڪرامتون پڻ انهن رازن مزدورن کي ٻڌايائين.

شام ڌاري اهو فقير ڪٿان پٽي سٽي، ٺڪر جا ٻہ ڏيئا ۽ سرنهن جو تيل وٺي آيو. پير ڪڙڪ شاهہ جي قبر جي سيرانديءَ ۽ پيرانديءَ کان ڏيئا ٻاري ڇڏيائين. رات جي پوئين پهر ڪڏهن ڪڏهن ان مزار مان الله هوءَ جا مست نعرا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا.

ڇهہ مهينا نہ گذريا هوندا جو اهي ڇوڏهن ئي گهر جڙي راس ٿي ويا. اهي سموري جا سمورا ٻہ منزلا هئا ۽ لڳ ڀڳ ساڳي طرز تي هئا. ست هڪ پاسي کان ۽ ست ٻئي پاسي کان. وچ ۾ ويڪرو شاهي رستو هو. هر گهر جي هيٺان چار چار دڪان هئا. گهر جي مٿين منزل ۾ رستي واري طرف کان ڪشادو ورانڊو هو. ان جي اڳيان ويهڻ لاءِ ٻيڙي نما بينڪ ٺهرايل هئي. جنهن جي ٻنهي پڇڙن تي يا تہ سنگ مرمر جا نچندڙ مور ٺاهيا ويا هئا يا وري جل پرين جا مجسما تراشي ٺاهيا ويا هئا، جن جو اڌ ڌڙ مڇيءَ جو ۽ اڌ انسان جو هو. ورانڊي جي پويان جيڪو وڏو ڪمرو ويهڻ لاءِ هو ان ۾ سنگ مرمر جا نازڪ نفيس ٿنڀا ٺهيل هئا. ڀتين تي وٽندڙ ڇٽسالي ڪيل هئي. فرش چلڪٽي پٿر جا ٺاهيا ويا هئا. جڏهن سنگ مرمر جي ٿنڀن جا عڪس انهيءَ بلوري فرش تي پوندا هئا تہ ايئن لڳندو هو ڄڻ سفيد براق جي پرن وارن هنس پکين پنهنجون ڊگهيون ڳچيون ڍنڍ ۾ ٻوڙي ڇڏيون آهن.

اربع جو ڀلارو ڏڻ، ان وسنديءَ ۾ اچڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. ان ڏهاڙي ان وسنديءَ مڙني وئشائن پاڻ ۾ گڏجي هڪڙو وڏو نياز ڪرايو. وسنديءَ جي کلئي پٽ تي زمين جي صفائي ڪرائي شاميانا لڳرايا ويا. ديڳين ڪڙڪڻ جا آواز ۽ گوشت ۽ گيهہ جي خوشبوءِ، ويهن ويهن ڪوهن تان فقيرن ۽ ڪتن کي ڇڪي کڻي آئي. ٻپهري ٿيندي پير ڪڙڪ شاهہ جي مزار وٽ جتي لنگر ورهايو ويندو هو، ايترا تہ فقير فقراءَ ڪٺا ٿيا جيترا عيد جي ڏهاڙي تي ڪنهن وڏي شهر جي جامع مسجد وٽ بہ نہ ٿيا هوندا. پير ڪڙڪ شاهہ جي مزار جي باقاعدي صفائي ڪرائي وري ڌواريو ويو ۽ ان تي گلن جون چادرون چاڙهيون ويون ۽ ان مست فقير کي نئون جوڙو سبرائي پارايو ويو، جيڪو هن پائيندي شرط ڦاڙي ڇڏيو.

شام ڌاري شاميانن جي هيٺان ڪير جهڙو چلڪندڙ فرش ڪيو ويو. ٽيڪ وهاڻا، پان دان، ٿوڪ دان، ڊگهين نڙين وارا حقا ۽ گلاب ساڻ رکيا ويا ۽ راڳ رنگ جي محفل مچائي وئي. پري پري کان ڪيترين ئي وئشائن کي سڏايو ويو، جيڪي سندن سنگتياڻيون يا برادريءَ جون هيون. انهن سان گڏ انهن جا ڪيترائي ملڻ وارا پڻ آيا، جن جي لاءِ هڪڙي جداري شاميانن ۾ ڪرسين جو بندوبست ڪيو ويو ۽ انهن جي سامهون واري پاسي کان چِڪون لڙڪايون ويون. بيشمار گولن جي روشنيءَ

سان هيءَ جاءِ شمشان وانگر بڻجي وئي هئي. انهن وٿشائن جا ڊِڳ نڪتل شيدي سازيندا، زري لڳل ۽ ريشمي ڪپڙن جون شيروانيون پائي، عطر ۾ ٻڏل ڪپھ جا ٻڙا ڪنن ۾ رکي، هيڏي هيڏي مُڇن کي تاءُ ڏيندا پئي ڦِريا ۽ چلڪندڙ لباسن ۽ پوپٽن جي پرن کان به سنهين ساڙهين ۾ اوڙهيل، پائوڊرن ۽ خوشبوئن ۾ وهنتل ناز نينهن آڪڙيون پئي ڦِريون. سڄي رات ناچ ۽ سرود جو هنگامو برپا رهيو ۽ جنگل ۾ منگل ٿي ويو.

ٻن ٽن ڏهاڙن پڄاڻان، جڏهن انهيءَ جشن جا ٽڪ لٿا ته اهي وٿشائون ساز ۽ سامان پهچائڻ ۽ گهرن جي سجاوٽ کي لڳي ويون. شمعدان، فانوس، شيشي جا ٿانوَ، ماڻهوءَ جيڏا آئينا، نهوري ڪٽون، تصويرون ۽ سونهري قطعا فريمن ۾ بند، آندا ويا ۽ وڏي ناهه نوهه سان ڪمرن منجھ لڳايا ويا. انن ڏهاڙن ڪن ۾ وڃي اهي گهر، ڪلي ڪوڪي سان سجائجي پورا ٿيا. اهي عورتون ڏينهن جو ڳچ حصو ته استادن کان رقص ۽ سرود جي تعليم پرائڻ، غزل ياد ڪرڻ، ڏِن ويهارڻ، سبق پڙهڻ، پٽي لکڻ، سُبق پوئڻ، پرت پرڻ، گرامو فون ٻڌڻ، استادن سان پٽي راند ڪرڻ ۽ ڪيرم کيڏڻ، چرچو چٽر، ٽوڪ طنز سان دل وندرائڻ يا سمهڻ ۾ گذارينديون هيون. پوءِ ڏينهن جي ٽئين پهر ۾ وهنجڻ خانن ۾ وهنجڻ وينديون هيون، جتي سندن نوڪرن نلڪن مان پاڻي ڪڍي ٽب ڀري رکيا هوندا. ان ڪانپوءِ اهي هار سينگار ۾ لڳي وينديون هيون.

جيئن رات جي اونداهه پر پکيڙيندي، تيئن ئي هي گهرَ گولن جي روشنين ۾ چمڪاٽ ڪندا هئا، جيڪي هنڌ هنڌ تي سنگ مرمر جي اڌ- ٽڙيل ڪنولن ۾ انتهائي صفائيءَ سان لڪائي رکيل هوندا هئا. ٻيو ته انهن گهرن جي درين ۽ دروازن جي طاقن جا شيشا، جيڪي گلن ۽ پنن جي نموني تي ڪٽي جوڙيل هئا، تن جي اندلني رنگن جون روشنيون پري کان جهرمر جهرمر ڪندي، انتهائي سهڻيون پيون لڳنديون هيون. اهي وٿشائون، هار سينگار ڪري ورانڊن ۾ ٽهلنديون، اوسي پاسي وارن سان ڳالهيون ڪنديون، کلنديون، کجڪار ڪنديون هيون. جڏهن بيني بيني ٽڪجي پونديون هيون ته اندر ڪمري ۾ وڃي چاندوڪن فرشن تي ٽيڪ وهاڻن سان ٽيڪجي ويهنديون هيون. سندن سازيندا، ساز ملائيندا رهندا هئا ۽ هيءُ سوپاريون ڪترينديون رهنديون هيون. جڏهن رات ٿوري ٽڏيري ٿيندي هئي ته سندن ملڻ وارا ٽوڪرن ۾ شراب جون بوتلون ۽ پانت جا ڦل فروٽ کنيو، پنهنجي دوستن سان موٽر گاڏين يا ٽانگن ۾ ويهي پهچندا هئا. ان وسنديءَ ۾، جن جي پير پائيندي سان هڪڙي خاص قسم جي گهما گهمي ۽ چهل پهل ٿيڻ لڳندي هئي. نغما ۽ سرود، ساز جا سُرَ، رقص ڪندڙ نازنينن جي گهنگهرن جو آواز، صراحيءَ جي ڳُٽ ڳُٽ ڪندڙ آواز سان ملي هڪ عجيب سرور جي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏيندا هئا. عيش ۽ مستيءَ جي انهن هُلَ هنگامن ۾، خبر به نه پوندي هئي ته رات گذري وئي.



انهن وٿشائن کي ان وسنديءَ ۾ آئي ڪجهه ئي ڏينهن ٿيا هئا جو دڪانن جا ڪرائيدار پيدا ٿي پيا. جن جو ڪرايو هن وسنديءَ کي وسائڻ جي خيال کان ڏاڍو گهٽ رکيو ويو هو. سيني کان پهرين جيڪو دڪاندار آيو، سا اها ئي ڪراڙي هئي، جنهن سيني کان پهرين مسجد جي سامهون وڻ هيٺان ٿالهه رکيو هو. دڪان کي پرڻ لاءِ ڪراڙي ۽ سندس چوڪرو سگريٽن جا گهٽا دبا ڪٽي آيا ۽ انهن کي ڏاڪڻ ڪرسيءَ جي خانن ۾ سجائي رکي ڇڏيائون. بوتلن ۾ رنگ ڏنل پاڻي ڀري ڇڏيائون ته جيئن خبر پوي ته شربت جون بوتلون آهن. ڪراڙيءَ پنهنجي وٽ آهر ڪاغذ جي گلن ۽ سگريٽ جي پاڪيٽن منجهان جوڙيل زنجيرن سان دڪان جي سجاوٽ به ڪئي، ڪن اداڪارن ۽ اداڪارائن جون تصويرون به پراڻن رسالن مان ڪڍي پيتين تي لئيءَ سان چنبڙائي ڇڏيون. دڪان جو اصل مال ٻن ٽن قسم جي سگريٽ جي ٽن ٽن پاڪيٽن، بيڙين جي اٺ ڏهه جُوڙين يا اگربتين جي اڌ درجن پاڪيٽن، مُٺ پان جي پنن، پيئڻ جي تماڪ جي ٽن چئن ڳوٽين ۽ ميڻ بتين جي اڌ پاڪيٽ کان به وڌيڪ نه هئس.

ٻي دڪان ۾ هڪڙو واڻيو، ٽئين ۾ حلوائي ۽ کير وارو، چوٿين ۾ ڪاسائي، پنجين ۾ ڪبابي ۽ ڇهين ۾ باگڙي اچي ويٺا. باگڙي اوسي پاسي جي ڳوٺن مان سستي اگهه تي ڇئن پنجن قسمن جون سبزيون وٺي اچي هتي چڱي نفعي تي کپائيندو هو. هڪ اڌ ٽوڪرو ڦل فروٽ جو به رکندو هو. جو دڪان چڱو ڪشادو هئس. هڪڙو گلن وارو به سندس پائيوار اچي ٿيو. اهو سڄو ڏينهن گلن جا هار، گجرا ۽ پانت پانت جا زيور جوڙيندو رهندو هو ۽ شام ڌاري اهي پنڊي ۾ وجهي هڪ هڪ گهر تي ڪٽي ويندو هو ۽ نه صرف گل ئي کپائي ايندو هو، پر هر هنڌ هڪ ٻه گهڙي ويهي، سازيندن سان ڌاڙون ٺڪاءُ به هٽي ايندو هو ۽ حقي ڦوڪ به پري ايندو هو. جنهن ڏهاڙي تي تماشائين جي ڪو ٽولو سندس موجودگيءَ ۾ ڪوٺي تي چڙهي ايندو هو ۽ گانو بجانو شروع ٿيو ته هيءُ به سازيندن جي منهن خراب ڪرڻ جي باوجود ڪلاڪن جا ڪلاڪ اٿڻ جو نالو ئي نه وٺندو هو. مزي مزي سان گانن جي سر تي وينو ڪنڌ ڏوٽيندو هو ۽ بيوقوفن وانگر هر هڪ جو چهرو تڪيندو هو. جنهن ڏهاڙي رات گهڻي گذري وئي هئي ۽ ڪو هار بچي پيس ته اهو پنهنجي ڳچيءَ ۾ پائيندو هو ۽ وسنديءَ جي ٻاهران نڙي ڦاڙي پيو ڳائيندو وتندو هو.

هڪ ڏينهن هڪڙي وٿشا جو پيءُ ۽ ڀاءُ، جيڪي درزڪو ڪم ڄاڻندا هئا هڪڙي سلائي مشين رکي اچي ويٺا. ٿيندي ٿيندي هڪڙو حجم به اچي ويو ۽ پاڻ سان گڏ هڪڙي ڪٽيءَ کي به وٺي آيو. سندس دڪان جي ٻاهران تار تي ٽنگيل طرح طرح جا رنگين روا، هوا ۾ جهومندي اکين کي ڏاڍا وڻندا هئا.

ٿورا ڏينهن ئي گذريا هئا جو هڪڙو گهٽ موڙيءَ وارو دڪاندار جنهن جو دڪان شهر ۾ نه هلندو هو، بلڪ دڪان جو ڪرايو به ڳچيءَ ۾ هوندو هئس، تنهن به شهر ڇڏي هن وسنديءَ جو رخ رکيو. هتي ته سندس وڏو مان ٿي ويو. نموني نموني جا عطر، پانت پانت جا پائوڊر، صابڻ، ڪنگا ڦڻيون، ٻٽڻ، سئي ڌاڳا، ڪهيون، فتيلون، سرها تيل، رومال، مساڳ وغيره جام وڪامڻ لڳس.

هن وسنديءَ جي رهاڪن جي سرپرستي ۽ انهن جي پياري سلوڪ جي ڪري ايئن ئي ٻئي ٽئين ڏهاڙي تي ڪو نه ڪو ٿورڙي سيڙپ ڪرڻ وارو دڪاندار، ڪو ڪپڙي جو واپاري، ڪو پنساري، ڪو حقن ناهڻ وارو، ڪو نانوائي، ٻاڙائيءَ سبب يا شهر جي وڌندڙ ڪراين کان گهٻرائجي، هن وسنديءَ ۾ اچي پناهه وٺندو هو.

هڪڙو بزرگ جنهن کي حڪمت جي چڱي سڦري ڄاڻ هئي ۽ سندس دل شهر جي ڳتيل آبادين ۽ دواخانن جي گهڻ کان بيزار هئي سو پنهنجي شاگردن کي ساڻ وٺي شهر مان لڏي آيو ۽ هن وسنديءَ ۾ هڪڙو دڪان مسواڙ تي اچي ورتائين. سڄو ڏهاڙو بزرگ ۽ سندس شاگرد دوائن جي دٻن، شربت جي بوتلن ۽ مربي، چٽڻي، آچار جي برنين کي المارين جي خانن تي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکندا رهيا. هڪڙي خاني ۾ طب اڪبر، قرابادين قادري ۽ ٻئي ۾ طبي ڪتاب بچائي رکي ڇڏيائون. طاقن جي اندرئين طرف ۽ پيتين سان جيڪي جڳهيون خالي بچيون هيون تن تي هنن پنهنجي خاص الخاص مجرباتن جا اشتهار ڪاري مس سان

ڇٽن ۽ وڏن اکرن ۾ لکي گتن تي چنبڙائي ٽنگي ڇڏيا هئا. هر ڏهاڙي صبح جو وئشائن جا ملازم گلاس کنيو اچي ويهندا هئا ۽ شربت بزوري، شربت بنفشہ، شربت انار ۽ اهڙا ئي ٻيا مزيدار، فرحت بخش شربت ۽ عرق، خميره گائو زبان ۽ طاقت ڏيڻ وارا مربا، نقره جي ورقن سميت وٺي ويندا هئا.

جيڪي دڪان رهجي ويا هئا تن ۾ وئشائن جي متن مائٽن ۽ سازيندن پنهنجون کٽون رکي ڇڏيون هيون. سڄو ڏهاڙو اهي ماڻهو انهن دڪانن ۾ چؤباز پٽي راند ۽ شطرنج کيڏندا هئا، ڀت تي تيل مالش ڪرائيندا هئا، سائڙي گهوٽيندا، ٻٽير ويڙهائيندا هئا، تترن کان ”سبحان تنهنجي قدرت“ جو ورد ڪرائيندا ۽ گهڙا/دلا وڄائي ٻيا ڳائيندا هئا.

هڪڙي وئشا جي سازيندي هڪڙو دڪان خالي ڏسي پنهنجي ڀاءُ کي جيڪو سازن جي مرمت ڄاڻندو هو کي وٺي اچي ويهاريو. دڪان جي پٽين تي هڪ سڏَ ۾ ڪليون ٺوڪي ٽٽل ڦٽل مرمت طلب سارنگيون، سِتارَ، تنبورا، سُرندا وغيره ٽنگي ڇڏيائين. هي همراهہ سِتار وڄائڻ جو بہ ڪاريگر هو. شام ڌاري هو پنهنجي دڪان اندر سِتار وڄائيندو هو تہ ان جي مٺڙي آواز تي اوسي پاسي جا دڪاندار بہ پنهنجن دڪانن تان اٿي ايندا هئا ۽ چڱي جهٽ گهڙي ويهي سِتار ٻڌندا هئا. ان سِتار نواز جو هڪڙو شاگرد هو، جيڪو ريلوي جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو. ان کي سِتار سکڻ جو وڏو شوق هو. جيئن ئي آفيس کان موڪل ٿيندي هئس، تيئن سائيڪل تي واچ- مينهن ڪندو، سڌو هن وسنديءَ جو رخ رکندو هو ۽ ڪلاڪ ڏيڍ دڪان ۾ ويهي مشق ڪندو رهندو هو. مطلب تہ سِتار نواز جي اچڻ سان هن وسنديءَ ۾ چڱي خاصي رونق پڻ رهڻ لڳي.

مسجد جو ملان جيستائين هيءَ وسندي اڏاوت هيٺ رهي رات ڌاري ڳوٺ پنهنجي گهر هليو ويندو هو. مگر هاڻ جڏهن کيس ٻنهي وقتن تي سٽپيون ٽڪيون ججهائيءَ سان ملڻ لڳيون تہ اهو بہ رات جو اتي ئي رهڻ لڳو. هلندي هلندي ڪن وئشائن جي گهرن جا ٻار بہ مسجد ۾ پڙهڻ لاءِ اچڻ لڳا جنهن سان ملان کي ڏوڪڙ پئسي جي بہ آوند ٿيڻ لڳي.

هڪڙي شهر شهر گهمندڙ ڪريل درجي جي ٿيٽريڪل ڪمپنيءَ کي جڏهن زمين جي چوٽ چڙهندڙ ڪراين ۽ پنهنجي سڃائيءَ سبب شهر اندر ڪٿي بہ جڳهہ نہ ملي تہ ان بہ هن وسنديءَ جو رخ رکيو ۽ انهن وئشائن جي گهرن کان سڏ پنڌ تي ميدان ۾ تنبو طولان کوڙي اچي پَڙاءُ ڪيو. ان جا اداڪار، اداڪاريءَ جي فن کان ڪورا هئا. سندن ڊريسون پراڻيون هيون جن جون گهٽيون ٽٽيون سَتارون بہ ڇڻي چڪي هيون ۽ ٻيو اهي همراهہ تماشو بہ پراڻي دور جو ڏيکاريندا هئا. مگر ان جي باوجود بہ هيءَ ڪمپني هلي پئي. ان جو سبب اهو هو تہ ٽڪيٽ سستڙي هئي. شهر جا مزدور مڙا، ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ ۽ غريب غربا، جيڪي ڏينهن جي هڻ وٺ واري محنت ۽ مشقت جي ڪسر، شور شغل، خرمستيءَ ۽ ڪريل عياشين مان ڪڍڻ چاهيندا هئا. پنجن پنجن ڇهن ڇهن جا ٽولا ٺاهي، ڳچيءَ ۾ گلن جا هار وجهيو، کلندا ڳالهائيندا، بانسريون ۽ بينون وڄائيندا، راهہ ويندن تي چرچا چٽرون، گاريون گند ڪندا، شهر مان پيرين پنڌ هلي ٿيٽر ڏسڻ ايندا هئا ۽ رونگ ۾ بازارِ حسن جو بہ چڪر ڏيئي ويندا هئا.




جيستائين کيل شروع نہ ٿيندو، تيستائين ٿيٽر جو هڪڙو مسخرو، تنبوءَ جي ٻاهران هڪڙي اسٽول تي ويهي ٻنڊڻ پيو لوڏيندو هو، ڪڏهن واڇون پيو چڪيندو هو، ڪڏهن اکيون پيو ڦِرڙائيندو هو، عجيب عجيب حياءُ کان نڪتل حرڪتون ڪندو هو، جن کي ڏسي هي ماڻهو زور زور سان ٽهڪ ڏيندا ۽ گارين جي صورت ۾ داد ڏيندا هئا.

آهستي آهستي ٻيا ماڻهو بہ هن وسنديءَ ۾ اچڻ شروع ٿي ويا. اهڙيءَ طرح شهر جي وڏن وڏن چوڪن منجهہ ٽانگن وارا بہ ٻاڪارڻ لڳا: ”اچو! ڪي نئين وسنديءَ ڏي!“ شهر کان پنجن ڪوهن تائين جيڪو پڪو روڊ ويندو هو، ان تائين پهچڻ ۾ ٽانگن وارا سوارين کان انعام حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ يا انهن جي فرمائش تي ٽانگن جي گوءِ ڪرائيندا هئا. وات سان هارون وڄائيندا هئا ۽ جڏهن ڪو ٽانگو اڳ ڪڍي ويندو هو تہ سواريون هوڪرن سان آسمان مٿي تي کڻي ڏينديون هيون. ان گوءِ ۾ گگدام گهوڙن جو حال برو ٿي ويندو هو ۽ سندن ڳچين منجهہ پيل گلن جي ڳانن منجهان بجاءِ سرهاڻ جي پگهر جي ڌپ پئي ايندي هئي. رڪشن وارا، ٽانگن وارن کان پوئتي ڪيئن رهن. سي ڪانئن گهٽ ڪرايي تي سواريون کڻي، ڍيهاڙ ڪندا ۽ گهنگهرو وڄائيندا، هن وسنديءَ ڏانهن هلڻ شروع ٿيا. ان کان علاوه هر ڇنڇر جي شام جو اسڪولن ۽ ڪاليجن جا شاگرد هڪ هڪ سائيڪل تي ٻہ ٻہ ڄڻا چڙهيا، ٽولن جا ٽولا ٿيو، هن پر اسرار بازار جو درشن ڪرڻ ايندا هئا. جنهن کان سندن خيال جي مطابق تہ سندن وڏڙن خوامخواهہ کين محروم ڪري ڇڏيو هو.

آهستي آهستي هن وسنديءَ جي شهرت چوطرف ڦهلي، گهرن ۽ دڪانن جي ضرورت ٿيڻ لڳي. اهي وئشائون جيڪي اڳي هن وسنديءَ ۾ اچڻ لاءِ تيار نہ پئي ٿيون، هاڻ هن جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ ترقي ڏسي، سي بہ پنهنجي بيوقوفيءَ تي هٿ هڻڻ لڳيون. ڪيترين عورتن تہ جهٽ پٽ ۾ ڪٽي زمينون وٺي، انهن وئشائن جي طرز تي مٿس گهر اڏائڻ شروع ڪيا. ان کان علاوه شهر جي ڪن سود خور سيٺين هن وسنديءَ جي اوسي پاسي ۾ سستي اگهہ زمينون وٺي ڪرايي تي چاڙهڻ لاءِ ننڍيون ننڍيون ڪيتريون ئي جايون جوڙائي ڇڏيون. نتيجو اهو نڪتو جو جيڪي رنڍيون هوٽلن ۽ شريف محلن ۾ وڃي لڪيون هيون، سي بہ تڏين ماکوڙن وانگر پنهنجن ٻرن منجهان ٻاهر نڪري آيون ۽ انهن گهرن ۾ اچي آباد ٿيون. ڪن ننڍن گهرن ۾ هن وسنديءَ جا اهي دڪاندار اچي ويٺا، جيڪي عيالدار هئا ۽ رات جو دڪانن منجهہ سمهي نٿي سگهيا.

هن وسنديءَ ۾ آبادي تہ خاشي ٿي وئي هئي، مگر اڃان تائين بجليءَ جي روشنيءَ جو انتظام نہ ٿيو هو. جنهنڪري انهن وئشائن ۽ وسنديءَ جي مڙني رهاڪن طرفان سرڪار ڏي بجليءَ لاءِ درخواست موڪلي وئي جيڪا ٿورن ڏهاڙن ۾ منظور ٿي وئي. ان سان گڏوگڏ هڪڙي پوسٽ آفيس پڻ کولي وئي. هڪڙو جهونو مڙس پوسٽ آفيس جي ٻاهران هڪڙي پيتڙيءَ ۾ لفافا، ڪارڊ، قلم ۽ مس ڪُپڙي رکي، اچي وسنديءَ جي ماڻهن جا خط پَٽ لکڻ لڳو.


هڪ دفعي وسنديءَ ۾ شرابين جي ٻن ٽولن ۾ فساد ٿيو، جنهن ۾ سوڊا واٽر جي بوتلن، چاقن ۽



سِرن جو دل تي استعمال ٿيو، جنهنڪري ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا. انهيءَ تي سرڪار کي خيال آيو ته هن وسنديءَ ۾ هڪڙو ٿاڻو به کولي ڇڏڻ گهرجي.
ٿيٽريڪل ڪمپني ٻن مهينن تائين رهي ۽ پنهنجي وس آهر خاشي ڪمائي ڪري وئي. ان شهر جي هڪڙي سئنيما مالڪ سوچيو؛ ڇو نه هن وسنديءَ ۾ به هڪ سئنيما هال کولجي. اهو خيال اچڻ جي دير هئي جو هن جهٽ ۾ هڪڙو موقعي جو پَٽُ تاڙي خريد ڪيو ۽ تڪڙو تڪڙو مٿس اڏاوت جو ڪم شروع ڪرائي ڇڏيائين. چند مهينن ۾ سئنيما هال جڙي ويو. ان جي اندر هڪڙو ننڍو باغيچو پڻ لڳرايائين ته جيئن تماشبين اگر فلم شروع ٿيڻ کان اڳ پهچن ته آرام سان باغ ۾ ويهي سگهن. ان کان علاوه ماڻهو ايئن ئي دل وندرائڻ يا ديدار درشن ڪرڻ جي ارادي سان به اچي ويهڻ لڳا. اهو باغيچو به خاشو تفريح جو هنڌ بڻجي ويو. آهستي آهستي بهشتي به ڪٽورو کڙڪائيندو هن باغ ۾ اچڻ ۽ اچين جي اڃ اجهائڻ لڳو. مٿي جي تيل مالش وارا انتهائي سادي قسم جي تيز خوشبو واري تيل جون شيشيون واسڪوٽيءَ جي کيسن ۾ ٽُنبيو ڪلهن تي ميرا سيرا ٽوال رکيو، دلپسند ۽ دلبهار مالش جا هوڪا ڏيندا، مٿي جي سور جي مريضن کي پنهنجون خدمتون پيش ڪرڻ لڳا.
سئنيما جي مالڪ سئنيما هال جي ٻاهرئين طرف کان هڪ به گهر ۽ ڪيترائي دڪان پڻ ٺهرائي ڇڏيا. گهر ۾ ته هوٽل کلي وئي، جنهن ۾ رات جو ترسڻ جي لاءِ ڪمرا پڻ ملي سگهيا ٿي ۽ دڪانن ۾ هڪڙو سوڊا واٽر جي فيڪٽريءَ وارو، هڪڙو فوٽوگرافر، هڪڙو سائيڪلن جي مرمت وارو، هڪڙو ڌوٻي، ٻه پان وڪڻڻ وارا، هڪڙو بوٽن جو دڪاندار ۽ هڪڙو ڊاڪٽر پنهنجي دواخاني سميت اچي ويٺا.
ٿيندي ٿيندي ويجهي ئي هڪڙي دڪان ۾ گُهتي کولڻ جي پرمٽ ملي وئي. فوٽوگرافر جي دڪان جي ٻاهران هڪ ڪنڊ ۾ هڪڙي گهڙين جي مرمت واري مستريءَ اچي ٺيهو ٺاهيو ۽ هر وقت آرتي شيشو اکين تي چاڙهيو گهڙين جي ڪل پرزن جي کولڻ بند ڪرڻ ۾ غرق رهڻ لڳو.
ان کان ٿورن ڏينهن پڄاڻان وسنديءَ ۾ نلڪن، روشنيءَ ۽ صفائيءَ جي باقاعده انتظام ڏانهن ڌيان ڏنو وڃڻ لڳو. سرڪاري عملدار ڳاڙهيون جهنڊيون، دستانا ۽ هيٺ مٿانهين ڏسڻ وارا اوزار کڻي اچي پهتا، ماپون ڪري رستن ۽ گهٽين کي سڌو ڪيائون ۽ وسنديءَ جي ڪچن رستن تي پٿرن کي پريس ڪرڻ وارا رولر هلڻ لڳا.
ان واقعي کي ويهارو سال گذري چڪا آهن. هيءَ وسندي هاڻ هڪ پريل تريل شهر ٿي پئي آهي، جنهن کي پنهنجي ريلوي ٽيشڻ به آهي ۽ ٽائون هال به، ڪورٽ به ۽ جيل به. آبادي اڍائي لکن جي لڳ ڀڳ ٿيندي. شهر ۾ هڪڙو ڪاليج، ٻه هاءِ اسڪول، هڪڙو ڇوڪرن جي لاءِ ته هڪڙو ڇوڪرين جي لاءِ ۽ اٺ پرائمري اسڪول آهن جن ۾ ميونسپل جي طرفان مفت تعليم ڏني ويندي آهي. ڇهه سئنيمائون آهن ۽ چار بئنڪون جن مان ٻه ته دنيا جي وڏين بئنڪن جون شاخون آهن.
شهر مان ٻه ڏهاڙي، ٽي هفتيوار ۽ ڏهه ماهوار رسالا ۽ ڊائجسٽ شايع ٿيندا آهن. انهن ۾ چار ادبي، ٻه اخلاقي ۽ معاشرتي و مذهبي، هڪ صنعتي، هڪ طبي، هڪ عورتن لاءِ ۽ هڪ ٻارن جو رسالو آهن. شهر جي مختلف حصن ۾ ويهه مسجدون، پندرهن مندر ۽ ڌرم شالائون، ڇهه يتيم خانا، پنج گمشده ٻارن جا ادارا ۽ ٽي وڏيون سرڪاري اسپتالون آهن، جن مان هڪ ته صرف عورتن لاءِ خاص آهي.
مند منڊ ۾ ڪيترن سالن تائين هيءُ شهر پنهنجي رهڻ وارن جي نالي جي نسبت جي ڪري "حُسن آباد" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. مگر بعد ۾ ان کي نامناسب سمجهي، منجهس ٿورڙي ترميم ڪئي وئي. يعني بجاءِ "حُسن آباد" جي "حَسن آباد" سڏرائڻ لڳو. مگر اهو نالو جٽاءُ ڪري نه سگهيو، ڇو جو عام ماڻهو حُسن ۽ حَسن ۾ فرق نه ڪري سگهندا هئا. آخر وڏن وڏن جهونن ڪتابن جا پنا اٿلايا ويا ۽ پراڻين لکيتن جي چند ڇاڻ ڪانپوءِ ان جو اصلي نالو ڳولهي لڌو ويو، جنهن سان هيءَ وسندي اڄ کان سوين سال اڳ ڦٽڻ کان پهرين سڏبي هئي ۽ اهو نالو هو "سُڪَ وندي."
هونئن ته سڄو شهر پريل تريل، صاف سٿرو ۽ وٽندڙ آهي، مگر مڙني کان خوبصورت، مڙني کان رونق وارو ۽ تجارتي مرڪز، اها ئي بازار آهي، جنهن ۾ بازاري عورتون رهن ٿيون.
سُڪَ ونديءَ ميونسپل جو اجلاس وڏي اوج تي آهي. هال ۾ تر ڇٽڻ جيتري جاءِ به نه آهي. وري معمول جي خلاف، هڪ ميمبر به غيرحاضر نه آهي. ميونسپل جي بحث هيٺ مسئلو هيءُ آهي ته بازاري عورتن کي شهر مان تڙي ڪڍيو وڃي، ڇو جو انهن جو وجود، انسانيت، شرافت ۽ تهذيب جي دامن تي هڪڙو بدنما ڇُٽو آهي.
هڪڙو فصيح البيان مقرر، تقرير ڪري رهيو آهي؛ "خبر ناهي اها ڪهڙي مصلحت هئي، جنهن جي اثر هيٺ، هن ناپاڪ طبقي کي اسان جي آڳاٽي ۽ تاريخي شهر جي بلڪل وچ ۾ رهڻ جي اجازت ڏني وئي."
هن دفعي انهن عورتن جي لاءِ جيڪو علائقو چونڊيو ويو، سو شهر کان ٻارهن ڪوهه پري هو.

***

# بازارِ حسن



سدره شاه

## ڪاليج

ڪان موٽندي رباب ڪلفي وٺي بس ۾ ويٺي، هوءَ بي حد پياري صورت جي مالڪ هئي... رنگ اڇو، نقش تکا، وار پورا گهنگهريالا. بس ۾ ويٺل ماڻهن جون نظرون ذري ذري هن ڏانهن پئي وريون...

شٺ...!

اسان جي سماج جا ماڻهون شل نہ ڪا ڇوڪري ڏسن، هوءَ منهن ٽيڙو ڪري بس مان لٿي...

بيگ مان ٽشو ڪڍي ڪلفي لڳل هٿ اگهندي، چنچل انداز ۾ گانا ڳائيندي اچي گهر پڳي...

توکي ڪيترا ڀيرا چيو اٿم تہ گهٽي مان فضيلت سان ايندي ڪر، سندس ماءُ نورجهان بالڪوني ۾ تار تي ڪپڙا وجهندي اولي مان منهن ڪڍي ڇڙٻ ڏنس...

رباب در ٻيڪڙي، سڌو اڱڻ ۾ صندل تي ويٺل پنهنجي ناني ممتاز بيگم ڏانهن ڊوڙي، جنهن ريڊيو تي پراڻن گانن سان گڏوگڏ پان دان مان پان ٺاهي کائڻ مان لطف پڻ ورتو...

ناني، ڏسو نہ امي مون کي آزادي سان جيئڻ نٿي ڏي... ناني مٺ ۾ وڌل پان سان سندس مٿو چميو.. اڙي تنهنجي ماءُ تہ بس مڙئي پئي چوندي اٿئي...

ناني آئون آزاد پکيءَ وانگر اڏرڻ ٿي چاهيان... زندگي کي پنهنجي حساب سان جيئڻ ٿي چاهيان...

رباب ٻانهون پکيڙي اڱڻ ۾ ڦيري ڏني...

ناني پان جي پتي تي گلقند هڻندي، مشڪي سندس حوصلا افزائي ڪئي... نورجهان جيڪا بالٽي کنيو ڇت تان پئي لٿي سان اهو سڀ ڏسي بخيل ٿي پئي...

بالٽي بورچي خاني جي پرسان رکي، ريڊيي کي بند ڪري چيائين،

امان تون هن جي ٻاراڻين حرڪتن کي نہ پڏائي، اڄ جو دور ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي...

مٿان اڪيلي ڇوڪري جي حفاظت سواءِ خدا جي ذات جي ڪير نٿو ڪري. رب چڱي ڪندو، تون ايترو نہ سوچ...

ناني پنهنجن اڇن ڪارن وارن کي کوليو.

اڄ ربي...

هي مهندي تہ پسائي لڳائي، ناني مهندي کي وٽي ۾ وجهي هٿ چنڊيا.

مٿو اڇو ڦولار ٿي پيو اٿم. رباب جيڪا رسيو در جي پر ۾ بيٺي هئي تنهن ڪاوڙ مان وڪون وڌائيندي ناني ڏانهن اچڻ جي ڪئي...

ٻڌ...!

رات ڪا پراڻي فلم ڏسندا سون، ناني ڦسڪو هڻي چيو...

رباب اهو ٻڌي چستي مان وراڻيو، سچ ناني... پر امي نہ جهلي...

اڙي ماڻهين جڏهن سمهي رهي تہ پوءِ ڇا سس پس پئي هلي...

نورجهان بورچي خاني جي دري مان جهاتي پائي پڇيو. ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪجهہ نہ... ٻنهي نورجهان کي هڪ ڪرو جواب ڏنو...

هيڏانهن اچ ربي...

پلاءُ کي پيچٽي ڏي.

ڏيءَ ڏڻ جو ٻار آهين ڪجهہ سکيل هوندئي تہ ڪم ايندئي،

امان سان گڏ ڪلاسيڪل راڳ ۽ پراڻيون فلمون ڏسڻ سان ڪو ڪم ڪونہ ايندئي... اڱڻ ۾ سنڪ تان هٿ ڌوئي رباب رڌڻي ڏانهن وئي...

ناني اٿو...!

رباب ڪمري ۾ ستل ناني کي اٿارڻ جي ڪئي.

ناني جيڪا پنهنجي ڪمري ۾ وڏن پاون واري پلنگ تي گهري ننڊ ستل هئي سان ڇرڪي اٿي پئي...

رباب ڪيس ٻانهن مان لوڏي چيو،

ناني آئون آهيان...

هن سائيڊ ٽيبل تي رکيل ناني جي عينڪ کڻي ڏنس،

هائي امان ڊيڄاري ڇڏيئي.

امي ستي پئي آهي،

اچو فلم ٿا ڏسون...

هن هڪدم ٽي وي تان پوش سيري، وي سي آر ۾ ڪيسٽ وڌي...

ناني بہ ننڊ جي خمارن منجهان سجاڳ ٿي ٿهي جڙي پلنگ تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهي...

هورين ڪر آواز ماڻهين نہ اٿي پئي.

نہ ناني امي ننڊ جي گوري کايو ستي پئي آهي، هاڻ صبح تائين ڪانہ اٿندي.

رباب پراعتماد ٿي وراڻيو... ۽





ناني جي پير ۾ پلٽ هڻي ويني...
رباب...!
ناني چپ ته ڪيو يار ڪيڏو نه اموشنل سين آهي...
رباب اکين مان لڙڪ اگهي پير ۾ پيل ڦلا ڪاڻڻ لڳي،
اک تي وي ۾ هٿ ۾ جهليل ڦلا ناني ڏانهن وڌايائين..
تون آخر ڪڏهن سمجهندئين.
سندس ماءُ نورجهان ٽي وي کي بند ڪندي ئي تيز ٿي پئي...
امان ڪيترا پيرا جهليو اٿم هن کي انهن فلمن کان پري رکو، پر توهان الٽي چو سمجهو نٿا...
اهو چئي نورجهان ڪاوڙ مان ڪمري منجهان نڪتي.
چپ ڪري ٻارن وانگر روئيندي رباب ناني جي هنج ۾ ليٽي...
امي مون سان ائين چو ٿي ڪري...؟
ٻچا هوءَ ماءُ آهي هن کي تنهنجي ڳڻتي آهي.
ناني سندس مٿي تي هٿ ڦيريندي همت ڏنس...
ٻئي طرف نورجهان پنهنجي ڪمري جي دري کولي چنڊ جي چاندوڪي ڏسڻ لڳي. آسمان تي پکڙيل خاموشي هن جي اندر جي مونجهه ۽ ڪوماٽيل دل کي وڌيڪ مايوس پئي ڪيو...
ناني اڄ موسم ڪيڏي نه دلڪش آهي.
رباب هوا ۾ وار وکيري اڱڻ ۾ رئو ڦيلائي ڦيري ڏني...
ناني جنهن صندل تي پنهنجي مخصوص انداز ۾ ويني سوئيٽر پئي اڻيو تنهن نڪ تي عينڪ لاهي ڪنڌ جهولاري ها ڪئي...
ٻانهن ۾ سايون شيشي جون چوڙيون کڙڪائيندي رباب ناني جي پير ۾ ويني...
ڪلهي تي هٿ رکي هجت مان چيائين ناني پئسا ڏيو ته برگر گهرايان.
اُف هڪ ته موسم حسين ٻيو ناني غريب...
هاهاها...

ناني سندس مذاق تي ڦڪو ٽهڪ ڏيئي پير ۾ رکيل ننڍڙي پرس مان پئسا ڪڍي رباب جي تري تي رکيا.
لو يو ناني...
اهو چئي هوءَ رئو اڏائيندي در ڏانهن وئي.
ڪيڏانهن...؟
نورجهان ڪمري مان نماز جو سلام ورائي پڇيس...
هوءَ هڪدم خاموش ٿي وئي.
بيهه آئون اچان ٿي دعا گهري مسلو ويڙهيندي رئي جي ٻڪر کي ڍلو ڪري هو ٻاهر آئي.
ڪير وٺي ايندئي...؟
رباب ڦڙتي مان وراڻيو آن لائين آرڊر ڪري ڇڏيو اٿم.
بس اڄڻ وارو هوندو... فضيلت سان رئو پائي وڃي وٺي اچجانءِ.
ائين ڳلي ۾ رئو پائي وڃڻ جي ڪا به ضرورت ڪونهي.
ماءُ جي تنقيد تي هوءَ منهن سجايو، رئو پائي در جي ٻاهران برگر وٺڻ وئي.
شهر ۾ اوچتي هڙتال ٿيڻ سبب رباب انهن ئي پيرن تي ڪاليج کان واپس گهر آئي. گهر ۾ گهڙندي ئي هن چوڌاري نظر ڦيري ته ڪيس ڪير به نظر نه آيو...
ٿيلهو صندل تي رکي، اڱڻ ۾ ٽيبل تي پيل ڪولر منجهان پاڻي پي، هن سندس ماءُ ۽ ناني جو ڳالهائڻ ٻڌو...
جيڪي ٻئي جڻيون... ناني واري ڪمري ۾ ويٺل هيون.

ورانديءَ ۾ پهچندي ئي هن جون ٽڪڙيون وکون هڪدم هلڪيون ٿيون جڏهن ماءُ جي لهجي ۾ سنجيدگي محسوس ڪيائين.
در جي ٻاهران بيهي رهي.
پوءِ هڪ ڏينهن ته رباب کي اسان جي حقيقت جي خبر پوندي نه، هوءَ هاڻ جوان ٿي وئي آهي. اسين ڪيستائين هن کان اهو سچ لڪائي ويهنداسين.
امان ڊڄان ٿي...
ڪهڙي منهن سان هن کي پنهنجي بدترين ماضيءَ جو ٻڌايان ته رباب جي ناني ۽ ماءُ طوائف هيون...!
ماءُ جي واتان اهي لفظ ٻڌي، رباب جون اکيون کلي ويون حيرت مان وات تي هٿ رکي هوءَ ڪمري ڏانهن آئي. ممتاز بيگم ۽ نورجهان هن کي اوچتو ڪمري ۾ ايندي ڏسي دهلجي ويون.
امي آئون ڪير آهيان؟ ڪنهن جي ڌيءَ آهيان، ڇا آئون ناجائز...
آخري لفظ ڳلي ۾ اٽڪي پيس...
توهان مون کان ايترو وڏو سچ لڪايو.
هيڏانهن اچ ٻچا،
ناني ڪيس ٻانهن کان جهلي پنهنجي پير ۾ ويهاريو.
۽ سندس ماءُ پنهنجي ماضي جي مٽيل پاڇولن کي ڇٽو ٿيندي ڏسي شرمساري مان چپ چاپ تي پاسي تي بيهي رهي...
ٻڌايو نه ڪير آهيان آئون...؟
رباب، ناني ڏانهن سواليه نظرون کڻي نهاريو. جنهن مٿي تي هٿ ڦيري چيو، تون هڪ معزز گهراڻي جي نياڻي آهين تنهنجو تعلق هڪ با ڪردار گهراڻي سان آهي. ڪهڙو گهراڻو، ڪير آهي منهنجو پيءُ
هن بي صبري مان اٿي ماءُ کان پڇيو.
جيڪا نظرون جهڪائي، لڙڪن جو سمنڊ نيڻن مان وهائڻ لڳي.
ايترو وڏو ڏک...! جن عورتن کي معاشرو بدترين نظرن سان ڏسندو آهي ۽ چڱا ڀلا گهراڻا پنهنجي گهر ۾ نالو وٺندي به گناهه سمجهندا آهن.
آئون تنهن عورت جي ڌيءَ آهيان. نه امي ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي...؟ هوءَ ڪمري مان بالڪوني ۾ وڃي بيٺي. هن جو چنچل انداز اوچتو بردبار ٿيندو

پئي ويو. بلڪل ائين جيئن مينهن جو امڪان نہ هجڻ باوجود بہ ڪڪر وسي پئي ۽ سموري ماحول کي بدلائي ڇڏي...
منهنجي ڳالهہ ٻڌ.
نورجهان ڪي بالڪوني ۾ ايندي ڏسي هن پنل اکيون روڊ کان هٽائي ماڻ ڏانهن ڦيريون... ۽ انتهائي معصوميت مان چيائين، پر مون تہ ڪڏهن محسوس ئي ڪونہ ڪيو تہ منهنجي ماءُ ماضيءَ ۾ اها عورت ٿي سگهي ٿي. چو تہ امي توهان ۾ اهڙو ڪو عڪس ئي ڪونہ ڏٺو اٿم.
ننڍپڻ کان ئي توهان کي هڪ پارسا عورت ڏٺو آهي. نماز، روزا ۽ قرآن جي پابند، پردو ڪندڙ. نہ نہ امان ائين نٿو ٿي سگهي...
هن جلدي ڪنڌ ورائي پنهنجي دل کي آٿت ڏيندي چيو، نہ آئون هڪ طوائف جي ڌيءَ ڪونہ آهيان...!
لڙڪ باهہ جو شعلو بڻجي اندر کي جهيري ويا هئس، جڏهن پنهنجي ڌيءَ جي نظرن ۾ طوائف جي لاءِ نفرت ڏٺي هئائين.
نورجهان دل جهلي نہ سگهي وات تي رئو ڏيئي هوءَ نير وهائيندي پنهنجي ڪمري ڏانهن آئي.
هيڏانهن اڄ ٻچا.
ناني هڪ تنگ پلنگ تان لاهي، بالڪوني ۾ بيٺل رباب ڏانهن جهاتي پائي ڏٺو... رباب جيڪا هڪ ئي وقت پنهنجي پاڻ سان اڻ ڪٿ سوالن جي جنگ وڙهي رهي هئي، سا هاڻ ناني جي سڏ تي ڪمري ڏانهن آئي...
هتي ويهہ...
ناني پلنگ جي چادر ٺاهيندي کيس ويهڻ جو چيو.
هن جي زرد ٿيل مايوس چهري ڏانهن ڏسي چوڻ لڳي، ٻچا زندگي جيڪا نظر ايندي آهي سا هرگز ڪونہ هوندي آهي.
ماضي ڪلهہ هوندو آهي ڪنهن جي ماضي کي حال يا مستقبل سان جوڙڻ بلڪل غلط آهي.
ڏس ٻچا...
ناني سندس هٿ تي مٺي ڏيئي هن جي هاڻ تان بوجهہ هلڪو ڪرڻ ٿي چاهيو. انسان خطا جو گهر آهي، پر انهيءَ جو اهو مطلب هرگز نہ آهي تہ هو مستقل هڪ ڪرو رهي.
پوءِ ڪير آهي منهنجو پيءُ...؟
جنهن جي تلاش جي سوال تي توهان ۽ امي هميشہ موضوع مٽائي ڇڏيندا آهيو. روئيندي روئيندي سڄل اکيون ناني ڏانهن ورائي هن نماڻي انداز مان پڇيو، هڪ جاگيردار، پوتار ۽ راڄ جي حاڪم جو اميرزادو خوبصورت ۽ پنهنجي پئسي جي نشي ۾ جواني جي واٽ تي پٽڪيل پٽ.
واٽ...؟
رباب حيرت مان چيو،
ٻچا پئسو چڱن ڀلن کي بہ بگاڙي ڇڏيندو آهي. ڪيترائي سال اڳ جڏهن منهنجي جواني جو آخري حصو شروع ٿيو هو... ۽ تنهنجي ماءُ اڃان پهرين حصي تي پڳي هئي.
نورجهان پنهنجي ڪمري مان ناني جي ڪمري ۾ ويندڙ وچين دروازي جي اوٽ ڏانهن سري ماءُ جي ڳالهہ ٻڌڻ آئي... اکيون پوري پنهنجي ماضي جي وساريل قصي کي ٻڌندي مايوس ٿيڻ لڳي.
ڪڏهن ڪڏهن عورت صحيح واٽ وساري ڪنهن غلط رستي تي هلي ويندي آهي. تنهنجي ماءُ جڏهن اٺن سالن جي ٿي تہ منهنجي مڙس ۽ تنهنجي ناني اسان کي گهر مان ڪڍي مون کي طلاق ڏيئي ڇڏي...
مون وٽ انهيءَ گهٽي ۾ وڃڻ کان علاوه ڪو رستو نہ بچيو هو ۽ پوءِ مون بہ ڌيءَ جو پيٽ پالڻ ڪاڻ انهيءَ رنگين شهر ڏانهن پنهنجي ضمير جو قتل ڪري وکون ڄمايون...
ناني جي ڳالهين تي هن غور ڪري پنهنجي چيچ ۾ پهريل منڊي کي پريشاني مان ڦيريو.
تنهنجي ماءُ کي بهتر تعليم ڏياري، مون ڪڏهن نہ چاهيو هو تہ مون وانگر منهنجي ڌيءَ جي سيڄاڻپ تي طوائف جي مهر لڳي، پر شايد قسمت ۾ اهو هو.
خير...!
ناني پان کي چٻاڙي پنهنجي ڳالهہ کي جاري رکيو... هڪ ڏينهن تنهنجو پيءُ بہ پلجي اسان وٽ آيو ۽ پهرين نظر ۾ تنهنجي ماءُ سان عشق ڪري ويٺو.
پوءِ ڇا ٿيو ناني...؟
رباب اکين مان آيل لڙڪ اگهي گوڏن تي منهن رکي ويٺي. انجام ٻڌائي ويني هئم تنهنجي پيءُ کي، پر جواني جي اوج ۾ ۽ محبت جي زور تي هو سڀ ريتون وساري ويٺو هو..
ڪهڙو انجام ناني...؟
ڪهڙيون ريتون...؟
ناني پلنگ کي ٽيڪ ڏيئي پنهنجي ساڙهي جو پلو ٺاهيندي چيو.
هڪ معزز گهراڻو ڪڏهن بہ هڪ طوائف کي پنهنجي ننهن جي روپ ۾ تسليم نہ ڪندو آهي. اگر ڪندو بہ آهي تہ ظالم سماج، ريتون، رواج پيرن ۾ زنجيرون ٿي ويڙهجي پوندا آهن.
۽...
نتيجو چا نڪرندو آهي...؟
چا نڪرندو آهي ناني...؟



هن شهر ۾ نورجهان کي هي گهر وٺي ڏنو، اسان ٻنهي کي اتان وٺي هتي رهايائين. پاڻ ڳوٺان ۽ پهرين زال وٽان فرصت ملندي ئي تنهنجي ماءُ سان ملڻ ايندو هو...
پهرين زال...؟
چا منهنجو پيءُ شادي شده هو...؟
ها بلڪل ٻچا تنهنجو پيءُ شادي شده ۽ ٻن ٻارن جو پيءُ هو، اها زال پنهنجي خاندان جي هئس، جنهن کي ستن پردن ۾ لڪائي ڳوٺ جي حويلي ۾ رکيو هئائين.
جڏهن تہ تنهنجي ماءُ کي شهر جي هڪ معمولي پاڙي ۾ گهر وٺي ڏيئي هليو ويو. تنهنجي ڄم ڪانپوءِ ڪجهہ پيرا آيو هو ۽ هن جي وڃڻ ڪانپوءِ تنهنجي ماءُ نوڪري ڪري ۽ ٽيوشن پڙهائي تنهنجو، منهنجو ۽ پنهنجو پيٽ گذر ڪندي پئي اچي...
هاڻ ڪٿي آهي منهنجو پيءُ...؟
رباب تجسس مان پڇيو.
تون سال جي ٿي هئين تہ هن جو ايڪسيڊنٽ ٿيو ۽ هو هميشہ لاءِ هيءَ دنيا ڇڏي هليو ويو.
سچ پچ...؟
رباب وات تي هٿ رکي بيحد روئڻ لڳي... سندس ماءُ بہ کيس روئيندو ڏسي هلي آئي.
امي مون کي معاف ڪجو آئون غلط هئس.
هڪ ڏينهن آئون پنهنجو حق ضرور وٺنديس...
وڙهنديس انهن عورتن لاءِ جن ۾ مرد فرق ڪيو وينا آهن ۽ پنهنجي گهر جي عزت بنائڻ ۾ عيب ٿا محسوس ڪن، پوءِ چو ٿا ڪن شادي اهڙي عورت سان جنهن کي حقيقي جاءِ تي پناهہ نٿي ملي منهنجي پيءُ جيان الائجي ڪيترن مردن ائين ڪيو هوندو...
پر امي هڪ ڏينهن توهان کي مون تي فخر هوندو. هن ماءُ ۽ ناني کي ڀاڪر ۾ ڀري عورت ڪيتري مضبوط آهي هجڻ جو ثبوت ڏنو.
❋❋❋

# شعور
## شاعري

**ڪريم چانڊيو**

شاديءَ جي شرنائي آهي، جاڻان ٿو
هاڻي هوءَ پرائي آهي، جاڻان ٿو
پڙهندي آ ميسيج، نه ورندي ڏيندي آ
هيءَ پيءَ نيم جدائي آهي، جاڻان ٿو
ويندي ويندي ڦاهي ڏيندي ٻانهن جي
انتم هي سنوائي آهي، جاڻان ٿو
مون کان پو متبادل، منهنجو ڳولهيندي
مون کي پڪ اهائي آهي، جاڻان ٿو
خوشبو جي تاثير ٿڌي آ، جيڏل آ
موتي پيڪين آئي آهي جاڻان ٿو
هڪڙو آئون نه تنها منهنجا پائر ڪئين
من من ۾ تنهائي آهي، جاڻان ٿو
تنهنجي وئي کان پوءِ ته باقي پاڙي ۾
ڏوڙ اڏي پئي ڇائي آهي، جاڻان ٿو
بوتل دُردَ گلاس ٻڏائن پيا ڳالهيون
پي ويو رات سوائي آهي، جاڻان ٿو

***

## ”وهم“

**ياسمين جاگيراڻي**

دل جي اٿاهه گهراين سان
من جي پوري سچائي سان
دماغ جي سموري ڌيان سان ڪيل
محبت!
به هڪ ڏينهن بي معنيٰ ٿي پوندي آ
صبح جي پهرين ياد!
رات جو روز ورد ڪيل محبوب
هڪ ڏينهن پرايو ٿي ويندو آ
ڇو ته هن جي وڏي دل ۾
روز نئين محبوبه لاءِ
نئين جڳهه پيدا ٿيندي آ،
وڏن وارن واري عورت کي
وڏي ڳاڏي پسند اچي ويندي آ
هي نئين دنيا آهي
هتي پراڻن جذبن جي ڪا به جڳهه ڪونهي!
ڊسپوزبل ڪراڪري
پورٽيبل فرنيچر
آرٽيفيشل جيولري جي دور ۾
ڪجهه به خانداني ناهي
نه ئي ڏاڏي جي دور جو فرنيچر
نه ئي ڏاڏي ۽ ناني جا خانداني زيور
توهان کي تحفي ۾ ملي سگهن ٿا!
نه ئي توهان جو محبوب
سڄي حياتي توهان جو ٿي سگهي ٿو
توهان کي مجبور ڪيو ويندو ته
پراڻي محبت کي ڊليٽ ڪيو
توهان ڪرب ۾ رهندئو
ڏينهن رات!
ننڊ ۽ جاڳ جي اهڙي حالت ۾
جڏهن توهان کي لڳندو
منهنجي محبت سچ هئي!
منهنجي زندگي جو آخري سچ!
پر توهان کي اهو يقين ڪرڻ تي
مجبور ڪيو ويندو ته اهو
سڀ وقتي هو!
اهو خواب هو!
وساري ڇڏيو!
اڃا زندگي پئي آ
محبت ڪرڻ لئي!
توهان دل شڪسته ٿي
ڊليٽ ڪندئو سڀ ڪمينٽ پيءِ
بلاڪ ڪندئو پراڻي محبت کي
پر اگر توهان جي دماغ ۾
وسارڻ جي طاقت آهي ته
توهان به نئين محبت ڪندئو
ڊجيٽل اسڪريپ،
ڪلائيمينٽ چينج،
سائونڊ پاليوشن
۽ سائيبر ڪچري
سان گڏ واڌارو ڪندئو
جذباتي ڪچري جو
ها پر اگر توهان جي
وسارڻ شڪتي مضبوط نه آهي
ته توهان ان هڪ ئي محبت
جي مليل گلن ۽ گهاون تي زندگي گذاريندئو
۽ انڪار ڪندئو
جذباتي ڪچري وڌائڻ جو.

***

## غزل

**خيال ڪتري**

حوس جا پڄاري ڪهن ننگ پنهنجا
چنن ٽار مان ٿا سدا سنگ پنهنجا
هٿن ساڻ چيري بدن پان پوري
رکيا سوز سوري چپن چنگ پنهنجا
هٽي تير پالا ڪري پونءَ زخمي
وڌائي وِکن کي هنيا ونگ پنهنجا
ڪري ڪِيس ڦهري ڪيو منهن کي ڪارو
پسايا دنيا کي اصل ڍنگ پنهنجا
سڪيو ڪين ڪنهن کي ڏسڻ ٿا ته چاهين
وڌايو وڃن ٿا حدون دنگ پنهنجا
هٽن ٿا چريون سي پيا گڏ جي ڪائين
ڳُڪا چور سچلا ٿيا منگ پنهنجا
رهيو منصفن ۾ ڪرڻ عدل ناهي
نه محفوظ کي هت رهيا انگ پنهنجا
ڏيون غير کي ٿا رڳو ڏوهه ڇا لئه
هٽن نانگ وانگي پيا ڏنگ پنهنجا
شرافت جو ليڪو ٽپيا رئيس ڪتري
ڪري ڏاڍ مڙسي رڱيا رنگ پنهنجا

***

## غزل

**جمشيد حسرت رند**

عشق ڏنو درد ۽ سزا ڪا ڪجي شاعري
نه ملي زماني مان وفا ڪا ڪجي شاعري
اسان شاعر ڪڏهن هئاسين اي شاعري!
دردن ڏني آ صلاح ڪا ڪجي شاعري.
منزل ٿي پئي نهاري رڳو اسان ڏي
ناهي ملي اڃان راهه ڪا ڪجي شاعري
سڪرات به نه آهي پوءِ به الائي ڇو
منجهيل آ اسان جو ساهه ڪا ڪجي شاعري
لڙڪن مان ڳولهيون ٿا پيا ”جمشيد“
حسرت جي دوا ڪا ڪجي شاعري.

***

## وائي

**مظهر علي ميربحر**

ڏک سور ڏسي مايوس نه ٿي
وک کي اڳتي سور
هنن ڏکن جو زندگيءَ منجهان
گهٽجي ويندو زور
وک کي اڳتي سور
مدد ڪندين جي مسڪينن جي
ماڻهو سڏبين مور
وک کي اڳتي سور
پنهنجي جان ۽ مال سمورو
سنڌ امڙ تان گهور
وک کي اڳتي سور
ماڻهو، لتاڙي هليا ويندئي
جي ٿيندين ڪمزور
وک کي اڳتي سور

***

# پينٽنگ





## امير سيال

ولد غلام علي سيال دربيلو سيد الهندو شاهه ۾ جنم ورتو، جتي ڪوبہ آرٽ انسٽيٽيوٽ موجود نہ آهي. سندس والد پوليس ڪانسٽيبل هو ۽ پوليس ۾ نوڪري ملڻ کان اڳ هڪ هاريءَ طور ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندو هو ۽ هو بہ پنهنجي والد سان گڏ ٻنيءَ ۾ ڪم ڪندو هو. هن پرائمري تعليم گورنمينٽ اسڪول سچل ڳوٺ مان حاصل ڪئي. هڪ ڪارٽونسٽ ڇوڪريءَ کان متاثر ٿي هن ڪارٽون ٺاهڻ شروع ڪيا. ڪيس ڊرائنگ سکڻ جو شوق بہ هو ۽ خداداد صلاحيت بہ مليل هئي. هو ميٽرڪ ڪانپوءِ مالي مسئلن سبب تعليم جاري رکي نہ سگهيو ۽ آخرڪار آرٽس انسٽيٽيوٽ پاڪستان آرٽ ڪائونسل ڪراچي ۾ داخلا ورتي. هو ڪيترين ئي نمائشن ۾ حصو وٺي چڪو آهي ۽ هيستائين هن ڪيترين ئي آرٽ گيلرين ۾ پنهنجي فن جي نمائش ڪئي آهي. ڪيس ڪيترائي سرٽيفڪيٽ ۽ ايوارڊ بہ ملي چڪا آهن.

***

# همسري

پبليڪيشن ۾ توهان ڇپرائي سگهو ٿا
سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتاب
معياري پروف ۽ مناسب قيمت ۾




## همسري پبليڪيشن حيدرآباد

022-3820363 022-3820363 humsari.sindh.pk@gmail.com humsari.com